رب زدني علماً

M.H. Panhwar Trust Library

دولهه درازي

سوانح حيات حضرت سچل سرمست عليه الرحمة

اين سخن عشق است نئي از شاعريست
كئي خسان دانند ايـــن اشعارها (سرمست)

مؤلف
قاضي علي اڪبر علي محمد باڪرو

چپائيندڙ
سچل ڪوآپريٽو ائڪيڊمي لميٽيڊ خيرپور

[دفعو پهريون] سال ۱۹۶۱ع [جلد، ۾ هزار

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

حق واسطا قائم قيمت چار روپيه

مقبول احمد پتي
کوآپريٽو پرنٽنگ پريس،
رسالہ روڈ، حيدرآباد ۾ ڇاپيو،
۽ مسٽر هادي بخش لاڙڪ، جنرل سيڪريٽري
سچل سرمست کوآپريٽو اڪيڈمي لميٽيڈ،
خيرپور ميرس، مان شايع ڪيو.

M.H. Panhwar Trust Library

پيش لفظ

سچل سرمست جي سوانح نگارن جيڪي ٻ ڪتاب "سچل سرمست" جي نالي سان لکيا آهن يا انهن ۾ پنهنجا ليک ڏنا آهن تن ۾ اڪثر اٽپوريون حقيقتون درج ٿيل آهن جنهن جي مطالع ڪرڻ سان دل هميشه بي چين ۽ بي قرار رهندي آئي ٿي، تنهن ڪري دوباره صحيح نموني ۾ سوانح حيات لکڻ جو خيال دل ۾ پيدا ٿيو. هڪ ڏينهن پياري خليفہ اعظم سردار بهادر محمد بخش سان سندس عبادت گاه ۾ انهيءَ باري ۾ مشورو ڪيو ويو. مرحوم مغفور خنده پيشاني سان ڪتاب لکڻ لاءِ همت افزائي ڪئي، مگر افسوس هن ستت ئي رحلت ڪئي. مرحوم مغفور جي وصيت کي سر انجام ڪرڻ لاءِ هيءَ ڪتاب لکي پورو ڪيو ويو. جئن جو هيءَ ڪتاب سندس ياد تازي ڪرڻ جي ارادي سان لکيو ويو آهي تنهن ڪري هن جو ثواب ٻ سندس روح پر فتوح کي بخشيو وڃي ٿو.

سندس سوانح حيات تمام مختصر نموني ۾ ڪتاب جي آخر ۾ ڏيکاريل آهي.

شڪر گذاري

درگاه شريف جي پياري خليفہ صاحب فقير روشن ضمير ميان رجب علي جي شڪر گذاري ڪجي ٿي جنهن جي رياض تان هن ڪتاب لکڻ ۾ گهڻي مدد ورتل آهي. ازآن سواءِ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ صاحب، خان بهادر محمد صديق صاحب، ۽ مخدوم غلام حيدر صاحب هالا جي پڻ شڪرگذاري ڪجي ٿي جو انهن صاحبن جي تصنيفات تان پڻ مدد ورتي ويئي آهي.

آخر ۾ برادرم محترم شيخ رحيم بخش صاحب، پريزيڊنٽ ۽ مسٽر هادي بخش صاحب لاڙڪي، جنرل سيڪريٽري، سچل ڪوآپريٽو ائڪيڊمي ۽ جملا ميمبر صاحبان سچل ڪوآپريٽو ائڪيڊمي جي شڪرگذاري ڪجي ٿي جن صاحبن ائڪيڊمي جي طرفان هن ڪتاب جي ڇپائي جو خرچ منظور ڪرڻ فرمايو آهي.

الفقير

قاضي علي اڪبر، روهڙي

د راز شريف جي فاروقي خاندان جو شجره


خواجہ محمد حافظ عرف خواجہ صاحبڈنہ موراکی
۳۷ پشت حضرت فاروق اعظم
۲- خواجہ عبدالحق اول
خواجہ صلاح الدین
۳- سخي قبول محمد اول
سلطان العاشقین سچل سرمست
(لاولد)
۴- خواجہ نظر محمد
۵- خواجہ نجم الدین
۶- سخي قبول محمد دوم
۷- سائین صاحبڈنہ دوم
۸- سخي قبول محمد سوم
(لاولد)
۹- خواجہ عبدالحق دوم
موجوده سجاده نشین صاحب

نوٽ - درگاه شريف جي اهم جاين جو تعارف ۽ مزار شريفن جو ذکر ڪتاب جي آخر ۾ ڏيکاريل آهي .

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سچل سرمست جي سنڌ کي دعا

پورب سندي پار جا — ڪڪر ڪارونھار
وڃن ۽ وَڃن سان — ڇڙهي ٽيا چوڌار
آبيءَ کي آبيندي — لڌون سنڌڙيءَ سار
سُڪر سڌاوا ٽيا — وڌيا واه واپار
ساوا ٿيا سنگهار — مولا سندي مهر سان.

—

سوانح حیات

شمس العارفین سرتاج العاشقین منصور آخر زمان

حضرت سچل سرمست علیہ العشق

ڪلام بيدل سائين

خراج عقيدت بدرگاه عشق

عشق جو شاه درازن ۾ — عجب اسرار هو
مست سالڪ ۽ سڄن — عارف اتي اظهار هو
هره جي هرسات جو — تهن ويرتي وسڪار هو
ظاهر و باطن تهين وٽ — درد جو ڏڏڪار هو
وجد وحدت جو سدا — خاصو تهين وٽ خمار هو
مرد سو منصور وانگر — عشق جو او تار هو
منجهه سخن تهن جي الوهيت سندو آڌار هو
جنگ جذبي جوش مستي — ۽ مثل عطار هو
پنهنجي راڻي سان پرين — نوي وره نروار هو
ٻوءِ وصل جي موج ماڻي — ذوق کان ڏڪار هو
طور هارهن سو ٻائيتاليهن ۽ تيار هو
چوڏهين رمضان جي — هادي پاڻ هسوار هو
قربدارن جي ڪڪ ۽ — مرد منصب دار هو
در تهين داتا جي بيدل — پرت جو پيار هو

—

بسم الله الرحمان الرحيم

سڀ حمد و ثنا، تعريف ۽ توصيف انهيءَ ذات پاڪ لايزال، بي مثل بي مثال، سبحانه و تعالىٰ کي جڳائي جنهن پنهنجي محبوب مدني، سرور ڪائنات، فخر موجودات، حضرت رسول مقبول صلي الله عليه و سلم جي عشق جي غلبه جي لولاڪ لماخلقت الافلاڪ فرمائي، حضرت انسان ڪي ظهور ۾ آڻي، الانسان سري و اناسره فرمائي پنهنجي اسرارن سان معمور ۽ مخمور ڪيو ۽ حضرت عشق جي خلعت عطا فرمائي، جئن جو اردو ۾ شعر آهي :-

"درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو
ورنہ طاعت کے لئے کچھ کم نہ تھے کروبیان"

۽ و نفخت فيه من روحي (مان هن [آدم] ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو) جو ارشاد فرمائي پنهنجي نور جو ظهور ڪيو. جئن حديث شريف ۾ فرمايل آهي :-

آنامين نور الله و الخلق ڪُلهم من نوري

معنىٰ : مان الله جي نور مان پيدا ٿيل آهيان ۽ منهنجي نور مان ساري مخلوق پيدا ٿيل آهي.

انهيءَ نور اطهر جي سرچشمه مان ڪيئي مرد مجاهد فيض ور ٿي اصليت جي معراج کي رسيا. آنهن برگزيده هستين مان سلطان العاشقين سرتاج الشعرا سچل سرمست جي ذات بابرڪات به هڪ اعلىٰ هستي آهي جنهن جو وجود مسعود حق جي طالبن لاءِ رحمت ايزدي ۽ مشعل راه آهي.

سر مست درازيءَ جو اصل نسل

هي اعليٰ مراتب ۽ پر عظمت خاندان عرب جي مقدس ملڪ جي اعليٰ ۽ ممتاز قبيلہ قريش جي سر سبز ۽ ثمردار شاخ آهي. هن خاندان جو سلسلہ حسب نسب اميرالمومنين حضرت عمر بن الخطاب فاروق اعظم رضي الله عنہ کان شروع ٿئي ٿو، جنهن جو ڏاڏنگ ۽ حضرت رسول مقبول صلي الله عليہ وسلم جو ڏاڏنگ نائين ٻيڑهي ۾ ڪعب کان شروع ٿئي ٿو. هو حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو سهرو ۽ اميرالمومنين امام المتقين حضرت علي المرتضيٰ ڪرم الله وجہ جو داماد هو. سندس زوجہ محترمہ جو اسم مبارڪ حضرت بي بي ام ڪلثوم هو جا حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين صلوات و سلام جي همشيره صاحبہ هئي.

سلسلہ درگاهہ شريف

درگاهہ عاليجاه درازشريف جو سلسلو حضرت خواجہ محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنو بلقب سوراڳي عليہ الرحمہ کان شروع ٿئي ٿو جو اميرالمومنين حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جي ٣٧ پشت مان هو.

هي خاندان سنہ ٩٣ هجري ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيو. جڏهن غازي محمد بن قاسم سنڌ تي چڙهائي ڪئي هئي تڏهن هن سان گڏ شيخ شهاب الدين بن شيخ عبدالعزيز بن شيخ عبدالله بن حضرت عمر فاروق مشير اعليٰ جي حيثيت ۾ اسلامي حڪومت جي طرفان موڪليو ويو هو. شيخ شهاب الدين جي عالي تدبير ۽ نيڪ مشوري سان غازي محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن هنڪي سنڌ فتح ڪرڻ بعد سيوستان يعنيٰ سيوهڻ جو حاڪم اعليٰ مقرر ڪيو. اهڙي طرح سر زمين سنڌ تي پهرئين مسلمان حاڪم هجڻ جو سهرو شيخ شهاب الدين

جي سر مبارڪ تي آهي. پاڻ سيوهڻ کي دارالحڪومت مقرر ڪري آتي سڪونت پذير ٿيو.

سندس اعليٰ اخلاقن، خلق محمدي ۽ صوفيانہ فيض جو سنڌ جي اصلي باشندن تي گهرو اثر ٿيو جنهن ڪري اڪثر سيٽي قومون جوق در جوق مشرف باسلام ٿيندي رهيون ۽ توحيد ۽ معرفت جي فيض سان سيراب ٿيڻ لڳيون، جتان رفته رفته ساري سنڌ بلڪ برصغير پاڪ ۽ هند تي اسلام جي لافاني روشني چانڻجي ويئي. اهڙي طرح هن خطہ ۾ اسلام جي هج پوکڻ واري سندس ذات بابرڪات ئي آهي. پاڻ صاحب ڪمال ٿيو آهي جنهن ڪري ئي سندس لقب شيخ آهي. هن سال ۹۹۰هـ ۾ وصال ڪيو.

شيخ شهاب الدين جي وصال بعد سندس فرزند شيخ محمد سنڌ جو حاڪم ٿيو. اهڙي طرح سندس اولاد منجهان پشت بہ پشت سنہ ۱۰۲۷ هجري تائين سنڌ جا حاڪم ٿيندا آيا. عيسوي سنہ ۱۶۱۷ ڪان پوءِ هيءَ اعليٰ خاندان دنيوي معاملات ڪان فارغ البال ٿي سمورو وقت عشق الاهي ۾ مشغول رهيو ۽ وڏيون رياضتون ۽ مجاهدا ڪري ڪمال عروج کي پهتو. دنيوي معاملات ڪان فراغت حاصل ڪرڻ بعد سيوهڻ شهر کي بہ خير باد چئي هن خاندان ڏکڻ سنڌ طرف رخ ڪيو ۽ ڪجهہ وقت مختلف هنڌن تي رهايش اختيار ڪئي، تان جو ٽر بہ وڃي وسايائون ۽ ڏٺ تي گذران ڪندا رهيا. وري آتر سنڌ طرف رخ ڪيائون ۽ ڪاهندي ڪاهندي وڃ تي ٽاڪ ڪندي رياست خيرپور ۾ جتي هينئر درگاهہ شريف دراز آهي، مستقل ديرو ڪيائون. هن خاندان جا ڪيئي چشم و چراغ صاحب ڪمال بنهنجي پنهنجي وقت جا شيخ ۽ مخدوم ٿيا آهن. هن عاليٰ رتبہ خاندان جي افضل ۽ اڪمل هستين مان حضرت خواجہ محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنہ سوراڳي هن درگاهہ شريف جي سلسلي جو باني آهي.

ولادت با سعادت خواجہ محمد حافظ

شمس العارفين سراج السالكين حضرت خواجہ محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنو سنہ ۱۱۰۱ هجري ۾ هن ناسوتي دنيا ۾ جلوه پذير ٿيو. سندس ننڍي هوندي جو پيار جو اسم مبارڪ صاحبڏنو آهي جو پوءِ ۾ استعمال ٿيندو رهيو ۽ ڪلامن ۾ اهو اسم مبارڪ بجاءِ تخلص جي ڪم آندل آهي.

آغاز وقت ۾ پاڻ سنڌ جي وقت جي حاڪم طرفان اعليٰ عهدي تي فائز هيو. باوجود دنيوي مشاغل جي سندس دلي رجحان شروعات کان ئي حقيقي طرف هئي. آخر مٿس فضل الاهي جي پالوٽ ٿي ۽ عشق الاهي جو سارو سمنڊ سندس سينيءَ اندر سمائجي ويو، جنهن سندس ڪلام منجهان ظاهر آهي:

ڪن جو نينهن نهر سان، ڪن د پايا د رياه
صاحبڏنو جي ساه، سارا سمنڊ سمايا.

—

پاڻ پنهنجو پاڻ ۾- جن پسيو نا پيهي
صاحبڏنو صورت جي- ڪل تنهي ڪيهي؟
تن وهامي ويئي- چپ چٽيندي راتڙي.

—

ڪي ٻڏن ساڻ ٻڏجي ويا- ڪي چريا منجهه چاه
صاحبڏنو جي ساه- سارا ورق ورايا.

—

مذڪور آيل آهي تہ دنيوي عهد حڪومت ۾ ڪنهن وقت حضرت خواجہ محمد حافظ گهوڙي تي سوار ٿي جهنگل مان ڪنهن طرف وڃي رهيو هوتہ رستي ۾ ڪوٽڙي ۽ ڏيون ڪوٽ وچ ۾ هڪ عورت سندس گهوڙي جي واڳ پڪڙي رستو روڪي بيٺي ۽ ڪيس چيائين تہ "اي مردِ خدا! او هانڪي

بارگاه ايزدي منجهان حقيقي عشق جي بادشاهي ملي آهي، تنهن ڪري پونتي موڙو ۽ دنيوي حڪومت ڪي خيرباد چئي حقيقي بادشاهي سنياريو. اوهانکي حقيقي بادشاه ڪهڙي ٿو. اوهان وري ڪيڏانهن هليا آهيو؟"

حقيقي بادشاه عزوجل جو اهو ارشاد ٻيندي ئي خواجه محمد حافظ تي بيخودي جو حال طاري ٿيو ۽ مولىٰ پاڪ جي عشق ۽ محبت ۾ مستانن وانگر جهنگل ۾ جتي هيئڙو درگاه شريف آهي، شينهن جي جُر ۾ چلہ ۾ اچي ويٹو ۽ لڳاتار چاليهہ چاليها عشق الاهي ۾ غريق رهي، عشق ۽ عرفان جو سموريون منزلون طئي ڪيون. چاليهہ چاليها معنيٰ چار سال پنج مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن، سواءِ ڪنهن غذا جي هڪ هنڊ ويهي رهہ منجهان سندس منزل جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ايڏو مجاهدو ۽ ضرور ڪا معنيٰ رکي ٿو. چلہ واري جاءِ تي گهاٽو جهنگ هو، جتي شير ۽ درندا رهندا هئا، ليڪن اڪيان ۽ غازي مرد مولىٰ جو شير هو جو ڪاب پرواهہ نہ ڪري عشق مولىٰ پاڪ ۾ محو ۽ مستغرق رهيو.

مٿيون پيغام محبوب حقيقي جو هن عاشق ازلي ڪي پهچائيندڙ نبي بي رابعہ بصري هئي.

سبحان‌الله - پيغام موڪليندڙ شهنشاه حقيقي، جنهن ڏهڙي جليل القدر هستي ڪي جنهن ڏانهن قاصد ڪري موڪليو تنهن جو ڪيڏو نہ اعليٰ ۽ افضل رتبو هوندو؟

مٿين واقع ڪي سچل سرمست پنهنجي راز نامہ ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:-

١- نام جد من مشتهر صاحبڈنہ - بهم محمد حافظ است در سلسله
٢- روز يک مي رفت بيرون از شهر - بود خواجه بر تماشائے دگر
٣- درميانہ کوتري و ديونہ - ديد يک ديوانہ زن بد برهنہ

٤- بي بي بصري بود ظاهر نام او- كس نمي دانست او را تار مو
٥- ناگهان ديوانه زن پيشش رسيد- گفت با آن و آهي كشيد
٦- بشنو از من راز اي مرد خدا- آن خدا در كار تو، تو تا كجا
٧- بيتها سندي بگفته از زبان- آن به پيش تو، همي سازم عيان

١- چري كري بصري كري تا كر نانهن
وٹي پرائي وهان ۽- تنجو هينڙو تا هٹن ٹيو.
٢- جيڏان گهٹو جگ ۾- پر جسم نہ جيڏن ڏي
باب نہ پڙهج بي- هج الود و الف سين.
٣- ورَ سان وجهيو كاڻ- خرَ سان كليو سمهين
آيل هي ۽ اهجاڻ- جو كن چڏي تهه آبهين!

٨- از شنيده خواجه آن بيخود شده- باز پس گرديد عاشق حد شده
٩- پارچه عمامه را از سر كشيد- جرعه از ميخانه محبت چشيد
١٠- آمده بشگافت جهنگل گوشه بافت- جز محبت هرچه بدروئي بتافت
١١- چهل چله اندران بيشه كشيد- بعد مدت شاه عبيدالله رسيد

معنيٰ— منهنجي ڏاڏي جو نالو صاحبڏنو مشهور آهي، يڻ محمد حافظ نالو سلسلہ ۾ آهي.
٢- هك ڏينهن شهر كان باهر ٹي ويو ۽ بزرگ پي كنهن شغل ۾ مشغول هو.
٣- كوٹڙي ۽ ڏيون كوٹ جي وچ ۾ هك ديواني عورت ڏٹائين جا ننگي هئي.
٤- آنجو نالو رابعہ بصري هو جنهن كي كنهن كين ٹي سڃاتو.
٥- اوچتو ديواني عورت سندس اڳيان آئي ۽ آه كڍي خواجه صاحب كي چيائين.
٦- اي مرد خدا جا مون كان هك مخفي گالهه ٻڌ- خداوند تنهنجي كم ۾ لڳل آهي ۽ تون كاڏي؟

۷- سنڌي زبان ۾ هڪ بيت چيائين جو مان او هان جي اڳيان پيش ڪيان ٿو.

۸- انهي ٻڌڻ سان خواجہ بيخود ٿي ويو ۽ آن ڪان پوءِ حق جو عاشق ٿيو.

۹- دستار مٿي تان لاٿائين ۽ محبت جي ميخانہ مان سُرڪي چڪيائين.

۱۰- جهنگل ۾ اچي تنهائي اختيار ڪيائين ۽ محبت ڪانسواءِ هي سڀ ڪاليھ ڪان منهن موڙيائين.

۱۱- چاليھ چالها انهيءَ جهنگ ۾ ڪڍيائين - چاليھ چاليھن جي مدت گذرڻ بعد شاه عبدالله اچي وارد ٿيو.

(نوٽ ــ ڪوڙي ۽ ڏيون ۽ ڪوٽ تعلق ڪنڊياري ۾ رياست جي دنگ تي آهن.)

چاليھ چاليھن جي مدد گذرڻ بعد حضرت غوث‌الثقلين شاه محي الدين جيلاني محبوب رباني سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سره جي پشت منجهان حضرت خواجہ عبيدالله جيلاني رحمت الله عليہ پنهنجي جد امجد جي ارشاد موجب حضرت خواجہ محمد حافظ وٽ اچي تشريف فرما ٿيو ۽ چلہ واري جاءِ جي مٿان بيهي سڏ ڪري فرمايو تہ هينئر گدرو پچي راس ٿيو آهي ۽ اوهان عشق الاهي جي بٽيءَ ۾ پچي لعل ٿيا آهيو. اوهان آڏي تہ ڪمائي ڪئي آهي جو روز قيامت تائين هي عشق جي مند دائم و قائم ۽ روزون روز سوائي رهندي. جڏن سچل سرمست جو شعر آهي:-

آھ اچي ڏس عشق سچل جو، روزون روز سوايو آ!

۽ وڌيڪ فرمايو تہ اوهان عشق الاهي جي نار تي رڪ جو ڏينگو، رڪ جي مالھ ۽ رڪ جون لوٽيون مطلب

ته سمورو رڪ جو ايٽ چاڙهيو آهي جيڪو ان کي گيڙو ڏيندو سو عشق جو شهنشاه ٿيندو. هينئر چلہ کان باهر اچو ته عشق مولىٰ پاڪ جون رهاڻيون ڪيون. خواجہ صاحب آواز ٻڌڻ شرط باهر نڪري آيو ۽ باادب اڇي سامهون ويٺو. خواجہ عبيدالله شاه جيلاني مٿس توجہ فرمايو ۽ فيض الاهي جي پالوٽ عطا فرمائي ۽ اظهار ڪيو ته اهو فيض ساڳيو آهي جو اوهان جي جد امجد خواجہ ابوسعيد فاروقي اسان جي جد امجد تي عطا فرمايو هو. ياد رکڻ گهرجي ته حضرت محبوب سبحاني غوث صمداني سيد عبدالقادر جيلاني تي آخرين فيض خواجہ ابوسعيد صاحب فاروقي جو عطا ٿيل هو. خواجہ محمد حافظ حضرت خواجہ شاه عبيدالله جيلاني جي بيعت ڪئي. پاڻ مٿس ڪمال نوازش ۽ شفقت فيض جي عطا فرمائي جو سندس فيض عالي ۽ ڪان خواجہ محمد حافظ اڪمل عاشق ۽ عارف بالله ٿيو آهي ۽ سمورا راز رموز ۽ اسرار عشق جا ڪوليا آهن.

ذڪر آيل آهي ته جڏهن خواجہ محمد حافظ چلہ ڪشي ۾ هو تڏهن امام العاشقين سرتاج الفقرا حضرت علي مشڪل ڪشا مظهرالعجائب و الغرائب چلہ واري ۽ جاءَ تي باطن ۾ تشريف فرمائي هئي ۽ خواجہ حافظ سائين تي فيض الاهي جي پلٽ فرمائي هئي ۽ ڪيس سمورو علم الاهي عطا فرمايو ۽ اهو فيض اهو آهي جو هن وقت تائين منور آفتاب وانگر چمڪي رهيو آهي-

حضرت سرمست پنهنجي تصنيف "رازنامہ" ۾ حضرت خواجہ عبيدالله جيلاني، بنسبت هيٺين طرح فرمايو آهي :-

١- چهل چلہ اندران بيشہ ڪشيد- بعد مدت شاه عبيدالله رسيد
٢- دست بيعت خواجہ را داد آن زمان- ڪشف بخشيداز مڪان تا لامڪان
٣- سرّ وحدت حق باو اعيان نمود- بردلش حسن جاناں راڪشيد

شهر تي ۽ جاري ٿيو جيئن جو سيد مير جان الله شاه جو وڏ و
ڪامل اڪمل اولياءَ آهي سو شاه عنايت الله صوفي جو خاص
خليفو هو ۽ مير جان الله جو خاص خليفو سائين بيدل بادشاه
آهي ۽ سائين بيدل بادشاه جا خاص خليفہ سائين نواب شاه
ساڪن روهڙي ۽ سيد الله او باهيہ شاه ساڪن ٽرڙي ٽي گذريا
آهن. سائين رڪيل شاه ۽ سائين چيزل شاه پڻ شاه عنايت الله
صوفي جا مريد آهن.

خواجہ محمد حافظ جو شعر ۽ شاعري

حضرت خواجہ محمد حافظ نهايت مؤثر ۽ پر درد و سوز
۽ حقيقت سان پر پور شعر چيو آهي جو هن وقت بہ ڪافين،
بيتن، مداحن جي صورت ۾ سنڌيءَ ۽ سرائڪي پولي ۾ ملي
ٿو. اغلبي واري عام مشهور مداح بہ سندس چيل آهي جا
مقبول بارگاه ايزدي ۾ آهي جو هر خاص و عام جو ورد
آهي ۽ اهڙي پر تاثير آهي جو اڪثر مشڪلات ۾ پڙهڻ سان
مشڪل آسان ٿيو وڃي، جنهن ۾ تخلص صاحبڏنر ڏيڪاريل آهي.

سلسلہ طريقت

خواجہ محمد حافظ جو سلسلہ طريقت قادري آهي ليڪن
سلسلہ چشتي بہ آن سان شامل آهي جو پاڻ سماع بہ ڪرائيندا
هيا، جو رواج اڄ ڏينهن تائين هلندو ٿو اچي. راڳ ساز سرود
جي عام اجازت آهي جو هن درگاه جي روحاني غذا آهي،
حالانڪ بيعت قادري طريقي جي ورتي ويندي آهي. سندس
فيض سان ڪيئي اڪمل عاشق ٿيا جن منجهان فقط هن عاشقن
جو احوال ملي سگهي ٿو. هڪ چنيه فقير ۽ پيو مولیڏنر فقير
جي ٻڌي ڪمالیت جا صاحب آهن. (نوٽ- قادري طريقو
سيد عبدالقادر جيلاني جي اسرگرامي ڏانهن منسوب ٿيل آهي.)

ابدي وصال

خواجہ محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنہ ۹۱ سال هن فاني دنيا ۾ رهي آنکي آفتاب فيض سان منور ڪري سنہ ۱۱۹۲ هجري ۾ ابدي وصال ماڻيو. ڪيس ۾ فرزند هيا - حضرت خواجہ صلاح الدين ۽ پيو خواجہ عبدالحق - خواجہ عبدالحق، شاہ عبيدالله جيلاني جي ارشاد مطابق مسند نشين ٿيو - خواجہ محمد حافظ جا مثال طور ۾ ڪلام هيٺ ڏيکارجن ٿا:

ڪلام سائين صاحبڏنہ (صنعت اقتباس)

(سرتلنگ)

ٽل - ووڙيان چو وٽڪار - جيڏيون آهي جيءَ ۾
۱- صحي سڃاتم سرتيون - دل ۾ آه دلدار
۲- ڪاڪيون آهي قلوب ۾ - ڪيچ ڏٺي ڪوهيار
۳- ناحق وندر چو وڃان - پاڪ ۾ آه پتار
۴- وَنَحنُ اَقرَبُ ويجهڙو - لڏم لعلن يار
۵- وفي اَنفسكُم تي - اديون ڪيم اعتبار
۶- ساهڙن اوڏو سپرين - ڪوه پچان پيو پار
۷- صاحبڏنہ سمجهو - تن اندر تڪرار

ڪلام ديگر: سرتلنگ (صنعت اقتباس)

ٽل - غافل ٿي نہ گذار عاشق روز ازل جا - واحد ڪي نہ وسار
۱- صيقل سان شاءَ ذڪر جي - اندر قلب اجار
لنو لنو منجهہ ثناءَ پرين جو - ديکين تان ديدار
۲- فَاذكُرونِي اَذكُركُم - ٻاهر نہ پاکار
ياد ڪندن کي ياد ڪريٿو - ثابت صدق ٻيهار

٣- ترس نہ توکل جو ہڏ تڑهو - سر سجڻ کي سڀار
ٻيهي انت بحر عميق ۾ - اعلىٰ امل برآر
٤- صحي سجاتر تہ سانڀ وسي ٿو - شڪ نہ شبهہ شمار
وَ هُوَ مَعَكُم اينمَا كُنتُم - ٻيهي ڏس پاتار
٥- مَنْ كُلّه مولا فَلَه الكُلّ - ٻيهي ڏس پاتار
هوت گڏ يو جن يار يگانو - حاصل تن هاڪار
٦- صاحبڏ نہ سمجهہ صحي سڙ - پاڙون ٽڪر تار
لَيس في الدارين الاّ هو - ٻوڙ مَ ٻي ڪنهن پار

ڪافي

ٽل - هڪڙو من جو موهن مونسان ميلي ميلي، ٻي خلق ساري ڪيلي ڪيلي
١- سهڻل سائين تنهنجا سوين تہ سپاهي - شوقن جي توسان هلي نہ شاهي
ٿو ر عجائب چلي چلي
٢- عيش خوشيون آرام سڀئي - سي تہ چڏ ياسي ڏيهہ ڪي ڏيئي
عشق ڪيو سي بلي بلي
٣- صاحبڏ نہ اڪسير اسانوٽ - عشق وارن جو امير اسانوٽ
سور نہ ٻي ڪنهن سلي سلي

ڪلام (وحدت الوجود)

ٽل- صورت بشري ڪرڪي بهانا- هر رنگ دي وچ رنگڑا رچايم
١- يعقوب هوڪي پٽڑا چايم - يوسف اپنا نام ڌرايم-
آپ ڪو آپي ڪوهي پايم- قيدي هوڪي درڪنعان-
آپي اپنا مُلهہ چڪايم
٢- حيدر بن ڪي حملا ڪتيم- هوڪي حسن سڻ زهر چا پيتم-
نال نيازي دي نالڑا نيتم- چوڙ مدينہ ملڪ مڪان
ڪربل دي وچ ڪنڊڑا ڪايم
٣- ڪڏ هان شريعت دي وچ شادي- ڪڏانهن معرفت ڪران منادي-
ڪڏ هان حقيقت دا هان هادي

ڪڏهان طريقت ڪر طومان- هر مظهر وچ حڪم هلايم

٤- مخفي ۾ سڻ هون ظاهر ۾ سڻ هون- ناظر تي منظور ۾ سڻ هون
تجلي ۾ سڻ هون طور ۾ سڻ هون-سوسيءَ نون چاڪر مستان-
صاحبڏنہ ايهو نام سڏايم

ذاتيءَ جي ذڪر ۾ - جن وڃائي هستي
دوست ويهاري دل ۾- وسائون و ستي
تني تي پٽي مستي- صاحبڏنہ حال حلاج جي

ڪلام (صنعت اقتباس)

١ل- لاَ يُضِع اللّٰهُ فِي الدار ين آجـر الْمحسنين -
ماسو اللّٰه محو ڪر سمجھ سالڪ سائ يقين-
- لَنْ تنالوالبر حتىٰ تُنفقون، آئي طالبن-
سِر صَدق صد بارڪر تاتون ٿئين اڄ عاشقين-
٢- نفس نافرمان جو تابع نہ ٿيءَ اي تابعين-
آقتلوا في حب ذات اللّٰه آنتُم عارفين-
٣- چڏ دنيا جي دوستي وڃ راه رب العالمين-
تا ٿئي ٿي جاءِ جنت، فَدخلوها خالدين-
٤- عشق بازي جان گذاري سِر ڏيئ ڪم صادقين-
هي نہ ترسيا توءَ ڏسي آهي مست مولا جا مُتقين-
٥- گم ٿيئ گوندر گذارڻ مرگ مايا مُتقين-
سي ٿيا صاحبڏنہ وحدت يـگانا واصلين-

ملان جي محبت جي وٽي هڪ پٽين
چڏي مڪتب مار ڪعہ سر سو ليءَ تي ڏئين

30/07/2017

رئ سڪ صاحبڏنہ چوي - جي ڪوڙين پڙهين ڪتاب
پڇي غير گناه کان - توڙي سوين ڪرين ثواب
اٿي سپ حجاب - رئ سڪ صاحبڏنہ چوي

ڪلام

ٽل- سور سختيون سالڪن ڏي - محب مهمانيون مڪا
١- اهنج اوکيون عاشقن ڏي - يار مزمانيون مڪا
١- ذڪريا جرجيس يحيٰي سي هيا پرتئون پڪا
نا مڙيا منصور جيان- توڙي ٽيا تولا ٽيڪا
٢- آج نہ اوڏي عاشقن کي- بکـــ بيراگن نانهہ ڪا
جيڪي وحدتي واصل ٽيا - سي وتن لاهوتي لڪا
٣- ڪم نہ آهي ڪودڪن جو- ٻره پر هت بات ڪا
سر ڏيڻ سوليءَ چڙهڻ- عاشقن ڏوٿا ڏڪا
٤- صاحبڏنہ سڪ سوز رئ - پي نہ ولجاڻہ راه ڪا
اسر رئ الله جي- هولي نہ هولج هي نڪا

آدم آهي چوڻ پر - نہ تہ آهي پاڻ الله
سر پرئون ساه - صاحبڏنہ صحي ڪيو.

سوانح حيات

شمس‌العارفين حضرت پير خواجہ عبدالحق صاحب

حضرت خواجہ محمد حافظ جي وصال بعد سندس نندو فرزند خواجہ پير عبدالحق سنہ ١١٩٢ هجري پر مسند نشين ٿيو جو حضرت سچل سرمست جو چاچو ۽ مرشد هيو. سندس ولادت باسعادت سنہ ١١٢٠ع هجري پر ٿي. هو ظاهر ۽ باطن

جي علم جو بحر بي پايان هو جنهن ڪري سندس سهرت دور دراز ملڪن تائين پهتل هئي. ايتري قدر جو عرب ۽ ايران ۾ به سندس فتوائون گهرايون ويندیون هيون. سندس وقت ۾ دراز شهر علم جو مرڪز هو. سندس شهره آفاق فيض کان ڪيئي طالب حق جا فيضياب ٿيا جي وقت جا ڪامل اڪمل، عاشق ۽ عارف ٿي گذريا آهن. اول دٗريڪتا و گوهر بينظير سلطان عاشقين حضرت حافظ عبدالوهاب المعروف سچل سرمست جو سندس خليفه به هيو. (٢) فقير نانڪ يوسف (٣) فقير ميان محمد صالح قادري لاڙڪاڻه (٤) فقير ميان محمد صلاح پيو ساڪن دونهون لڳ روهڙي (٥) فقير صاحب هزهائينس مير علي مردان خان تالپر والي رياست خيرپور، حالانڪ ميان سيئي طالب حضرت سچل سرمسڪ جا ٻالڪا سڏ با آهن. آنجو باعث هيءَ آهي ته سيئي بيعت خواجه عبدالحق جي ڪئي هئي، جيئن جو پير مغان خواجه عبدالله شاه جيلاني جو ارشاد مبارڪ هيو. سچل سرمست پاڻ بيعت نه ورتندو هيو بلڪ جيڪو طالب حق جو سندس خدمت ۾ بيعت لاءِ ايندو هو، تنهنڪي سجاده نشين صاحب ڏانهن رجوع ڪندو هو جو توجه فيض جو فرمائي سرمست دولهه جي سپرد ڪندو هو ته هو آنهن جي راهنمائي ڪندو رهي، تنهن ڪري آهي سيئي طالب سرمست جي خدمت بابرڪت ۾ رهندا هيا. سندس صحبت ۽ رهبريءَ آنهن کي وقت جو دٗريڪانو، ڪامل اڪمل عاشق ڪري چڏيو جن جون هن وقت به اعليٰ درگاهون موجود آهن ۽ آهي به مريدن خادمن وارا آهن. نئين زندگيءَ ماه نومبر ۾ مولانا قاسمي صاحب لکيو آهي ته فقير محمد صالح خواجه عبدالحق جو مريد هو ۽ سچل سرمست جو پير پائي هيو. خواجه عبدالحق جو مريد برابر هو، مگر سچل سرمست جو ٻالڪو هو. خواجه عبدالحق مريد ڪرڻ بعد انهيءَ مريد جو بازو سچل سرمست جي حوالي ڪندو هو، ته هو هن جي

فقيري طريقي موجب مرشد جي برابر آهي. ان سان پير پائڻ جي حجت رکڻ کمال نامرادي آهي. يقين سان چئجي ٿو ته جيکڏهن کو قادري خاندان جو فرد سوانح حيات لکي ها ته کڏهن به ايهو لفظ کم نه آڻي ها. مؤلف پنهنجو چشم ديد واقعو پيش ڪري ٿو ته حضرت سخي قبول محمد دوم جي ڏينهن ۾ ميان علي محمد قادري صاحب ايندو هو ته کچهريءَ واري جاءِ ٻاهران بوٽ لاهي با ادب اچي سائين بادشاه جن جي قدم بوسي ڪري کٽ جي ڀرسان پٽ تي ويهندو هو. جيکڏهن هو صاحب سچل سرمست کي پنهنجي جدامد جو پير پائي سمجهي ها ته بي ڏڙڪ اچي سخي صاحب سان گڏ کٽ تي چڙهي ويهي ها، پر ان ۾ مولانا صاحب جو قصور آهي. شروع زماني کان وٺي مولوين، عالمن ۽ اديبن جي هن سرد مجاهد سان خدا کارڻ دشمني هئي ۽ اڄ ڏينهن تائين عالمن ۽ اديبن جو گروه سچل سرمست سان پنهنجي طاقت آهر مخالفت جو مظاهرو ڪندو اچي ٿو- عالمن ۽ اديبن جي گروه مان هڪڙو عثمان علي انصاري صاحب ٿي آهي جنهن حق جو ڪلمون پڙهي سرمست جي توصيف ۽ تعريف ڪئي آهي. سچل سرمست کي انهيءَ گروه جا افعال اڳيئي معلوم هوا تنهن ڪري هن اڳيئي پنهنجو پوزيشن صاف ڪري ڏيکاريو آهي :-

ڪلام

ڪو ڪئن چوي ڪو ڪئن چوي - آءٌ جوئي هيان سوئي آهيان-
١- ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي- ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو شاعر چوي ڪو ساحر چوي- آءٌ جوئي آهيان سوئي-
٢- ڪو سنت چوي ڪو پنڊت چوي- ڪو باغ بهار بسنت چوي
ڪو ميراثي ڪلونت چوي - آءٌ جوئي آهيان سوئي-
٣- ڪو صورت ۾ انسان چوي- ڪو شر ڀريو شيطان چوي
ڪو بزرگ ڪو مستان چوي- آءٌ جوئي آهيان سوئي-

۴- ڪوئي رنگ، ڪوئي بيرنگ چوي- ڪوئي مست ومست ملنگ چوي
ڪوئي ننگو، ڪوئي بي ننگ چوي - آڏ جوئي آهيان سوئي-
۵- ڪو خاص چوي، ڪو عام چوي- ڪو بختو چوي، ڪو خام چوي
ڪو سچل سچو نام چوي - آڏ جوئي آهيان سوئي-

ڪافي

ٽل - تو ڙي پئيءَ لڳي سارو جڳ ،
تب چا ٿيو ناهي مڃتا ۾ مطلب-

۱- نفي سري خفي اخفا - تو ڙي جاري ٿيئي قلب
۲- ڪالهين ڪئي ڪين ٿئي - منصوري منصب
۳- ڪاڻ تماشي ڪيترا - پڃن پار عرب
۴- ڪري ڏيکارين ڪيترو - عالم ڪي به عجب
۵- نفل نمازون ورد وظيفا - ڪو ڙو اهو ڪسب
۶- داڙا دعوت جا ڏرين — ڪري تخيرات طلب
۷- پاڇون عشق الله جي - سچل ٿئي نہ سبب

حضرت خواجہ عبدالحق اعليٰ رتبہ عشق ۽ معرفت جو تابان ۽ درخشان آفتاب آهي جنهن جي فيض عاليہ سان گهٽا پيا ۽ عشق جا آفتاب ٽيا. حضرت سرمست پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ سندس اعليٰ رتبہ ۽ منزل جو اظهار ۽ ثنا خواني ڪئي آهي جن مان هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو جو سرمست پنهنجي پارسي ديوان ۾ فرمايو آهي جنهن ۾ هن پنهنجو تخلص آشڪار ڏيکاريو آهي :

شعر پارسی

۱- يکروز بودم من بخدمت مصطفیٰ- سرورِ ڪونين آن خيرالورا
۲- اينچنين فرمود مارا از ڪرم- جز برخصت پير عبدالحق ميا
۳- از گروهِ خاص اورا کرده ام- جلوه فيضش بود هم جابجا
۴- شان شوڪت پير ما بالا تر است- همچو اوڪس نيست در عالم علا
۵- آشڪارا خاڪ پائے پير باش- تا شوي از دوستيش باد شا

معنيٰ - ١- هڪ ڏينهن ڄاڻ حضرت محمد مصطفيٰ صلعم سرور ڪونين جي خدمت ۾ ويس.

٢- مونکي پنهنجي ڪرم سان ائين فرمايائون تہ تون پير عبدالحق جي اجازت ڪانسواءَ نہ اچ.

٣- پيغمبر صلي الله عليہ وسلم فرمايو: "از گروهِ خاص اورا کرده ام" يعني ڄاڻ هنکي پنهنجي خاص جماعت ڄاڻ بڻايو آهي ۽ هنجو فيض جاريجا آهي- تنهنتي سچل سرمست ٿو چوي:

٤- منهنجي مرشد جو شان و شوکت سڀ کان وڏو آهي ۽ هنجي برابر ڪو جهان ۾ ڪونهي.

٥- آشڪار! تون پنهنجي پير جي پيرن جي پٽي ٿيءَ تہ تون هنجي دوستيءَ کان بادشاه ٿي پوين.

سبحان الله! خواجہ عبدالحق جو ڪهڙو نہ اعليٰ شان چئبو جنهن لاءَ سردار دوجهان مالڪ لولاڪ فرمائي تہ ڄاڻ هنکي پنهنجن خاص ٽولي ڄاڻ بڻايو آهي ۽ هنجو فيض جاريجا آهي! ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سنند دنيا ۽ ٿي سگهي ٿي؟

ذڪر آيل آهي تہ هڪ شخص خواجہ عبدالحق سائين جي خدمت ۾ زيارت کان مشرف ٿيڻ لاءَ آيو- دنيوي ساز و سامان نہ ڏسي هنجي خواهش ٿي تہ جيڪر ڪا قيمتي شيءَ حضور جن وٽ نذرانہ طور پيش ڪئي وڃي جنهن ڪري سندس دنيوي گذر اوقات ڪشادگيءَ سان ٿيندو رهي، تنهن ڪري هن هڪ بيش بها قيمتي پٿر نذرانہ طور خدمت ۾ پيش ڪيو ۽ جيو تہ هيءَ پارس آهي آنجي ذريعي ڪيترو بہ سون بناتڪليف ٺهي سگهي ٿو. پاڻ ڪريمن هڪڙي فقير کي حڪم ڪيو تہ اهو پارس وڃي درگاه شريف جي ڪوه ۾ ڦٽو ڪر. آنهيءَ شخص عرض ڪيو" قبلا! هيءَ پارس هيو. اوهان پاڻ تہ ڪم نہ

لاتو مگر مونکي ۽ هنکان محروم ڪري ڇڏيو - پاڻ مالڪن فقير کي حڪم ڪيو تہ ڪوه کي گيڙ - گيڙ سان پاڻيءَ جي بجاءِ لوڻيون پارسن سان پرجي آيون. هن شخص کي حڪم ڪيائون تہ تون پنهنجو پارس سڃاڻي ڪ - هو شخص حيرت ۾ حيران ٿي ويو ۽ عرض ڪيو تہ حضور جن وٽ دنيا جي ڪمي ڪاڻ آهي، مگر پاڻ دنيا کان بي نياز ٻڌيا ويندا آهن!

اهڙي طرح هن اعليٰ مرتبہ شهنشاه ٢١ سال مسند عشق تي جلوه افروز ٿي سنہ ١٢١٣ هجري بمطابق ١٧٩٣ع ابدي وصال ماڻيو. سچل سرمست پنهنجي ديوان آشڪار ۾ پڻ پنهنجي مرشد لاءِ ساڳيو ذڪر ڪيو آهي:

در رضائے دوست صابر شاکران مرد خدا
در نیاز است باهم اما ز دنیا بي نیاز

معنيٰ — الله جي رضا ۾ راضي، صابر ۽ شاڪر آهي. هن جو سيني ۾ان نياز هو مگر دنيا کان بي نياز هو.

سندس شعر

انتخاب طور سندس هڪ نظم جا چند اشعار پيش ڪجن ٿا:-

١- هرچہ بيني زفوق تا عرش علا- هستي ز اوست تا بہ تحت الثرا
٢- ماهي از آب زندگي دارد - ليڪن او غافل است از دريا
٣- غير حق نيست هيچ ڪس موجود - هم عالم از و شده برپا
٤- جلوه لااله الا الله- بيني از ديده دل چون يافت صفا
٥- نيست اشياء بجز معيت حق- غير خورشيد روشني از ڪجا
٦- مظهر اوست هرچہ مي بيني - ڪس نمي داند اين بجز دانا
٧- در دوئي صرف عمر چہ ڪني- شرڪ را دفع ڪن شوي يڪتا

معنيٰ — زمين ڪان آسمان تائين ۽ تحت الثرا تائين جيڪي ڏسين ٿو سڀ هنجي هستي آهي.

٢- مڇي ڪي حياتي دريا کان ملي ٿي، مگر هنکي دريا جي خبر نٿي پوي.

٣- الله کان سواءِ ٻي کا چيز موجود نہ آهي- سارو جهان هن کان پيدا ٿيل آهي.

٤- دل جي اکين سان ڏسڻ ۽ الله کان پوءِ ٻيو ڪجهه نہ آهي ۽ توکي صفائي نظر اچي.

٥- ڪابہ چيز الله جي امر کان باهر نہ آهي- سڄ کان سواءِ روشني ڪٿان ايندي.

٦- جيڪي ٻہ تون ڏسين ٿو سو هڪجو ظهور آهي- مگر عقل واري کان سواءِ ٻي کي خبر نہ آهي.

٧- ساري عمر ٻيائي ۾ ڇو ٿو گنوائين- ٻيائي ڪڍ ۽ هڪ ٿئين يعني پاڻ کي الله سمجهہ.

سوانح حيات حضرت سخي قبول محمد سائين اول

حضرت خواجه عبدالحق جي ابدي وصال بعد سندس وڏو فرزند حضرت سخي قبول محمد اول مسند عشق تي جاءِ نشين ٿيو. سندس ولادت باسعادت سنہ ۱۱۸۱ هجري ۾ ٿي ۽ سنہ ۱۲۱۳ هجري ۾ مسند نشين ٿيو- هو عشق ۽ عرفان الاهي جو بحر ۽ سخا جو ڏاڻي هو ۽ نهايت متقي ۽ متوڪل هو. جنهن جو هڪ هي مثال آهي جو هڪ پنهنجو فرزند دلبندراءِ مولئي ۾ هڪ سائل جي پٽ جي بدران درگاه الاهي ۾ قربان ڪري سائل جي پٽ کي حياتي وڌائي ڏنائون. حقيقت هن طرح آهي ته ميرِ رستم خان جو پٽ ميرِ محمد حسن خان بيمار ٿي پيو هو. سخي قبول محمد وٽ دعا لاءِ آيو. سخي صاحب فرمايو ته ابا تنهنجي پٽ جي حياتي پوري ٿي ويل آهي مگر اسان پنهنجو پٽ تنهنجي پٽ جي عيوض درگاه ايزدي ۾ پيش ڪيون ٿا. ڪجهه وقت کان پوءِ ميرِ صاحب جو پٽ چڱو پلو ٿيو ۽ سندن فرزند دلبند رب جي طرف راهي ٿيو. پير محمد حسن وڏي عمر جو ٿيو، سندس اولاد تنڊي ميرِ محمد حسن، تعلقہ روهڙي ۾ رهي ٿي.

حضرت پير شمس الدين شاهگنبٽ شريف کان روايت آهي ته هو جڏهن ننڍي عمر جو هو ته سندس والد بزرگوار ڪيس حضرت سخي قبول محمد سائين وٽ وڃي آيو ۽ کين عرض ڪيو ته هن اسان جي صاحبزادي کي عشق الاهي جي عنايت ڪريو. حضرت سخي سلطان فرمايو ته صاحبزاده کي خميس ڏينهن وڃي اڇجو، جو جمع رات اسان پنهنجي وطن وينداسون. خميس ڏينهن شام جو والد صاحب موڪلي سخي صاحب وٽ وڃي آيو ۽ جمع رات وٽس رهياسون. جمع جي صبح جو پاڻ فرمائون ته

هن جمع تي اسانجو وڃڻ نہ ٿيو ڪنهن ڪم لاءِ رهي پياسون وري ٻيءَ خميس؟ تي اچجو. حڪم موجب ٻيءَ خميس تي وري آياسون. شام وقت سخي صاحب پنهنجي خادم فقير کان پاڻي طلب ڪيو جو پاڻي ڪڍي آيو ٿي تہ ڪيس ٽاپو آيو ۽ جنهن پيالي ۾ پاڻي ڪڍي ٿي آيو سو پٽ تي ڪري پرزا پرزا ٿي ڇڏيو. سخي صاحب شڪرالله بجاءِ آندو ۽ فرمايو تہ اڳين جمع تي به انهيءَ پيالي رهائي ڇڏيو هو جنهن ۾ خادم پاڻي ڪڍي ٿي آيو. فرمايائون تہ اڳيان ڏوراپو ملي هيا تہ اڄان پٽ تي ڪجهہ ڇڏي آيو آهين. سبحان‌الله! ايڏو تڙڪ ۽ صفائي! پاڻ وٽ جيڪي به ايندو هُيَن سو راه مولاءِ سخا ڪري ڇڏيندا هوا. پاڻ وٽ ڪجهہ به نہ ڇڏيندا هيا. صرف ايهو هڪ پيالو خادم وٽ پاڻي پيارڻ لاءِ هوندو هو جوڪين عشق الاهي جي آتش کان‌سٽ پياس لڳندي هُئي تہ جڏهن خادم کان پاڻي طلب ڪندو هو تہ هو انهيءَ پيالي ۾ پاڻي پري ايندو هو. انهيءَ پيالي ڇڃڻ بعد فرمائين تہ هاڻي اسان صبح جو پنهنجي وطن ويندا سي.

جڏهن هڪ پهر رات جو باقي ڇڇو تہ سخي صاحب والد صاحب کي فرمايو تہ هينئر صاحبزاده کي وٺي اچو. اسان وٽن وياسي تہ پاڻ زبان مبارڪ ڀاهر ڪري فرمايائين تہ هنکي چوس. مان اڃي تعميل ڪئي جنهن ڪري مونتي اهڙو ڪيف ۽ مدهوشي طاري ٿي جو بلڪل بيخبر ٿي ويس ۽ ڪائي سرت نہ رهي. انهيءَ بيهوشي جي حالت ۾ والد صاحب مونکي ڪٽ تي سمهاري ڇڏيو. آن بعد سخي صاحب وصال ڪيو. گهٽي وقت کان پوءِ مان هوش ۾ آيس. والد صاحب فرمايو تہ پنهنجي جاءِ تي وڃي ٻہ لونگيون ۽ ٻہ ٿي ٽان ڪپڙي جا ۽ ڪجهہ پيو سامان ڪٽائي اڄ جو هٽ تہ صفائي لڳي پيئي آهي. ايهو پاڻي پيارڻ وارو پيالو هو سو به پڇي پيو. آءٌ يڪدم روانہ ٿيم ۽ جڏهن ڪمبٽ جي ويجهو آيم تہ چا ٿو ڏسان تہ ٽي سوار ڪارن مولهين ساڻ اڳيرو ٿا اچن ۽

سندن پٹيان ائن جون قطارون آهن، جن مان ڪن ٿي صندوقون ڪڙيل آهن، ڪن ٿي ٽين، ڪن ٽي ڪوٽيون. ڪي ماڻهو ڪرين جا وار ڪاهيو ٿا اچن. سوارن کان پڇا ڪيم ته ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ هنن ورندي ڏني ته اهو سامان ميرصاحب ڏنو آهي ته درگاه دراز شريف تي پهچايو جو سخي صاحب وصال ڪيو آهي. ايها روئداد ڏسي ڏاڍو عجب لڳو ۽ دل ۾ خيال ڪيم ته سچن عاشقن ۽ اڪملن جا ڪم قادر ڪريم ئو ڪري. مان ٿان ۽ پيو سامان نيٺي پا ڪندس. تنهن ڪري فقط ۾ لونگيون پنهنجي طرفان پيش ڪرڻ لاءِ گڏي اچي حاضر ٿيس.

سبحان‌الله! دنيا ڪي ڪيڏو ترڪ ۽ ڪيڏي ان‌کان بي نيازي! پلا جن غازي مردن غيرالله کي ترڪ ڪيو تن وٽ باقي ذات پاڪ ڪبريا ۽ انجي عشق کان سواءِ پيو پا هوندو؟ انهيءَ منجهان سندس اعلىٰ و ارفع رتبہ عيان و آشڪار آهي.

مطلب ته هن عشق جي شاهي مسند تي شاهنشاه روزون روز سوايا جلوه افروز ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن ٿيا ۽ ٿيندا رهندا - آمين.

حضرت سخي قبول محمد سائين هن عشق جي مسند تي ٣٢ سال جلوه افروز رهي سال ١٢٤٥ هجري بمطابق ١٨٢٥ع ۾ ابدي وصال ماڻيو. سندس وصال بعد سندس وڏو فرزند خواجہ نظر محمد سائين مسند نشين ٿيو، پر جيئن جو حضرت سچل سرمست جو پهرين ٽن گادين سان تعلق رهيو آهي، تنهن ڪري انهن ٽنهي گادين جو مختصر احوال ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو. هينئر اسان پنهنجي حافظ درازي سچل سرمست جو احوال ڏيندا سون جو اسانجو اصل مقصد آهي.

—

تولد سچل سرمست حافظ درازي

سلطان العاشقين، سراج السالڪين، منصور آخر زمان، حضرت سچل سرمست سنہ ۱۱۵۲ هجري بمطابق ۱۷۳۹ع ۾ تولد ٿيو، جنهن توحيد ۽ معرفت، عشق ۽ عرفان الاهي جا درڀا وهائي معرفت ۽ حقيقي تعليم سان انسان جي سونهاري سنڌ کي روحانيت جو سبزه زار بڻائي حقيقي نور سان اهڙو تہ منور ڪري ڇڏيو آهي، جو اڄ روشني تاقيامت قائم رهندي.

سندس والد صاحب جنهن جو اسم گرامي حضرت خواجہ صلاح الدين آهي جو خواجہ محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنو جو وڏو فرزند ارجمند آهي، جنهن جي مزار شريف روضي مبارڪ جي دروازي جي ٻاهران سڄي هٿ طرف آهي.

هنجو اسم گرامي عبدالوهاب هيو، مگر پيار ڪان ڪيس سچو، سچل ۽ سچيڏنہ ڪري سڏيو ويندو هو جو نالو سندس اڄ ڏينهن تائين مشهور آهي. قرآن مجيد جي حفظ ڪرڻ بعد ڪيس حافظ عبدالوهاب سڏيو وڃي ٿو.

حافظ درازي ڇائيندي جام هو جئن سندس هڪ شعر ۾ آهي:-

ڪلمي سونکي ڪونہ ڪيو- مورڙن مسلمان
نڪو احمد موڪليو - عرب ڪان ايمان
سچل آه سبحان - پر ماڻهن ليکي آدمي!

هن منصور آخر زمان پنهنجي ديوان آشڪار ۾ فرمايو آهي:
مي زنم نعره انا الحق آشڪار- اندرين آخر زمان منصور وار

نوبت بادشاهي مي زنم- شهر يارم ، شهر يارم ، شهر يار مان اناالحق جو نعرہ هڻان ٿو- هت آخر زمان منصور وانگر مان بادشاهي جي نوبت لڳايانٿو- مان شاه آهيان، مان شاه آهيان، مان شاه آهيان.

ذڪر آيل آهي ته حافظ درازيءَ جي دائي هڪ نيڪبخت شيد ياڻي هئي، جنهن کي هو ڪاري امان ڪري سڏيندو هو.

هڪ ڏينهن هن کيس مانيءَ ڪاڻ وقت هدايت ڪئي ته ماني ڪاڻ اڳ، بسم الله چئي پوءِ مان ماني ڪاڻجي. تنهن تي هن سالڪ، جنهن کي سڪ جي سٽي پينگهي پر پيل هئي، فرمايو ته "امان! هن پر اکر اللّٰه آخر پر آيل آهي. سونڪي اهو اکر سيکار جنهن پر اللّٰه جو اکر اول پر اچي. سرمست جو سلو انگورون ٿي پلو هيو، جيئن هن پنهنجي هڪ شعر پر فرمايو آهي:

شاهي هير شان - دلبر پنهنجي ديس پر
سچل آيس هت اوچتو- ڪٽي سورن جو سامان
چا منجهارون چا ٿي آيس - ايهو اٿم ارمان
حيرت پر حيران- سونڪي هير هتي ڪيو.

ايهو شاهي شان سندس روح کي روز ازل کان عطا ٿيل آهي. سچل سرمست جو بزرگوار سندس ڪسني پر دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو جنهن ڪري هو جد امجد جي آغوش محبت پر نينو. انهيءَ جي رحلت بعد پنهنجي چاچي حضرت خواجہ عبدالحق جي نظر عنايت هيٺ پرورش پاتي.

اسلامي روايات موجب سندس چاچي کيس ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آخوند وٽ و يهاريو جنهن جو نالو ميان عبدالله قريشي هو، جو قرآن پاڪ، حديث ۽ فقہ جو زبردست عالم هو. ازآن سوا هنکي عربي ۽ فارسي زبان تي عبور هو.

سندس مزار مبارڪ طور سينا جي روضي ۽ وڏي روضي جي درميان صحن ۾ سائي ڪاشي جي سرن سان نظر ايندي. آخوند صاحب هن سرمست روزالست کي الف جو اکر پاڙهيو ته هن خوشي سان پڙهيو، جڏ هن هن چيو ته چَو ب، پاڻ فرمايائون ته ب وجي پي کي ڏي، مون کي الف ئي ڪافي آهي. تنهن تي آخوند صاحب کي ذرا جوش آيو، جنهن تي هن ڪيس چمڙ هنئين. آخوند صاحب جي چمڙ هڻڻ ۽ سندس پانهن سڪجڻ. سرمست روزالست جي انهيءَ موضوع تي هڪ ڪلام چيل آهي :-

سر تلنگ

ٽل- ملان مار نہ موُن— سچڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان

١- آدم ڪنون اسان اڳي هياسي— آدم ذات نہ هوُن

٢- الف اسان نُون يار پڙهايا— بي دي بانس نہ بوُن

٣- شاه درازين سچل ويندا— مـــن جو محرم تُون

ڪافي

(آخوند ڏانهن مخاطب)

پرين نہ پي پار— جانب تنهنجي جان ۾

١- سبق ڏئين نہ سور جو— ڪتابي نہ ڪار

٢- حرف صحيح ڪر هيڪڙو— ورق سيئي وار

٣- نيهن وارن کي نا حقي— مُلا هيئن م مار

٤- راتيون ڏيهان آهي توکي— ڪتابن جي ڪار
٥- ٻاجهڙون نالي ڏيهن جي— سچل سبق وسار

—

آخر آخوند صاحب خواجه عبدالحق سائين وٽ شڪايت پيش ڪئي، جنهن تي خواجه صاحب کيس گهرائي حقيقت طلب ڪئي. سچل سچي ڳالهه سموري خدمت ۾ پيش ڪئي، جنهن تي خواجه صاحب کيس فرمايو ته "ابا! الف جو اکر توکي اسان سيکارينداسون، مگر آخوند صاحب وٽ جو علم آهي، سو تون سکي وٺ." جنهن تي ڀڳڙ ٻالڪ نهايت خوش ٿيڻ لڳو؛ مگر خواجه صاحب هن کي فرمايو ته ابا آخوند صاحب جي ٻانهن جو ٻه ته علاج ڪر. ٻاڻ هن جي ٻانهن مٿان پنهنجو هٿ گهمايائون ته هن جو درد مرض سڀ دفع ٿي ويو. ازآن بعد هن ١٢ سالن جي عمر اندر سموري ظاهري علم جي تحصيل حاصل ڪئي ۽ ڪلام الله شريف جو ٻه حفظ ڪيو جنهن ڪري هن کي حافظ عبدالوهاب ڪري سڏيو ويندو آهي.

تنهن کان بعد خواجه صاحب هن کي پنهنجو دست بعيت ڪيو ۽ سمورو لدني علم هن کي عطا فرمايو ۽ هين سچي سڪ واري طالب جي وجود مسعود کي بره جي باغ جي خوشبوءِ سان اهڙو ته واسي ڇڏيو جو اُن جي تاثير کان اڄ ساري سنڌ معطر ٿي ڏسجي. سندس هڪ شعر آهي:

هڪ ڏينهن مرشد مٿن نئون— سٽ پريت دي پاڙهي
سامٺن دل دے نخيتي آتي— چاه ڪنون لڳ چاڙهي
سچل عشق ٻڌا نہ ٽيوي— توڙي هووي چٽي ڏاڙهي

هڪ ڏهاڙي مرشد سينون- آپ اينوين فرمايا
اهو طريقہ وحدت والا— سانون پهون خوش آيا
سچل ڳالهہ عشق دي سچي — پيا سڀ پند اجايا

—

عشق دي اسرار دي يارو— هي آکھ سر مستان نون
نشي عشق دي عاشق چاڻن— کل ڪيهي ڪم بختان نون
عشق هادي دا غالب هويا— سچل نيست ڪريندا هستان نون

—

مستي حـــال مقرر هووي— واه عجب مجذوبي
معلوم ٿيا لڏن واليان نون— اهو سارا راز رهوبي
ڪيا جي ڪشف قبوري هويا— ڪيا جو ڪشف قلوبي
سچل عشا قاندي پڪي پٽي گيا— ڏاڍا ڏک محبوبي

—

عشق دي سنکر اڪون نہ هرگز— ڳالهہ عشق دي ڪريٽي
آهي وچ وظائف سونهين هوندي— عمر گئي تنهان پڙهيٽي
ڪالي سُنهن آنهان دي هوسن— جو ڪوڙ اِهين وچ ڪڙيٽي
سچل صدقي آنهان تان ٿيوان— جيڙهي عشق وچون اڙيٽي

—

معلوم ٿي مرشد کان— هي جا گجهي ڳال
هين جي چا سجال— "هو" ليي "هن" سان.

—

جي تو چاتو "پاڻ" تہ "آءٌ" ٻمو ڪو آهيان
ڪندءَ غرق گمان— ڀهلا انهيءَ ڳالهہ ٻر.

—

الله جاڻ نہ هن کي— هيءَ سڙيو ٿي هڪ
ناهي شبهو شڪ— جو معلوم ٿيو مرشد کان.

—

چري چري مَ ڇڙو— چريو آهـــي لوڪ
جو چريءَ لڏو ٿوڪ— سو سچل آهي نہ سيکنهن.

—

سچل واري منزل سپڪنهن کي نصيب ٿي نٿي سگهي:

—

"هادیءَ حقيقت هيءَ پرجهائي — سچو ٿون سلطان

—

مرشد سارو مڃيو — سچل جو سوال

—

لانفيءَ جو ڪلمون مونکي — مرشد پاڻ پڙهايو
نابوديءَ جي نشي اندر — ستگر سير ڪرايو
هٿيو ڏيئي همت وارو — سارو بار ڪڍايو
صدق سچل ان ستگر تان — جنهن جانب جوش جڳايو."

—

خواجه صاحب پنهنجي نياڻي جي شادي هن سان ڪرائي، مگر سرمست سائين پنهنجي گهر جو منهن نه ڏٺو. بي بي صاحبه شاديءَ بعد ٻه سال زنده رهي وصال ڪيو. "سچل سرمست" ڪتاب ۾ ڪنهن اديب صاحب لکيو آهي ته سچل سرمست کي فرزند ڇايو هيو جو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو. ان جو ذڪر بعد ۾ مفصل طرح ڪيو ويندو.

سرمست جي ننڍپڻ ڪان دلي رجحان فقيريءَ طرف مائل هئي، جنهن ڪري هو اڪثر اڪيلو گذاريندو هو ۽ تن تنها جهنگ ۾ گهمندو رهندو هو. بلڪل ماڻ، صبر ۽ فڪر ۾ هوندو هو، جڏن سندس ڪلام ۾ چيل آهي:

هڪ ڏينهن مرشد مٺون ايوين آکيا — ڇوڙ خلق دي يارين
هڪ نانءَ الله دا ياد رکين — ٻيا ڏونهين جهان وسارين
جو دم جيوين اهين دنيا وچ — نال توحيد گذارين
سچل ٻاجهون عشق الله دي — ٻي سڀ ڪوڙين ڪارين.

—

شرع جي پابندي

حافظ درازي شروعات زندگي ۾ شرع محمديءَ جو پورو پورو پابند هوندو هو ۽ نماز با جماعت پنج وقت مسجد ۾ ادا كندو هو. مگر بعد ۾ هن تي موج مستي جـو حال طاري ٿيو جنهن كري هميشه استغراق جي حالت ۾ رهڻ لڳو. هن پنهنجي ديوان آشكار ۾ فرمايو آهي:

از شرع رو متاب گر مردي
غوث و قطب كند سلام شرع
گرچ مير و وزير و سلطان است
برهمه غالب است حكام شرع
گفت ملحد كه حد شرع گذاشت
چون به وحدت روم كدام شرع

معنيٰ- شرع كان منهن نه موڙ جيكڏهن تون مرد آهين،
غوث ۽ قطب سڀ شرع جو سلام پرين ٿا
جيكو كو مير يا وزير يا بادشاه آهي،
سڀ تي شرع جو حكم صادر آهي.
ملحد ٿو چوي ته هن شرع جي حد اورانگهي آهي.
پر جڏهن مان وحدت ۾ ويس يعني الله سان هك ٿيس، ته پوءِ شرع ڇاجي آهي؟

جڏهن عبد آهي ته الله جي عبادت فرض آهي پر حڏهن پاڻ الله ٿيو ته پوءِ عبادت كنهن جي ؟ سائين بيدل بادشاه پڻ ساڳي طرح فرمايو آهي:

كنهن جي عبادت ٿو كرين— ساڳيو آهين معبود تون!

قران شريف ۾ فرمايل آهي:

لاَ تَقْرَبُوا الصلوٰةَ إلا وَأنتُم سُكٰرىٰ (پاره ٥، ركوع ٣).

معنيٰ- نه وڃو ويجهو نماز جي جيكڏهن اوهان هجو نشي جي حالت ۾.

انهيءَ آيت جو ترجمو حافظ درازي ڪهڙو نہ سهڻو ڪرڻ فرمايو آهي:

آڏو عبادت نہ وڃين — جي نشو پيئين نيهن
واحـــد وحي موڪليو — احمد آڪيو ايئن
تا تـــون وڃين ڪيئن — مخالف مصحف جي؟

—

سرمست روزالست هميشه عشق الاهي جي نشي ۾ مستغرق رهندو هو جنهن سندس ڪلام ۾ فرمايل آهي:

ڪيڙو مست پرين جي ناز مون ڪي
وسريو روزو نہ ياد نماز مون ڪي

—

ناهين مستن ڏي ڪا ميار — روزي نفل ۽ نماز جي

—

ڪافي (سر تلنگ)

ٽل — ڪيڙو مست پرين جي ناز مون ڪي
وسريو روزو نہ ياد نماز مون ڪي

۱- شوقڻون شراب پيان — پيرَ وٽ راتيان ڏينهان
ڪونهي قاضيءَ ملان جو — ڪو لحاظ مـــون ڪي

۲- نيٽين نسنڌ حـــرام — آهـــي وٽ روز ازل
سرندو سوز سڃڻ جو — آهـــي ساز مون ڪي

۳- وائـــي وات ڪهائي — مٽي ڪي جيڪا پرين
اچي هٿو هٿو پيرين جو — آواز مـــون ڪـــي

۴- سچل مقصد ســـارو — تونهين وٽ توهين الله
ڏس تون راز پنهنجي جو — ڪو نياز مـــون ڪي

—

حافظ درازي ساڳي طرح پنهنجي ديوان آشڪار ۽ فرمايو آهي :

١- بيزارم از هر طرف — زاهد چه داند حال ما
بگشتم از نحو و صرف — زاهد چه داند حال ما
٢- جزء ازمئي نوشيده ام — خلعت بقا پوشيده ام
جوشيده ام خوشيده ام — زاهد چه داند حال ما
١٧- بهستم غلام مصطفىٰ — باشيم چاکر مرتضىٰ
من طالب آلِ عبا — زاهد چه داند حال ما
١٨- گر کافرم يا ملحدم — گر نيک باشم يا بدم
ما زير دامن اوشدم — زاهد چه داند حال ما
١٩- گر خار باشم ور خسم — بينوا گر بيکسم
در بارگاهش ميرسم — زاهد چه داند حال ما
٢٠- مرشد مرا فرمود اين — هر جا ظهور او ببين
راهِ خدا باشد همين — زاهد چه داند حال ما
٢١- بولب آشکارا مُهر زن — زين گفتگو خاموش کن
آواز منصوري فگن — زاهد چه داند حال ما

معنىٰ- ١- مان سيني طرفن کان بيزار آهيان
زاهد کي منهنجي حال جي کهڙي خبر.
٢- مان شراب جو ڏڪ پيتو آهي
۽ بقا جي پوشاڪ ڍڪي آهي
۽ جنبش اچڻ سان مئي چڙهي ويو آهيان
زاهد کي منهنجي حال جي کهڙي خبر.
١٧- مان محمد مصطفىٰ صلعم جو غلام آهيان
۽ حضرت علي المرتضىٰ جو نوکر آهيان
مان رسول صلعم جي اولاد جو طالب آهيان
زاهد کي منهنجي حال جي کهڙي خبر.
١٨- جيڪڏهن مان ڪافر آهيان يا ملحد آهيان
نيڪ آهيان يا بد آهيان

تڏهن ب مان هن جي دامن ۾ لڪل آهيان
زاهد ڪي منهنجي حال جي ڪهڙي خبر.
۱۹- جيڪڏهن مان ڪنڌو آهيان ياڪ آهيان
بيسنوا يا بيڪس آهيان
تڏهن ب مان هنجي حضور ۾ پوڃان ٿو
زاهد ڪي منهنجي حال جي ڪهڙي خبر.
۲۰- سون ڪي مرشد ائين فرمايو آهي
ته هر هنڌ هن جو ظهور و ڏس
الله واري راه ايها آهي
زاهدڪي منهنجي حال جي ڪهڙي خبر.
۲۱- اي آشڪار پنهنجي چون تي مُهر هڻ
هن گفتگو کان ساڻ ڪر
منصوري دم چڏ
زاهد ڪي منهنجي حال جي ڪهڙي خبر.

—

سچل سرمست جي صورت ۽ سيرت

فقير نانڪ يوسف سچل سرمست جي صورت بابت هيٺين موجب تعريف ڪئي آهي:

ڪافي

ٽل — مُک مصحف سچ تيڏي صورت
صورت الله - حمدالله - قل هوالله
۱- زيران زبران تيڪيان ٽن تبران- پهنڪي آياسون عشق دي خبران
عين دو ابرو- وجه الله - وجه الله - وجه الله
۲- قلم دي ڪاغذ وچ وچولي- اڪيان ڪولي نهين يار اولي
الله ڪُل شئي- هُو الله- هو الله - هوالله
۳- ميم مزمل طٰه، يٰس، الٓمٓ، حٰمٓ، طٰس
ايهي ذات الله - والله بالله، صمدالله

هه نانڪ يوسف چشمان چولي- رمز رکوع دم وچ ڏجولي
حق هادي اور نهين- ايهي الله - قسم الله

سرمست سائين جو چهرو نوراني- صاف ۽ سفيد رنگ جو هو. خط و خال دلڪش، چشم آهو مثل ليڪن پرڪيف، گيسو دراز، جن ڪي هو مٿي جي وچ ي چوٽو ٻڌي، ٻڌي ڇڏيندو هو و ليڪن جلال ۽ مستي جي حالت ۾ جڏهن هو شعر چوندو هو ته سندس آهي گيسو دراز (ڳڻا وار) سراسر آپا ٿي ويندا هوا. ريش مبارڪ سفيد ۽ پريل جيئن سائين سخي قبول محمد ثاني جي هوندي هئي. قد درميانو. هٽ ۽ پير ننڍا نازڪ ۽ نرم. سائين سخي قبول محمد ڪنهن ڪنهن وقت منڙا بول پولي فرمائيندو هو ته "ابا، سچل سائين جا هٽ پير اهڙا هوندا هوا جهڙا اسانجا." جنهن ب نصيب واري ڪي سائين سخي بادشاه جي قدم بوسي ۽ دست بوسي جو شرف حاصل ٿيو هوندو سو چئي سگهندو ته سندس هٽ ۽ پير ڪهڙا نه نازڪ، نرم، نفيس ۽ ننڍڙا هوندا هيا. پاڻ اڪثر پدري شفقت ڪري پنهنجي ڪنهن پياري طالب يا فقير يا ڪنهن ٻي ڪي ب هٽ هٽ ۾ ڏيئي هاندا هيا. سندس هٿن ۾ ايڏو ته لطف هوندو هو جو جي ڪڏهن منڪر مزاج ڪي ب اهو شرف حاصل ٿيو هوندو ته آنجي ب دل اهو گوارا ڪڏهن نه ڪندي ته اهو هٽ، هٽ ڪان جدا ڪيو وجي. سائين سچل ب فرمائيندو هو ته اسان چهين پيڙهي ۾ موٽي ايندا سون، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. سرمست سائين هميشه اڇو سفيد پيراهن پائيندو هو. اڇي ڪٽي يا چادر اوڙيندو هو ۽ سر تي سبز رنگ جو فقيراڻو ڪلاه پهريندو هو مگر جڏهن سجاده نشين صاحب جي حڪم سان ڪيڏانهن ٻاهر ويندو هو ته انهيءَ تاج جي مٿان موگي رنگ جي خلافت جي دستار پهري نڪرندو هو. پيرن ۾ جتي پائيندو هو ۽ هٽ ۾ عصا ڪندو هو. اوائل ۾ وهت تي چڙهندو هو مگر پوءِ ڪنهن ب وهت تي نه چڙهندو هو. سندس خوراڪ

بلڪل سادي هوندي هئي. لسيءَ ۾ ڪاڙهيل مرچ وجهي مانيءَ پوري کائيندو هو. رات جو جوئر جي مانيءَ ۾ کيري جي کير سان کائيندو هو. شروع ۾ گوشت جو شوروا وارائيندو هو، مگر پوءِ اهو به کائڻ ڇڏي ڏنائين. اڪثر روزي ۽ گذاريندو هو.

منجهند جو آرام وقت ڪاڪ جي صندل تي يا ڏرتيءَ تي آرام ڪندو هو، مگر رات ساري اللّٰه جي تات ۾ گذاريندو هو. هميشه فڪر ۽ استغراق ۾ گذاريندو هو. سندس اک ڏسائين آلي هوندي هئي، گويا سورن جو سمنڊ سندس سيني ۾ سمايل هوندو هو.

"بي درد، نامرد" سندس مشهور مقولو آهي. سندس سنڌي ۾ شعر آهي:

"سچل عاشق ائين سچاپن، جو هووي رنگ زردي"

هر روز صبوح جو پنهنجي پير مغان جي سلام تي ويندو هو. جڏهن حضور ۾ حاضر ٿيندو هو تہ پريان دست بستہ ٿي اکيون هيٺ ڪري بيهي رهندو هو جڏهن کيس ويهڻ جو حڪم ملندو هو تہ نماز وانگر گوڏا ٻڌي ويهندو هو. پير مغان جي سلام بعد پنهنجن فقيرن جي صحبت ۾ اچي ويهندو هو. انهيءَ وقت گوڏا اڀا ڪري مُنهن مونن ۾ وجهي ويهندو هو. هر جمع ڏينهن تي پنهنجن عزيزن ڏانهن خوش خير و عافيت ۽ دعا ڪرڻ لاءِ ويندو هو. سرمست سائين پاڻ تہ سڀ ڪنهن نشي کان بلڪل بيزار ۽ بري هوندو هو مگر سندس ڪو به طالب نشو ڪونہ پيئندو هو. نہ فقط ايترو مگر سندس ڪچهري ۾ ڪو حقو به ڪونہ چڪيندو هو.

ديوان آشڪار ۾ فرمايو آئس:

ساقيا آن شراب انگوري نمي خواهم- ڪز و است صد دوري
لا زوال است آن مئے وحدت- آن بنوشان زهم ز مهجوري

معنيٰ- اي ساقي مونکي اهو انگوري شراب نہ ڏيجي

جو آنجي پيڻ سان اتلندو جدائي ٿئي ٿي. (۲) مگر مونکي وحدت جو لازوال شراب پيار ۽ جدائي دور ڪري.

در بيان درد و ارشاد پير مرشد

سرمست روزالست درد جي تعريف ۾ مٿين سري سان خلاصو بياض ديوان آشڪار ۾ ڏيڪاريو آهي، جنهن منجهان فقط پهريان پنج بيت مثال طور هت ڏيکارجن ٿا:

باز آمده ام بخيال ديگر- کرديم بيان بحال ديگر
گر ذره درد در تو آيد- فرياد آسمان بر آيد
هيهات که بيخبر شدي زو- غم درد بگير در غمش شو
جز درد دگر رهي نبا شد- شاه است دگر شهي نبا شد
اين درد رساندت خدارا- در لحظ نمايدت خدارا

—

معنيٰ— وري دل ۾ هيو خيال پيدا ٿيو،
جنهنکري وري هي حال جو بيان ڪيان ٿو-
جي ڪڏهن توکي ذرو درد جو اچي ٿو،
تہ آسمان تائين دانهون ڪرين ٿو.
ارمان جو توکي انجي قدر جي خبر نہ آهي.
تون درد جو غم وٺ ۽ انجي غم ۾ رهه.
درد کان سواءِ هي ڪا راه ڪانهي،
درد بادشاه آهي، هيو ڪو بادشاه ڪونهي.
اهو درد توکي خدا وٺ پهچائيندو،
۽ گهڙيءَ ۾ توکي خدا ڏيکاريندو.

—

رياست جي حاڪمن سان تعلقات

سرمست سائين ڪشف ۽ ڪرامات کان بلڪل بيزار ۽ بي نياز هوندو هو جئن سندس ڪلام ۾ ثبوت ملي ٿو:

عشق لڳڻي تہ ڪر آمين - نا منجهہ ڪفر نا منجهہ دين
دل سان ذرو درد قبوليم- ڪشف قبور ۽ ڪرامت ڪين

شبها شڪ سڀني لاتم - ٻاڻ سڃاڻ سان يقين
هادي عبدالحق سچل ڪي- توڙون ڪني هيءَ تلقين.

ڪم نہ عاشق سو ڪرين - جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿي
ڪڍ ملامت سر مٿي - پل ڏيهہ تو طعنا ڏيٿي

—

بزرگ— شيخ مشائخ يارو — نا مخدوم ٿيا سي
نڪي قاضي نڪي ملان — معلم پير ٻڌيا سي
نڪي ٽاه ٽڳيءَ جا ٽاهي- رنگ— رماءَ رکيا سي
سچل ٻاجهون عشق الله جي- ڪوٽي هنر سکيا سي

—

مگر محض ميرصاحبن سان تعلقات ظاهر ڪرڻ جي ايرادي سان هيءَ ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

ذڪر آيل آهي تہ هڪ حيدرآبادي عامل ميرن وٽ ملازمت ۾ هيو جنهن سرڪاري پئسا خورد برد ڪيا هوا جنهن تي مير سهراب خان ڪيس نظر بند ڪيو هو. ملزم جا عزيز سجاده نشين صاحب جهوڪ شريف مخدوم فضل‌الله صاحب وٽ دانهين ويا، جنهن ڪين خواجہ عبدالحق ڏانهن سفارش لکي ڏني. جنهن تي خواجہ صاحب سچل سرمست کي گهرائي فرمان ڪيو تہ ميرن کان هيءَ بازو ڇڏائي اڇ.

سچل سرمست فرمان مطابق روانہ ٿيو. مير صاحبن جي ڪچهري ۾ بند وقن جي تعريف هلي رهي هئي. هڪ بندوق جو ايڏو تعارف ڪرايو پئي ويو تہ هن بندوق شينهن ماريو آهي. سچل سرمست فرمايو تہ شينهن شير خدا جو ڪنهن جي مارڻ جو آهي چا جو هن بندوق سان ماريو ويو آهي؟ مگر حاضرين مجلس جي فهم ۾ هيءَ فقيراڻ نقطو اچي نہ سگهيو، جنهن ڪري هو ينهنجي جاهلانہ ضد تي

محکم رهيا. اتي سرمست کي جلال اچي ويو ۽ پاڻ خود شير بڻجي ٻيو، جنهن ڪري حاضرين مجلس خوف زده ٿي ڀڄي وياء. ڪجهه وقت بعد سندس جوش و جلال ڏرو ٿيو ۽ هو پنهنجي اصلي صورت ۾ آيو. هن واقع پير صاحبن تي گهرو اثر پيدا ڪيو جنهن ڪري هو هنجا معتقد ٿيا ۽ بازو موتائي ڏنائون.

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته مير صاحبان هن واقع بعد سرمست جا معتقد ۽ ارادت مند ٿيا هئا. هڪ ڏينهن مير صاحبان سرمست سائين جي قدم بوسي جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ درگاه شريف تي آيا. تنهن وقت سرمست سائين، لڳن کي ميٽ لائي غسل ڪرڻ ويٺو هو، جنهن ڪري هو سيٺي پري ادب سان بيهي رهيا. مير علي مراد خان جو سيني کان ننڍو هيو سو پوئتي رهيل هو. هو جڏهن آيو ته هن سمجهيو ته هي سيٺي قدم بوسي ڪري ٻيا آهن، تنهن ڪري هن ميٽ جو خيال دل تان ڪڍائي، يڪدم اڳي قدم بوسي ڪئي. بادشاه هنکي سيني سان لائي فرمايو ته "هي ميٽ نه هو پر سيندي هٿي، تنهن ڪري توکي لعل ڪيوسي ۽ بادشاهي ۾ توکي ڏني سي."

مير علي مراد خان مير سهراب خان جو ننڍو فرزند هيو جنهن ڪري گاديءَ جو حقدار ٿي نڪي سگهيو مگر مرشد جي دعا سان هنکي بادشاهي ۾ ملي ۽ فقيري فيض ۾ عطا ٿيو. مير رستم خان حضرت سخي قبول محمد اول کي درازا جاگير نذراني طور ڏني ۽ ڪجهه جاگير تعلق ڪنڊياري ۾ ڏني. درگاه شريف جو روضو مبارڪ ۽ مير صاحب موصوف جو تعمير ڪرايل آهي.

مير علي مراد خان جي وفات بعد سندس پس مانده وقت جي سجاده نشين صاحبن جو ادب ۽ احترام ڪندا آيا ٿي.

مرحوم میر علي نواز خان ۾ حضرت سائين سخي قبول محمد ثاني جي قدم بوسي ۽ روضہ مبارڪ جي زيارت فيض بشارت لاءِ گاهي گاهي ايندو هو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته ميرعلي نواز خان بمبئي ۾ بيمار ٿي پيو هو ۽ وقت جي سجاده نشين صاحب سائين صاحبڈنہ سائين مرحوم مغفور خليفہ رسول بخش صاحب کي سنڌس طبيعت پڇسيءَ لاءِ بمبئي موڪليو ۽ مؤلف کي ڀڻ هن سان ساڻي ڪري موڪليو ويو هو. اسان پهريان وڃي آل انڊيا هوٽل بمبئي ۾ لٿاسون ۽ تنهن کانپوءِ سنڌس رهايش گاه ڈانهن ويلسون . در تي بيٺل نوڪر کي چيوسون ته ميرصاحب کي رپورٽ ڪر ته سجاده نشين صاحب درگاه دراز شريف جي طرفان ٻه آدمي طبيعت پڇسيءَ لاءِ آيل آهن. رپورٽ ڏيڻ شرط ميرصاحب اهڙي رعبدار نمونہ ۾ نوڪر کي چيو ته : " انهانکو ادب دي نال گهن آوين" جو آواز اسانکي باهر ڏيڻ ۾ آيو. اسان اندر ويلسون. هن چيو ته مرشد سائين جا قاصد پلي آيو. پوءِ اسان هنکي حال احوال ڏنو ۽ سائين بادشاه جو دعا ناسون ڀڻ هنکي ڏنو جو هن چمي اکين تي رکيو ۽ اسان سان نهايت مودبانہ ۽ قابل تعريف نمونہ ۾ پيش آيو ۽ نذرانہ ڏيڻي عرض ڪيو ته مرشد سائين کان منهنجي حق ۾ دعا گهرجو. هيءَ ناز غريب پرتو اڏو. پوءِ اسان هن کان موڪلائي درگاه شريف ڈانهن واپس آياسون . ميرصاحب موصوف ٻه پوءِ ستت رحلت ڪئي ، مگر افسوس جو سندن پس مانده مرشد کان منهن موڙي ويا آهن . خداوند پاڪ هنکي هدايت ڪندو ته پنهنجن بزرگن جي نقش قدم تي هلي اجر دارين حاصل ڪندا .

هڪ دفعي جو ذڪر آيل آهي ته ڪاڙهي موريءَ جا ۾ ڪوري عيسو ۽ موسو هن ايرادي سان درگاه شريف تي آيا ته اسان هلي سچل سائين وٽ سيد سڏائينداسون. جيڪڏهن هن اسانکي پنهنجي ڪشف سان سڃاتو ته پوءِ اسان هنجا مريد

ٽيندا سون ۽ آهي سچل سائين جي حضور ۾ آيا ۽ سيد سڏايائون. بادشاه کين عزت ڏيڻي ويهاريو، جڏن ته هو سادات جي هميشه عزت ڪندو هو. ٿوري دير ويهي هو موڪلائڻ لڳا. سرمست سائين هنن کي فرمايو ته هيءَ ڪلام هڏي پوءِ بيشڪ ٻڌيا وڃو.

ڪلام

ڪوري آهيون ڪوري- اسان ڪوري آهيون ڪوري
آڻون هٽ هڏايون جوڙي- اسان ڪوري آهيون ڪوري
عيسو موسو نانءَ اسان جو، ويڻل ڪاڙهي سوري
گبٽ کهوڙا راڄ اسان جو، راڄپور توري
اسان ڪوري آهيون ڪوري — اسان ڪوري آهيو ڪوري.

—

ڪوري ڪلام هڏڻ شرط يڪدم قائل ٿي مريد ٿيا. هڪ اهڙو هُوبهو مثال ثاني سچل، سائين سخي قبول محمد ثاني جي ڏينهن ۾ به ٿي گذريو آهي سو به پيش ڪيو وڃي ٿو جو آهو پڻ سرمست سائين جو مثال ٽيندو، ڇاڪاڻ ته سرمست سائين اڪثر فرمائيندو هوتہ اسان ڇهين پيڑهي ۾ سوڻي ايندا سون، جنهن جو ذڪر ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهي.

تاريخ ۱۰ مارچ سنہ ۱۹۱۵ آڇر ڏينهن به آدمي هڪ قاضي پير قريشي انهيءَ منور مهتاب جي زيارت فيض بشارت لاءِ روهڙي کان روانہ ٿيا، مگر جڏهن راڄپور اسٽيشن جي قريب ٿيا ته هنڪي ٽرين ۾ مسافرن کان معلوم ٿيو ته اسٽيٽ جو آردر آهي ته روهڙي طرف وارن مسافرن کي ڊاڪٽر جي زير نظر لانڊين ۾ رهايو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان وقت روهڙي ۾ پليگ جي مرض جو اثر هو. هن اوچتي خبر هڏڻ شرط هنن ويچارن جون واٽون ولڙيون ٿي ويون. پير کو

حيلو وسيلو نہ ڏسي سائين سخي کي سڪ منجهان سڏڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن تو ۾ ڪا ڪرامت آهي تہ پهريان تہ اسان کي هن اوچتي آفت کان نجات بخش. ڪم سني سبب قاضي ويچاري جو منهن اڌ پليگ جهڙو ٿي ويو. خير ڏکندا ڏکندا اچي گيٽ وٽ پهتا. ٽکيٽ ڪليڪٽر ٽکيٽ ڏسي هنن کان پڇيو تہ اوهين ڪيڏانهن ويندا؟ هنن جواب ڏنو تہ اسان دراز شريف ويندا سون. ٽکيٽ ڪليڪٽر هنن ڏانهن گهور ڪري نهاريو بعد چيو تہ چگو تو هان وڃو. هو ٽکڙو باهر هليا آيا مگر هنن ڏٺو تہ هنن کان سواءِ ٻيو ڪو وانگي ۾ ڪونهي ۽ نڪو ڪو ٽانگو آهي. جنن جو هو ٻڌي غير واقف هئا، تنهن ڪري متفڪر ٿي مُنجهي بيهي رهيا تہ هيئڙ ڪيڏانهن وڃجي. وري ساڳيءَ طرح سهڻل سائين کي سڏڻ لڳا تہ ڪو ٽانگو پيج تہ چڙهي اچي تنهنجي قدمبوسي ڪريون. ڪجهہ وقت بعد هنن ڏٺو تہ هڪ ٽانگي وارو فل اسپيڊ ۾ ٽانگو ڪاهيون ٿي آيو ۽ پريان چوندو ٿي آيو تہ "آهي ڪو درازن جو، آهي ڪو درازن جو." الله پاڪ جا شڪرانہ بجا آڻي هو ٻئي ٽپ ڏيئي ٽانگي ۾ ويٺا. ٽانگي وارو هنن کي لوڙهي جي ٻاهران لاهي روانو ٿي ويو. چاڪاڻ تہ انهي زماني ۾ ٽانگي وارو مسافر ڪٽي لوڙهي اندر ڪونہ ويندو هو. تنهن هوندي بہ هنن کي ڏس ڏيئي ويو تہ سامهون هليا وڃو، اتي خليفہ رسول بخش ويٺو آهي، تنهن سان ملو تہ هو اوهان کي سائين وٽ پيش ڪندو. هو ڏنل ڏس موجب خليفہ صاحب سان ملايا جو هو هنن کان حال احوال ونڊ بعد سائيجن وٽ وٺي هليو. هو دروازي کي قريب مس ٽپا تہ پريان هنن هڪ نوراني صورت، من مهڻي مورت، نازانداز سان مشڪندي مرڪندي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺي. آنهن مان قاضي سمجهو تہ جنهن جي ديدار فرحت آثار لاءِ ڪهي آيا آهيون، سو مردِ خدا اهو آهي، جنهن ڪري هن آداب سان اڳتي

وڏي وڃي هنجي قدم بوسي ڪئي. پاڻ سڪ سان هن کي سيني سان لڳائي مشڪندي فرمايائون تہ "ابا، ڪيئن آهين؟" هن جواب ڏنو تہ ها قبلا. پاڻ وري خليفہ صاحب ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون تہ "خليفہ صاحب هيءَ محبوبڙا پريان ٿي اسان جو امتحان ونڊندا ٿي آيا ۽ اسان ۾ چيو تہ هنن محبوبڙن سان ضرور رهائبو." سبحان‌الله! پوءِ پاڻ يڪدم حويلي ڏانهن واپس وريو ۽ خليفہ صاحب کي فرمايو تہ هنن کي باغ واري دروازي کان ڪڇهري واري بنگلہ ۾ وٺي اچو. پاڻ حويلي واري اندرين دروازي کان ڪڇهري واري بنگلي ۾ تشريف فرما ٿيا. بادشاه ۽ خلق محمدي ڪمال درجہ جو هو، جنهن ڪري خلوص دل سان ٽي چار دفعہ خير و عافيت بعد دستور مطابق هن کان پڇو: "ابا، تنهنجو نالو ڇا آهي؟" حالانڪ هو الهڙ ڇوڪرو هو، مگر هن کي تنهن وقت اوچتو دل ۾ خيال آيو تہ جنهن کي منهنجي نالي جي خبر نٿي پوڄي سگهي، سو پرهٽ ڪهڙي دست آوري ڪري سگهندو، انهيءَ سوداءَ سبب هن سوال جو جواب ڪونہ ڏنو. پاڻ دوباره فرمايائون "ابا، تنهنجو نالو ڇا آهي؟" مگر هو نالائقي ڪري پٽ بڏجي ويٺو. سندس قرب ڪمال جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي جو باوجود هن جي نالائقي جي هن پنهنجو لائق سڃاڻي مشڪندي هنکي چيو تہ ابا تنهنجو نالو فلاڻو آهي، تون فلاڻي جو پٽ آهين. مطلب تہ تعارف وقت جيڪي ۽ حقيقتون پڇيون ويندیون آهن، سي هن قربدار عارف اولياءَ پاڻ ڄڻي ٻڌايون. سبحان الله! پوءِ هو ۽ ڪورين وانگر يڪدم قائل ٿي مريد ٿيو ۽ پيو ائين محروم ٿي موٽي آيو.

انهيءَ شخص عرض ڪيو تہ "قبلا! سائين‌کي خبر آهي تہ قاضين ۽ فقيرن جي پاڻ ۾ نہ پوندي آهي، سو مان ۽ قاضيڪو پار آهيان، جيستائين ڏسندس نہ، تيستائين سڃيندس نہ." پاڻ مشڪي فرمايائون تہ "ابا! ايڏو ڏيکارينداسون، ايڏو ڏيکارينداسون، جو پاڻهي سڃيندين." هن قربدار بيشڪ ڪيس گهڻو ڪجهہ ڏيکاريو.

سچڻ تنهنجا لکين ٿورا مان سرتين کي ..ٽائيندس
عمر ساري جيسين جئندس تنهجا گڻ يار گهائيندس
هيس لائق نہ مان اهڙو پرين توقرب کيو پنهنجو
تنهنجي شفقت عنايت جا وڏا احسان پائيندس.

هيءَ کهاڻي تہ اڃا وڏي هئي مگر کتاب جي طويل ٿي وڃڻ سبب اڌ ۾ بند کجي ٿي. مطلب تہ هن قربدار جي کراستن جون کهاڻيون اکرچ مختصر نموني ۾ قلمبند کيون وڃن تہ بہ ايتريون آهن جو الف ليلىٰ جي قصي کان وڌو قصو ٿهي پوي. مگر جئن جو هيءَ کتاب سچل سرمست جي حياتي تي لکيل آهي، تنهن کري پيو وڌيڪ احوال نڪو لکجي.

ذکر آيل آهي تہ رياست خيرپور جو هڪ پير صاحب خواجہ عبدالحق ڏانهن اولاد جي سوال واسطي آيو مگر ان وقت خواجہ صاحب اندر حويلي ۾ هو، تنهن کري جيستائين هو حويلي کان ٻاهر اچي، تيستائين پير صاحب باغ ۾ تفريح لاءِ گهمڻ ويو. باغ اندر سرمست سائين ٻيٺو هو، جو اڃان کم سن هو ۽ سندس هٿ ۾ ڏاڙهون جي وڻ جو ڇهو هو. هن نہ کڻي هم نہ تم، يکدم هڪ ڏڪ ڇڪي جو تہ پير صاحب تي وهائي ڏنو، جنهن تي پير صاحب يکدم باغ کان ٻاهر نڪري آيو تہ کيس خواجہ صاحب مٿهن ۾ ملي ويو جنهن سان هن سرمست جي زيادتي جي شکايت بيان کئي. خواجہ صاحب فرمايو تہ سچل هڪ ڏڪ سان هڪ فرزند اوهان کي الله تبارک و تعالىٰ جي درگاه مان وٺي ڏنو آهي، مگر جيڪڏهن وڌيڪ ڏڪ هٽي ها تہ اوترا فرزند اوهان کي تولد ٿين ها. هاڻي توهان وڃو، توهان جو کم ٿي ويو. پير صاحب کي الله جي مهرباني سان فرزند تولد ٿيو، جنهن جو اسم مبارک ننڍپڻ ۾ ڏاڙهون رکيو ويو.

ذکر آيل آهي ته هک دفع سچل سرمست گهوڙي تي چڙهيو خيرپور کان پنهنجي گهوٽ ٽي آيو ته ڪيس وات تي پهريءَ جي گهوٽ وٽ هڪ ماڻهوگڏيو جو پيادل ڏاند ڪاهيو ٽي ويو. هن انهيءَ ماڻهون کان پڇيو ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ هن چيو ته منهنجو نالو محبوب آهي. وري هن کان پڇيائين ته ڪٿان ٿو اچين ۽ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ هن جواب ڏنو ته مستي کان ٿو اچان ۽ محبت ٿو وڃان- (ٺنڊي مستي خان کي عام طرح رڳو مستي سڏيندا آهن ۽ محبت ديري کي محبت سڏيندا آهن. ان شخص جي انهيءَ جواب تي بادشاه تي وجد طاري ٽي ويو ۽ هر هر دانهن ڪري چوڻ لڳو ته "سبحان الله! محبوب مستي مان اچي ٿو ۽ محبت ڏانهن وڃي ٿو." پاڻ گهوڙي تان لهي پيو ۽ ڏاند واري راهک کي گهوڙي تي چاڙهي پاڻ سندس پويان پيادل ڏاند ڪاهيندو هلندو هليو ۽ هرهر بلند آواز سان چوندو ٽي آيو "سبحان الله! محبوب مستي مان اچي ٿو ۽ محبت ڏانهن وڃي ٿو." جڏهن درازن جي گهوٽ ۾ پهتا، تڏهن ماڻهو راهک کي گهوڙي تي سواري ڪندو ۽ بادشاه کي پيادل ايندو ڏسي حيران ٽي ڏوڙندا آيا ۽ راهک کي گهٽ وڌ چوڻ لڳا. پاڻ ماڻهن کي منع ڪيائين ۽ راهک کي اهو گهوڙو سنجن سوڏو بخشش ڪري ڏنائين ۽ هڪ ماڻهون هن کي ڏنائين ته سندس پويان ڏاند ڪاهيندو ڪيس گهر تائين يعني محبت ديري تائين پهچائي اچي.

ذکر آيل آهي ته هڪ دفع هڪ سيد بادشاهه سرمست وٽ سوالي آيو. پاڻ انوقت هڪ زريدار چوغو پايو ويٺو هو. سيد بادشاه سوال ڪيو ته اهو چوغو مون کي لاهي ڏي. پاڻ فوراً اهو چوغو لاهي سيد صاحب کي ڏنائين، جو چوغو ونڊي راهي ٽي ويو. سيد بادشاه جي وڃڻ بعد ڪيس حال اچي ويو ۽ طالبن کي حڪم ڏنائين ته آنهيءَ سيد صاحب کي يڪدم موڪلائي ونڊي اچو. جڏهن سيد صاحب موتي آيو ته هن کي

غسل ڪرائي، نئون لباس پهرايو ويو ۽ هڪ پيو نئون زريدار چوغو ۽ پنج سؤروپيه ۽ هڪ گهوڙو چاندي جي سنجن سميت ڏنو ويو.

سيد صاحب هن نئين بخشش تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس دعائون ڪندو هليو ويو. شاهه صاحب جي وڃڻ بعد پاڻ مراقبي ۾ ويهي رهيو. ٿوري دير بعد يڪدم زور سان ٿهڪ ڏيئي ڪليو. سندس ٻالڪن ڪائونس آنجو سبب پڇيو جنهن تي هن فرمايو ته پهرين دفعي مان انهيءَ سيد کي پنهنجي بدن جو لٽل چوغو ڏنو ته حضوت رسول الله صلي‌الله عليه وسلم جن عتاب فرمايو ته اسان جو عاشق ٿي تو اسان جي اولاد کي پنهنجي جان جو لٽل ڪپڙو پهرايو آهي. انهي ڪان پوءِ جڏهن مان ساڳي سيد صاحب کي نئون وڳو وغيره ڏيڪايو تڏهن حضور پاڪ صلي‌الله عليه وسلم جن مون کي قرب منجهان پاڪر پائي ارشاد فرمايو ته سچي عاشق کي ائين ڪرڻ گهرجي، جنهن ڪري مون‌کي ڏاڍي خوشي ٿي، تڏهن مون ٿهڪ ڏيئي ڪليو.

ديوان آشڪار ۾ سندس شعر آهي ته :

مشتاق لقاي مصطفايم — او هست خدا خود گواهيم
گمراه شديم رهبر آمد — فرمود ڪه عشق راست راهيم
گم گشت خودي خود آشڪار — ماخاڪ شديم پرگناهيم

—

معنيٰ — مان حضرت محمد صلعم جي ديدار جو مشتاق آهيان. هو پاڻ خود خدا آهي اِها مان گواهي ٿو ڏيان.

مان گمراه ٿيم ته مرشد اچي رسيو جنهن فرمايو ته ايها عشق جي راه سچي آهي. خودي ويئي ۽ پاڻ اچي آشڪار ٿيو. مان ڏاڍو گهنگار ۽ خاڪسار آهيان.

غلام طالب محمد عربی ام - مرید حیدر حب از حسین و حسنم
چه شوق ذوق نهان و آشکار دادبدم کہ ہست پیرمغان چون شمع در انجمم

معنیٰ — مان غلام، طالب ۽ عاشق محمد عربي جو آهيان.
مان حضرت حيدر جو مريد آهيان ۽ مون کي حضرت حسين
۽ حضرت حسن جي محبت آهي- هن منهن جي دل کي ظاهر ۽
باطن کهڙو نہ ذوق شوق بخشيو. منهن جو مرشد ڪچهريءَ
جي روشن بتي آهي.

—

اي بجز دروازه احمد راه نيست
گر نمي داني دلت آگاه نيست
آنکه در احمد احد دانست فرق
درجه او را فنا في الله نيست
جز محمد نيست در کون و مکان
جز علي ديگر کسي همراه نيست
گر کسي را عشق او دامن گرفت
بالیقین داني او گمراه نيست
آن خدا و آن رسول اي آشکار!
اندرين راه نه شکست و اشتباه نيست

معنیٰ — حضرت احمد مجتبيٰ صلعم جي دروازي کانسواءِ
ٻيو کو رستو ڪونهي.
جنهن احد ۽ احمد جي وچ ۾ فرق سمجهو تنهن کي فنا في الله
جو درجو نہ ملندو.
حضرت محمد مصطفيٰ کان سوا ۽ پنهي جهانن ۾ ٻيو ڪونهي.
حضرت علي المرتضيٰ کان سواءِ ٻيو کو همراه ڪو نهي.
جنهن ماڻهو کي انهيءَ جو عشق لڳو. پڪ سمجهه تہ
هو گمراه نہ آهي.
اي آشکار آهو خدا ۽ رسول ساڳيو آهي، انهي ۾ کو
شڪ شبهه نہ آهي.

سرتاج الشعرا جي تصنيفات

سنڌي شعر:

١- سرمست سائين جو سنڌي ڪلام ادبي بورڊ جي طرفان عثمان علي انصاري صاحب لکيو آهي. سندس تشريح قابل تعريف آهي.

٢- ساڳي طرح سرائڪي ۽ اردو ڪلام مولوي محمد صادق تحرير ڪيو آهي.

٣- مرغ نامہ — هن ۾ درد ۽ فراق جا پيغام پهچايل آهي.

٤- وحدت نامہ — هن ۾ وحدت الوجود جو ذڪر آهي. اهڙي ته جاذب ۽ دلڪش پيرايہ ۾ ڏيکاريل آهي جو سچل سرمست جهڙي قادري الڪلام کان سواءِ ٻيو ڪو بيان ڪري نہ سگهندو.

٥- جهولڻو ۽ سرائڪي ۾ گهڙوليون ۽ سسئي پنهون جو ريختہ مشهور آهن. مرثين ۾ جا خوبي ۽ خصوصيت ڏيکاريل آهي، سا ٻي ڪنهن مرثيہ گو شاعر جي شعر ۾ نہ هوندي. مرثين ۾ آل اطهر جي عالي شان جو احترام ۽ ادب ڪيل آهي.

—

مرغ نامون

هن نامہ منجهان چند بيت مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

(١)

ڪانگ آيـــم اڄ — پريان سنڌي پار ڏانهن
ڪالهيون ڪيائين سڄڻان — سي زوح ٻڌي ڪيم رڄ
پڪي ڪيو پڄ — ظاهر ڪيائين زبان سان.

(٢)

روئي روئي رت — ٿي پڪيءَ پارانيا ڏئي
تر پيرين وجهانءَ گهنگهرون- سي چمڪائيندو وت
ڪٽي وئي خط — سگهڙو سائيڙا و رين.

(٣)

آيو رات رَقمُ — مون ڏي محبوبن جو
تر دوستي وارو دم — متان تون وسارين.

(٤)

لکيو موئي مون — ڪاغذ قربن ڏي
اٿر توهين تون — تورِيءَ ناهي آسرو.

(٥)

صدقي ساهڪريان—هن ڪانگي تون ڪاڪيون
جي ڏيئي سنيها سجڻان- سي سانڀي ساه ڏريان
پلي پير پريان — انهيءَ ويلي اوڏهين.

(٦)

زاغ زبانون ڪيڊي — اڄ ايها وائي
پرين سندي پار جي— آهي توکي وڌائي
پڇي حقيقت حال جي — هٽ ساجن سپائي.
ترآهي عاشق خوش اسانجو— ڪل ڏئين ڪائي
مونسان بيحد پلائي — ڪئي پرين پاڻون پنهنجي

—

وحدت ناس

هن منجهان كجهه بيت نمونه طور هيٺ ڏجن ٿا :

جو فرمود و فائق -- تا ڏي ڪُن نه ڪن
وفي آنفسڪُم آفلا تُبْصرُون— هِن ويسهه نه وسهن
من تعلم العلم للمناظرة و المكابرة— اهي منافق مرن
طالب الدنيا مـــونث — محبت ناهـــي تن
ڪي ڪوڏيا عقبيٰ جا ٿيا — هنيا لئي حورن
طالب العقبيٰ مخنث — مڙس سي نـــ چڱجن
عاشق جي اللّٰه جا — سي سائين سڀائن
لا موجود إلا هُو — حاضر ڪيون وتن
طالب المولىٰ مذكر — هن رسايا رمزن
ٻئي جهان ڏٺا ڪيون — ٿا ڏٺين جهان وڃن
اصلوڻ ٿـــي اختيـــار ڪيو — فقر فـــقيرن
الفقر خزينه من خزائن اللّٰه، بعضن ڪي بخشين
الفقر لا يحتاج الي الله ، ٻيون ڏ ناڏون ٻن
الفقر فخري و الفقير مني ، انين آتو عجيبن
وتن ويـــڳاٿا ورهه ٻ — نيڻين ننڍ نه ڪن
من عرف ربّه كل لسانُه ، ٻڌي زبان آنهن
نشي ٿنكي "لانهه" ڪيو، ٿورون "سان" نه چون
قُل كلٌ من عندالله ، اهو ڪيانون ڪن
وَالْخَيرخيرهٗ وشره مين الله تعالىٰ، سڀ اوڏهون جاڻن
سڏڪا سي سورن جا ، ٻنين٤ رات ٻرن
عَينها باكية و قلو بها ذاكر ، اهو ذڪر چون
"إنّ" اولياٿي تحت قبائي ،" لائق لعل لڪن

" الصبرُ مفتاحُ الفرح "، صبرُ صابرن
" مَرُوتوا قبلَ ان تموتوا "، انهين من مارن
آهي مرڻ کان اڳي مَرُڻا " مان " کي نه سڃن
" تَرکُ الدنيا سنة طلب المولىٰ فرض "، هو دل ڏرن
سوين چڏيون سڪرا — گونڊر گذارين
" خلق الاشياءَ فَهُو عَينُها " منجهه عربيءَ انهن چون
آءُ اصل پاڻي آهيان - ڪٿن سمونڊ سڏن
نانءُ مٿر ناحق جا، رکيا الائي ڪن
نفيءَ مون اثبات ٿيو، ٻيا سڀ " لا " ٿين
مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن
عارف عبدالحق آهي، صوفي صاف سڀن
ڏيو روشن تنجو، تائين قيامتن
اظهر هوڻن دارين ۾، برڪت پنجتن
هوڻن خليفا غوث جا، سي روشن ڪائنڪ هٿن
قائم مسند تن جي، حُرمت خير سندن
" سچو " سگ انهن جو، سندن درازن
ڪلمو چئو نبيءَ تي، تا چئو ڪان ڇپهن
لا اله الا الله محمد رسول الله

قتل نامه

بات بره دي ابهي — ابهي عجب جيهي

۱- معشوقان مصلحت ڪيتي- عاشق قتل ڪريسون
قتل ڪنون جو پيڇهي تهن ڪُون- شهر ڏندورے ڏيسون
ڪنون ڏندورے پيڇهي تهن ڪُون - سُولي سر چڑهيسون
سولي ڪنون جو پيڇهي تهن ڪُون- لهرين وچ لڙهيسون
لهر ڪنون جو ٻاهر آيا، رمز آهين دي ابهي- ابهي عجب جيهي-

۲- لهر ڪنون جو پيڇهي تهن ڪُون- آتش وچ سڙيسون
آتش وچ جو سڙ تهن ڪُون- ڦوڪ آڙاه مچيسون
ڦوڪ آڙاه مچا تهن دي - وائين خاڪ اڏيسون

خاڪ عاشق دي اکيان دے وچ- سرمہ جوڙ ڪو پيسُون
عاشق سو جو سرمہ ٿيوے- گالھ اھين دي ڪيھي، ايھي عجب جيھي.
(وچ ۾ ٣- ۴- ٥- ٦ بيت چڏيو و يو آھي.)

٧- اصل ڪنون جا ساڏا آھا- سچل يار پچيسون
وچ دراز ين جاءَ تھين دي- تھن ڪون ووڙ لھيسون
ٿي ملاقي نال تھين دي- سارا وره و نڊ يسون
آھو اساڏا اسان آھين دے-عشق ڪيتو سے نيھي -ايھي عجب جيھي.

جھو لٹو

ھن منجھہ پنجاه بيت آھن ، مگر مثال طور فقط ٻہ بيت ھيٺ ڏ يکارجن ٿا.

(١) آھي "ڪل شيءٍ" سو ھادي
"خلق الاشياءَ" ڪون آبادي
"و ھو عينھا" ٿي آزادي
واندي غير ڪنون ھيءَ وادي
لڳا شڪ شباه ٿي شادي
سيري" سيرھ ٿي امدادي
جنھن کي سمجھہ تنھنکي تعدي
سوئي سرد نہ آھي ساري
سڀ وچ صورت يار پياري.

(٢) "عَرفت رَبّي بربّي" آيت آئي
زوبت "انا الحق" وجائي
"آعظم شاني" رمز رلائي
ڪئي "لوڪشف" اجرائي
"يَسمع يُبصر" آھي ھيڪڙائي
"بلا ميم احمد" ايھا واڻي
"اِنّي آنا الله" آگاھي
ھُيڙي صورت ھڪ سڀائي
سوئي بندو سو مولا ٿي
سو ٿي ھيٺ سو بالا ٿي
عالم الله مون اظھاري.

شعر پارسی

پارسي ۾ سرمست جو تخلص آشکار ۽ خدائي ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ سندس هيٺيان کتاب تصنيف ٿيل آهن :

۱- ديوان آشکار - هي توحيد ۽ معرفت الاهي جو وسيع ۽ بينظير گنج آهي. هي ديوان پهريون دفعو سر ميرعلي مراد خان تالپر، نول ڪشور پريس، لکنؤ مان شايع ڪرايو هو ۽ پيو دفعو ولبداس گاجرا صاحب، ڊپٽي ڪليڪٽر شڪارپور سنڌ مان شايع ڪرايو ۽ ٽيون دفعو لالا مکند لعل صاحب، ڊپٽي رجسٽرار، ڪوآپريٽو سوسائٽيز، حيدرآباد، سچل انڪڊمي لاهور مان شايع ڪرايو آهي .

۲- راز نامه - هي تمثيلي نوع ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ معرفت جون عجيب و غريب پرولين آهن.

۳- وحدت نامه - هن ۾ مختلف نوع ۾ شعر هيڪڙائي بابت چيل آهي .

۴- رهبر نامه - هن ۾ طالبات حق لاءِ تلقين ۽ هدايت لکيل آهي.

۵- عشق نامه - هن ۾ عشق ۽ درد جي خاص تعريف ڪيل آهي .

۶- گداز نامه - هن ۾ سوز ۽ گداز جي ڪيفيت ڏيکاريل آهي .

۷- وصلت نامه - هن ۾ محبوب سان ملڻ ۽ قرب حاصل ڪرڻ جو ڏس ڏنل آهي.

۸- تار نامه - هن ۾ لوه جي تار جي اصليت ظاهر ڪيل آهي جا تار پاڻ ڪالهائي رهي آهي تہ مان اصل چا هيس ۽ هينئر چا آهيان.

(مطلب تہ انهيءَ ڪتاب ۾ عجيب پيرايه
۾ معرفت جي مام تار جي تعريف جي
ذريعي تنواري ويڻي آهي.

٩- بحر طويل - هن ۾ مختلف نمونا جون حقيقتون ڏنل آهن.

آهي ڪو سنڌ ۾ اهڙو شاعر، جنهن جا پارسي ۾ ايترا ڪتاب تصنيف ٿيل هجن؟ تنهن ڪري ڪيس سرتاج الشعراء سڏجي تہ مبالغو نہ ٿيندو.

متين سيني تصنيفات منجهان هرهڪ ڪتاب مان چند ابيات واقفيت لاءِ پيش ڪيا وڃن ٿا.

ديوان آشڪار

هن مان شروع واري پهرين شعر جون ١-٢ ۽ ٧ نمبر مصرعون پيش ڪجن ٿيون:

١- جلوه حسنش چون بيني ديده عبرت ڪشا
تـــا بهر مظهر شناسي بادشاه و ڪبريا

٢- گاه ارني گر تراني هردو جاري حڪم او
گاه هجر و گر وصال او صد، او اوندا

٧د "لاَ تحرڪُ ذرةٍ اِلا بِاذن اللّٰه" شنو
آشڪارا تو نڻي آن هرچه باشد خود خدا

معنيٰ- ١- جيڪڏهن تون هن جو حسن ڏسڻ گهرين تہ عبرت جي اک کول تہ پوءِ توکي سڀ ڪنهن مظهر (شيءِ) ۾ اهو بادشاه ڪبريا ڏسڻ ۾ ايندو.

٢- ڪڏهن ارني ٿو چوي، ڪڏهن لنڊ تراني ٿو چوي. ايهي ٻئي حڪم سندس آهن، ڪڏهن جدا آهي تہ ڪڏهن ڳڏ آهي.

٣- الله جي حڪم کان سواءَ ڪا شيءَ چري نٿي سگھي. اها ڪائنات ۾ رکي آشکار (سچل) تون آهين ٻي ڪوبه جيڪي آهي سو خدا آهي.

مڪين ٻن ستن ۾ قرآن شريف جون به آيتون بيش ڪيل آهن.

قال ربّ ارنيّ انظر اليک قال لن تَراني (قرآن) هيءَ آيت حضرت موسيٰ ڪليم الله جي باري ۾ آيل آهي ته حضرت موسيٰ عرض ڪيو ته "يا رب! مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ." رب پاڪ جواب ڏنو ته تون نه ڏسي سگھندين. حافظ درازي مٿال ڏنو آهي ته عرض ڪندڙ ۽ جواب ڏيندڙ آهو ساڳيو آهي. لا تحرک واري آيت به قرآن شريف جي آهي جنهن ۾ رب پاڪ فرمايو آهي ته ڪابه چيز سندس حڪم کان سواءَ چري نٿي سگھي.

ديوان آشکار ــ در تعريف درويش

١- بادشاه بي سپاه درويش است- پاک از هر گناه درويش است
٢- مفلسي بيکسي ست مايهٔ ما- اين همه عز و جاه درويش است
٣- مسند و چتر سنجري چه بود- دلق و يکتا کلاه درويش است
٤- نيست موجود جز خدا ديگر- در دو عالم گواه درويش است

آشکارا ديگر طريقه مگير
خاص تر راست راه درويش است

معنيٰ ١- بادشاه بنان لشکر درويش آهي- سڀني گناهن کان پاڪ درويش آهي.
٢- غريبي ۽ بيچارگي هن جو خزانو آهي- ايهو شان و شوڪت درويش جو آهي.
٣- تخت ۽ سنجري بادشاه جو ڇت ڪهڙي شيءَ آهي؟ گودڙي ۽ هڪ ڪلاه (ٽوپي) درويش لاءِ ڪافي آهي.

٤- خدا کانسواءَ ٻيو ڪجهه موجود نہ آهي. ٻنهي جهانن ۾ اُن جو شاهد درويش آهي.

٥- آشڪار ٻيو ڪو طريقو اختيار نہ ڪر. خاص ۽ سڀين راه درويش جي آهي.

وحدت نامہ (شروع کان پنج بيت)

١- جلوه حسن پديدار- تجلي در ديوار- درون بيرون دلدار بهر ذره ديدار- عيانست بهم اسرار- من و ما بگذار

٢- شراب اين منصوري- از وشد مخموري- محوشد کنز و قدوري کشف القلب و قبوري- بود اين مزدوري- بر هيديم از دوري

٣- آداب اين جا شکتيم- زسائل بگذشتيم- بکمر تيغ بر بستيم بود از عشق بد ستيم- زمسلمانيي رستيم- جزيار هيچ نہ جستيم

٤- حقاکہ از خود رستم- سخن راست گفتم- اشک از ديد روانم کنم از درد بيانم- نہ همينم نہ همانم- بهم سر سبحانم

معنيٰ- ١- هن جي حسن جو جلوه ظاهر آهي، سندس حسن جو تجلو در ۾ ديوار (هر هنڌ) ظاهر آهي، اندر ٻاهر دلدار آهي- هر ڪنهن ذري ۾ هنجو نور آهي، هن جو اسرار هر هنڌ ظاهر آهي، مان ۾ اسان (خودي) کي ڇڏي ڏي.

٢- ايهو منصوري شراب آهي، جنهن جي پيڻ سان خمار آهي، ڪنز ۽ قدوري وسري وياَ- دل جو ڪشف ۽ قبر جو ڪشف، ايها مزوري آهي- مان دوري کان مٿي چڙهي ويم.

٣- انهيءَ حد تي ادب ڇڏي ڏنم، سوال ڪرڻ کان لنگهي ويم- چيلهه سان همت جي ترار ٻڌم- عشق سان هٿ ملايم، مسلماني کان آزاد ٿيم، يار کانسواءَ ٻي جي تلاش نہ ڪيم.

٤- تحقيق مان پاڻ کان آزاد ٿيم، سچي گالهه ظاهر ڪيم، اکين مان آب جاري ٿيم- درد کان هيءَ بيان ظاهر ڪيم، نه مان هيءَ آهيان، نه مان هو آهيان، پر مان خود خدا آهيان.

ڏار نامه — (شروع کان ٣ بيت)

١- داستان ديگر بشنو زمن- از شنيدن محو گردد جان و تن
٢- يار گويد باز گو از مثنوي- چند ابيات از سِرّ معنوي
٣- ما نمي گويم گويا او بود- مانمي جوئيم جو يا او بـــود

(پچاڙي جا ٣ بيت)

١- جسم طنبور ست و تار چون زبان- مي‌کند اسرار مولىٰ را عيان
٢- تار جان ست قلب را طنبور دان- هست از انگشت سر آئينده بيان
٣- اين حقيقت تار چون کرده تمام- صبر خود خود شد زگفتن والسلام.

معنىٰ- ١- هينڌر مون کان ٻيو داستان ٻڌو- جنهن جي ٻڌڻ سان جان ۽ تن وسري وڃن ٿا.
٢- يار ٽو چوي ته ٻيهر بيان ٻڌاءِ- ڪجهه بيت مخفي اسرارن جا ظاهر ڪر.
٣- مان نٿو چوان پر ايهو يار پاڻ ٽو چوي- مان نٿو ڪوليان پر هو پاڻ ٽو ڪولهي.

(وچ ۾ سارو بياض ڇڏي، وري پويون ٽي سٽون لکجن ٿيون.)

معنىٰ- ١- جسم طنبورو آهي ۽ تار زبان جي مثل آهي، جا الله جا لکل راز بيان ڪري ٿي.
٢- تار جان آهي ۽ دل طنبورو آهي- جا آڱر جي اشاري سان ٻڌائي ٿي.

٣- يها حقيقت جڏهن تار پوري ڪئي ، پوءِ خودبخود صبر اچي ويو- وڏي سلام .

(نوٽ- الاهي الهام ان کي چيو وچي ٿو،)

رهبر نامہ- (شروع کان اٺ بيت)

١- بشنو اين کيفيت حال را- محو کن قيل دگر قال را
٢- کيست مهمان کس کہ بيان ميکند- سرّ ز اسرار عيان ميکند
٣- گوينده اوست نگويا منم- جوينده اوست نجويا منم
٤- رهبر نامہ است عجائب کتاب- آنکہ بر آورد مهم پرده حجاب
٥- اي تو نباشي بود او جا بجا- مهم بہ چپ وراست بہ بين هرکجا
٦- اين سخن و حرف نباشد زما- گويا او هست شنو اي فتا
٧- وصل همين است زخود رفتني- هجر بود با خود پيوستني
٨- چون تو خود رفتني او ميشوي- گر تو بخود هستي دو ميشوي

معنيٰ- ١- هيءَ سموري حقيقت حال جي پڌرو- ٻيو سڀ قبل و قال ڇڏي ڏيو.

٢- اهو ڪير آهي جو هيءَ بيان ڪري ٿو؟ ڪير الله جا مخفي راز ظاهر ڪري ٿو؟

٣- چوندڙ اهو آهي ۽ نہ مان- ڳولهيندڙ اهو آهي ۽ نہ مان.

٤- هيءَ رهبر نامہ عجائب ڪتاب آهي- جو حجاب جا سمورا پڙدا ڪٽي ٿو ڇڏي .

٥- تون آهين ٿي ڪونہ هر هنڌ هو حاضر آهي- ڪٻي سڄي ڏس تہ هر هنڌ هو آهي.

٦- ايڏي سخن ۽ لفظ منهنجا چيل نہ آهن- اي طالب پڌ تہ چوندڙ هُو آهي.

٧- وصل اهو آهي جو تون پاڻ ڪيڙي ڇڏين- جدائي اها اهي جو تون پاڻ وچ ۾ آڻين.

٨- جڏهن تون پاڻ کيندين هو ٿي پوندين - جيڪڏهن تون پاڻ وچ ۾ آڻيندين تہ ٻوءَ ٻ ٿي پوندا.

يعني— تون ٻيو آهين ۽ الله ٻيو آهي تہ اها ڏٺي آهي ۽ "وحده لا شريک" جي قول جي خلاف آهي. قران جو قول آهي تہ الله واحد ۽ لاشريک آهي.

سبحان الله! چا مرد جي سمجهاڻي آهي- جيڪڏهن طالب مولىٰ کي تلقين ۽ هدايت مان ڀهري ور ٽيٽو آهي تہ هيءَ سارو کتاب پڙهي ڏسي. ايهو الاهي الهام آهي.

گداز نامہ (شروع جا پنج بيت)

١- آن خدا موجود در هرجا ببين - آن خدا مشهور سرتا پا ببين
٢- آن خدا موجود اندر هر مکان - آن بود معبود اعيان و نهان
٣- اسماءُ والارض باشد نور او - نيست حق ذاکر و مذکور او
٤- آن خدا موجود اندر کائنات - اين هم باشد صفاتِ پاک ذات
٥- آمده ظاهر بنام مصطفىٰ - باليقين دانستن است ذات خدا

معنىٰ : ١- آهو هرهنڌ موجود سمجهه- سرکان پيرن تائين خدا مظهر ڏس-

٢- آهو خدا هر هنڌ حاضر ناظر آهي- ظاهر ۽ باطن عبادت کيل آهو آهي.

٣- زمين آسمان تي هنجو ڏي نور آهي. الله کان سواءِ نکو کو ٻيو ذکر کندڙ آهي ۽ نہ ذکر آهي.

٤- آهو خدا ساري جهان ۾ موجود آهي. هيءَ آن ذات پاک جي صفات آهي.

٥- هو حضرت محمد مصطفىٰ صلعم جي نالي سان هت ظاهر ٿيو- يقين کر تہ اهو خود خدا آهي.

راز نامہ (شروع جا پنج بيت)

١- اي غزليات بگذشتم كنون- باز راز از دل آيد برون
٢- تا كه گويم مثنوي را همچنين - ظهر كردد در زمان آخرين
٣- نام ميگويم تو با حكم او- سرّها اسرارها اندرو
٤- نئي خيال از ما ايراده يار بود- تا كه بر رويم در معنئ كشود
٥- گفته شد اين نامہ در آخر زمان- تاشود پيدا او اسرار نهان

معنيٰ ١- هن غزل جوڙ سان مان دنياكان مٿي چڙهي ويس- وري دل كان راز ٻاهر نكري ٿو.
٢- ته وري مثنوي هن طرح چوان، ته هن آخر زمان ۾ ظاهر ٿئي.
٣- هيءَ نامون مان اوهان كي حكم سان ٻڌايان ٿو- اندر جا سارا راز رموز ظاهر كيان ٿو.
٤- اهو منهنجو خيال نہ آهي، مگر يار جو ارادو آهي ته مان اوهان كي راز كولي ٻڌايان.
٥- هن آخر زماني ۾ هيءَ نامون ٻڌايان ٿو ته مخفي راز سڀ ظاهر ٿين.

هن ۾ سڀ راز هيٺ ڏيكاريل آهن. طالب مولئ كي هيءَ سارو نامون پڙهڻ گهرجي. سرمست روزالست جي كلام كي الاهي الهام نہ سڏڻ ۽ كيس سرتاج الشعرا نہ سڏڻ بلكل بي انصافي آهي.

وصلت نامون (شروع جا پنج بيت)

١- ابتدا اول بنام كردگار - خالق هفت و شش و پنج وچهار
٢- آن خداوندي كه هستي ذات اوست- هر دو عالم مصحف آيات اوست

٣- آن خداوندي كر آدم راز خاكـ آفريد و داد او را جان پاک
٤- آن خداوندی كر اشيا راز جود- هركسي را در لباسی وا نمود
٥- بعد از آتش گفت بحر جود باش - جون ملائک ساجد و مسجود باش

معنيٰ— ١- شروعات الله جي نالي سان كيان ٿو- جو ستن، چهن، پنجن ۽ چئن جو خالق آهي.
٢- انهيءَ الله جي ذات موجود آهي- ٻئي جهان هنجي قرآن جون آيتون آهن.
٣- آهو الله آهي جنهن آدم كي خاک مان پيدا كيو- پيدا كري ان كي پاک جان بخشي.
٤- آهو الله آهي جنهن هر شيءَ كي پيدا كيو ۽ هر هک كي ذار ذار لباس پهرايو.
٥- تنهن كان پوءِ باه كي حكم كيائين تہ تون مهر جو د رياءَ- ٿيءَ ملائكن وانگر سجد و كندڙ ۽ سجدو كيل ٿيءَ.

عشق نامون (شروع جا پنج بيت)

١- آن خداوند از عشق آدم آفريد - تاز مخلوقات اورا برگزيد
٢- آن خداوند اورا امانت عشق داد - در نها نش سرّ اسرار نهاد
٣- خانہ آدم را نمود آباد كرد - بيچگون در چگون امداد كرد
٤- راست مي گويم ولي گردد عيان- آن بهست اسرار در باطن نهان
٥- بهست آن آدم كجا آدم كجا - آن خدا موجود باشد جا بجا

١- معنيٰ— انهيءَ ذات پاک عشق جي غلبہ كان آدم پيدا كيو، جنهن كري ساري مخلوقات كان هن كي پلارو كيائين.
٢- انهيءَ ذات پاک هن تي عشق جي امانت عطا كئي ۽ ان ۾ پنهنجا سمورا راز رموز سمائي چڏيا.
٣- پهريان حضرت آدم جي گهر كي آباد كيائين ۽ ان ۾ بي چون ۽ بي مثال راز ركي چڏ ائين -

۴- مان سچ ٿو چوان ته جيئن الله جا سمورا راز رموز مخفي رکيل ظاهر ٿين -

۵- آدم ڪٿي آهي، مخلوق ڪٿي آهي؟ مگر آهو خدا آهي جو هرهنڌ حاضر ناظر آهي.

نوٽ — جيڪڏهن ڪنهن کي عشق جي تعريف پڙهڻي هجي ته هيءَ عشق نامہ پڙهي ڏسي چند ابيات عشق جي تعريف ۾ چيل مثال طور هيٺ ڏيکارجن ٿا :

۱- عشق را دانی کہ باشد نور پاک - هر کسي را عشق باشد پس چه باک

۲- ما سبق خواندیم از دیوان عشق- هست در هر دو جهان سلطان عشق

۳- عشق را تحقیق بصورت نگر - عشق بذات حق بداني اي پسر

۴- عقل بنماید تماشائے جهان - عشق برسانند بذاتِ جاودان

۵- هر کجا آن شاه عشق خیمہ زد - هر کسي را زیر فرمان آورد

معنيٰ — ۱- عشق کي سمجهہ ته پاڪ نور آهي- جنهن کي عشق آهي تنهن کي هيو ڪو خوف نہ آهي.

۲- انسان عشق جي ديوان مان سبق پڙهيو آهي- هنهي جهانن ۾ عشق بادشاه آهي.

۳- عشق کي تحقيق ڪا صورت ڪانهي. اي پٽ عشق کي الله جي ذات سمجهہ.

۴- عقل ساري جهان جو تماشو ڏيکاريندو. عشق الله جي بقادار ذات تائين پهچائيندو.

۵- جتي به عشق اچي منزل ڪئي، ته هر ڪنهن کي پنهنجي حڪم هيٺ آڻيندو.

بحرطويل (شروع جا پنج بيت)

هيءَ بحر تمام وڏو آهي جنهن ۾ ٽي چار سو بيت آهن، مگر انهيءَ جا پهريان شروعاتي ست بيت هيٺ ڏيکارجن ٿا :

اي دلا در بارگاه مصطفیٰ هوشیار باش
گر تو عاشق صادقی از غیر او بیزار باش

٢- از ابو بكر و عمر عثمان نداري احولي
حلقه افگن زان غلامي و چاكر كرار باش.
٣- اين چهاران يكـــ بداني خسر د و داماد دو
از شه نور الهدي باشند در اقرار باش.
٤- شه عمر داماد مي باشد ز شه مرتضي
ام كلثوم زوجه اشي سگـــ همان دلدار باش.
٥- خير الامت بو بكر شاه عمر عثمان علي
هر كه دشمن اين‌شهان فوراً از و خونخوار باش.
٦- خير الامت بو بكر فاروق فرمان علي
پس چرا اي رافعي بي خبر در اخبار باش.
٧- چهار قبل چهار مذهب هم طريقه چهار يار
چهار طبع وهم طريقت‌چهار خوش‌ازچهار باش.

١- اي دل تون حضرت مصطفيٰ صلعم جي درگاه ۾ تون هر ڪيار ٿيءَ،
جيڪڏهن تون سچو عاشق آهين، هن ڪانسواءِ ٻي ڪان بيزار ٿيءَ.
٢- حضرت ابوبڪر حضرت عمر ۽ حضرت عثمان ڪان پوءِ ٽيڏو نه ٿيءَ
(ٽيڏي پاڻءَ نـــ ٽـــي، هوت مڙيو ٽـــي هيڪڙو).
تون هنن جي غلاميءَ جو رسو ينهنجي ڳچيءَ ۾ وجهه
۽ پوءِ حضرت حيدرڪرار جو نوڪر ٿيءَ.
٣- انهن چئني ڪي تون هڪ سمجهه - جو انهن منجهان به
رسول پاڪ صلعم جا سهرا آهن ۽ به نياڻا آهن. (حضرت
ابوبڪر ۽ حضرت عمر ٻئي سندن سهرا آهن ۽ حضرت عثمان
۽ حضرت علي نياڻا آهن) ۽ تون قبول ڪر ته اهي چارئي
حضور پاڪ صلعم جا ٻئي آهن-
٤- شاه عمر حضرت مرتضيٰ علي جو نياڻو ٿئي- سندس زوجه
محترمه جو اسم مبارڪ بي بي ام ڪلثوم آهي، تنهن
ڪري تون انهيءَ دلدار جي در جو ڪتو ٿيءَ.
٥- حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت عثمان ۽ حضرت علي
چارئي پلاري امت آهن. جيڪو انهن چئني شاهن جو
دشمن آهي تنهنجو تون خونخوار ٿيءَ.

٦- حضرت مرتضيٰ علي جو فرمان آهي تہ حضرت ابوبکر ۽ حضرت عمر فاروق پلاري آٿت آهن . پوءِ تون اي گلا ڪندڙ انهيءَ ڳالهہ کان بي خبر ڇو ٿيو آهين .

٧- طرف چار آهن، مذهب چار آهن، ۽ طريقہ چار آهن، يار چار آهن. انسان جون طبعون چار آهن، طريقت جا درجہ چار آهن ، تون چئن ٿي کان خوش ٿيءَ .

—

پچاڙي وارين ٻن سٽن جي سمجهاڻي هيٺ ڏجي ٿي :

١- قبلہ چار آهن : اتر- ڏکڻ- اوپر ۽ اولهہ .

٢- مذهب چار آهن يعني چئن مذهبن تي چار ڪتاب الله پاڪ وٽان نازل ٿيا. انجيل حضرت عيسيٰ تي، توريت حضرت موسيٰ تي، زبور حضرت دائود تي ۽ فرمان حميد اسان جي نبي صلعم تي.

٣- طريقہ چار آهن : قادري ، چشتي، سهروردي ۽ نقش بندي.

٤- منزلون چار آهن : شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. فنا في‌الشيخ- فنا في الرسول- فنا في‌الله- بقا بالله.

٥- ميڪوئل چار آهن : جبرائيل- اسرافيل- ميڪائيل- عزرائيل

٦- عناصر چار آهن : آبي- آتشي- بادي- خاڪي .
ساڳئي وقت نبضون چار آهن، جي چئن آڱرين سان ڏنيون وڃن ٿيون .

٧- مندون چار آهن : اونهارو- سيارو- خزان- بهار .

٨- الله ، محمد ۽ احمد ۽ اڪر چار آهن.

٩- حيدر ڪرار ۽ اڪر چار آهن.

١٠- امام- حسين- جعفر- صادق ۽ اڪر چار آهن .

١١- ڪٽ- ڪرسي ۽ ميز جي روزانہ استعمال ڪيون وڃن ٿيون، تنڪي تنگون چار آهن.

١٢- مينهن ۽ ڪڻون جنهن جو روزانہ ڪير پيتو وڃي ٿو تن کي ٽڻ چار آهن. مطلب تہ الله تبارڪ و تعالیٰ روز ازل کان چئن جو شان اعليٰ ۽ افضل ڪيو آهي.

دولهہ درازيءَ جي درٻار جا در لاڻاني

۱- فقير نانڪ يوسف ساڪن اڳڙ رياست خيرپور ۲- فقير محمد يعقوب رياست خيرپور ۳- فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻو ۴- فقير سيد خير شاهہ رتو ديرو ۵- جانو فقير پچارو شڪارپور ۶- فقير غلام حيدر شر ويٺل ڳوٺ مينگهو شر رياست خيرپور ۷- فقير محمد صلاح ويٺل دونهو لڳ روهڙي ۸- فقير محمد صديق ويٺل ڳوٺ فيتي تعلق لاڙڪاڻو ۹- فقير سيد دين شاه ۱۰- فقير سيد پير شاه ۱۱- فقير سيد حيدر شاه ۱۲- فقير حاجي عثمان چاڪي ۱۳- فقير شير علي ۱۴ فقير گهرام جتوئي ۱۵- فقير سيد حسن شاه ۱۶- فقير شيرخان پنهرو ۱۷- فقير سر مير علي مراد خان ٽالپر والي رياست خيرپور -

ابهي سيٽي با خدا درويش ۽ شاعر هوا. سرمست جو فراوان فيض جو بحر بي پايان اهڙو هو جو جنهن ۾ انسان سڪ چڪي سو رند عاشق ٻڏجي ويو. اُنهن ٻالڪن منجهان جن جون درگاهون ڏٺيون ويون آهن تہ اُنهن تي قبا ٺهيا پيا آهن ۽ اُنهن جو لنگر اڃا ۾ جاري آهي ۽ ڪيٽي مريد خادم خدمت ۾ ٻيٺل آهن. هڪ ڏينهن مسٽر مڪند لعل لالا صاحب سان گڏ جي فقير نانڪ يوسف ساڻين جي درگاه تي وڃي ٿيو. سجاده نشين صاحب فقير امام بخش صاحب کان فقير نانڪ يوسف جي سوانح حيات بابت پڇا ڪئي ونئي جنهن فرمايو تہ فقير صاحب جي سوانح حيات ماسٽر محمد بخش

صاحب لکي آهي سو اوهان هنکان وٹي مطالع ڪري سگهو ٿا. ماستر محمد بخش صاحب جيڪو ڪتاب اسانکي ڏنو آهي، ان ۾ فقير نانڪ يوسف جو احوال جيڪو ڏيکاريل آهي آهو هت مختصر طرح ڏيکاريو وڃي ٿو-

فقير نانڪ يوسف صاحب

فقير صاحب جي والد بزرگوار جو اسم مبارڪ مولوي محمد هاشم هو. سندس اصل وطن سيري هو مگر پوءِ اتان لڏي لڏي اچي جهل شهر ۾ سکونت پذير ٿيو. هو عالم با عمل هو، جنهن ڪري هو شهر جو مفتي مقرر ڪيو ويو هو. شهر جي هارن کي ڪلام الله شريف ۽ فقہ پاڙهيندو هو. کيس پٽ جو اولاد ڪونہ هيو جنهن ڪري اچي شاه گودڙي تي سوالي ٿيو. اتان کيس نياڻ ٿيو تہ توکي فرزند تولد ٿيندو جو منصور ٿيندو. آخر مولوي صاحب کي فرزند عطا ٿيو، سندس نالو محمد يوسف رکيو ويو.

اسلامي روايات موجب مولوي صاحب هن کي ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ پين شاگردن وانگر پاڻ وٽ شاگرد ڪري ويهاريو. پندرهن سورهن ورهين جي عمر اندر هن سمورو ديني علم پنهنجي والد کان پرايو. علم ۾ عالم ٿيڻ سبب سندس والد صاحب سندس دستار بندي ڪرائي. دستار بندي جي رسم ادا ڪرڻ کانپوءِ ستت مولوي صاحب رحلت ڪئي. والد صاحب جي وفات بعد فقير صاحب کي انهيءَ ديني مسند تي ويهڻو پيو چاکاڻ تہ پيءَ جو هوني اڪيلو وارث هو. علمي لياقت ۽ پرهيزگاري سبب هنجو نالو چوطرف مشهور ٿي ويو. ڪيترا عالم فاضل هنجي سلام تي اچڻ لڳا، مگر فقير صاحب کي هميشہ ايهو خيال دل ۾ رهندو ٿي آيو تہ مان عابد ۽ زاهد، عالم ۽ فاضل تہ ٿيس مگر الله تہ ڪونہ مليو، انهيءَ ڪري هنجي دل ۾ هميشہ

بي چيني ۽ بيقراري رهندي هئي ۽ انهيءَ کري هڪڙي ڏينهن جهل جي شهر مان نڪري جهنگل ڏي هليو ويو ۽ هڪڙي هنڌ ويهي هن چلہ کڻيو يعني چاليهہ ڏينهن الله جي عبادت ۾ مشغول رهيو. پوءِ ڏين چلہ پوري ڪرڻ تي کيس نياءَ مليو تہ توکي فيض ملندو، مگر اتان جتي منصوري نعرو هوندو. انهيءَ کري هن جهل شهر کان نڪري اتر طرف جهنگ ڏي منهن کيو. جهنگ جبل جهاڳيندو ۽ ڏيس بہ ڏيس گهمندو رهيو، مگر کيس پنهل جو پتو ڪونہ پيو. هن کي انهيءَ سفر ۾ ڀارهن مهنا لڳي ويا.

ڏکن ۽ ڏولا ون، پکن ۽ تسين ۾ هن جو بدن علیل ٿي پيو، جنهن کري هو موتي پنهنجي وطن آيو ۽ وري اچي ساڳي جاءَ تي پهتو چاليهو کڻيو ۽ وري بہ کيس ساڳيو ارشاد ٿيو تہ توکي فيض ملندو، پر اتان جتي منصوري نعرہ هوندو. هن دفعي هن وري شهر جي اولهہ طرف رخ رکيو ۽ ساڳيءَ طرح ٽربر ٽيندو ۽ ڏکر ڏوجهارا ڏسندو ڀارهن مهينن جي عرصي بعد وري موتي وطن آيو ۽ وري اچي ساڳيءَ جاءَ تي ٽيون چاليهو کڻيو. انهيءَ دفعي بہ کيس ساڳيو جواب مليو جنهن کري هو نهايت متفکري ۾ اچي ويو تہ هينئر چا ڪجي ۽ اهو مرد منصور ڪٿن ليي. تنهن کري هن پنهنجي والد بزگوار جي مرشد ڏانهن دعا طلبي لاءِ وڃڻ جو ارادو ڪيو. سندس والد صاحب جو مرشد حضرت سيد ابو صالح شاه اول هو، تنهن کري هو راڻي پور طرف روانہ ٿيو. سفر جون سڏون سهندو سهندو اچي بيگاري وٽ ترسيو. ترسڻ بعد وري ٻي منزل اتي ڪئي جتي هينئر سندس ڳوٺ آهي. تنهن وقت آتي جي باشندن سندن چگي مرحبا ڪئي. ڪجهہ وقت اتي ميرن جو شڪارگاهہ هو ۽ اتي شڪار لاءِ لانڊيون هيون. فقير صاحب بہ اچي انهن لانڊين ۾ رهيو. مگر اڙد وارا فقير جو ضعف ۽ حقيري حال ڏسي نفرت ڪرڻ لڳا ۽ هنن کيس اتان نڪري وڃڻ لاءِ زور پريو ۽ فقير کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. فقير صاحب تنڪ ٿي لاچار هنن کي جواب ڏنو تہ هيءَ جاءَ اسان جو

مقام آهي ۽ هتي سون کي ٽي رهڻو آهي توهان کي هيءَ جوءِ
ڇڏڻي پوندي. خير، فقير کجهه وقت اتي ڏکيو سکيو گذاري اڳتي
راهي ٿيو ۽ اڇي لاکن جي ڳوٺ پرسان، لڻي جي هيڻان وينو.
کجهه وقت اتي ترسڻ بعد هن راڻيپور طرف رخ رکيو مگر اوچتو
اهڙو طوفان اڇي لڳو جو چؤطرف اندوڪار ٿي ويو جنهن ڪري
فقير صاحب رستو پلجي ويو ۽ دراز شريف جي دڳ ۾ اڇي
پيو ۽ پير صوفو جي مقام وٽ رات رهيو. رات جو ڪيس سماع
جو آواز ڪن تي پيو. هن سمجهيو ته اتي ڪا وسٿو هوندي
سو پره ڪڻي جو اٿي اوڏانهن هليو ۽ اڇي درگاه دراز شريف
جي حد اندر داخل ٿيو. اندر مسجد شريف ۾ لنگهي ڏسڻ
لڳو ته سبحان الله! مسجد جي ايوان ۾ ٽلهي تي هڪ مرد مولي
جو مراقبه ۾ ويٺل آهي ۽ ٻيا فقير پرسان ويٺا سماع ڪن.
هن صحيح سڃاتو ته منصوري دم وارو مرد مجاهد ايهو آهي،
تنهن ڪري هيءَ به اڇي فقيرن سان سماع ۾ شامل ٿي ويٺو.
اڃان هو ويچارو سورن جو ماريو مس اڇي ويٺو ته مراقبه واري
مرد يڪدم فقيرن کي حڪم ڪيو ته جو فقير هينئر نئون آيل
آهي، تنهن کي مسجد کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. حڪم جي
تعميل ٿي ويئي، فقير کي ڏکا ڏيئي مسجد مان ڪڍيو ويو.
فقير صاحب وري رڙهندو اڇي مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ وري
به ڪيس ڏکا ڏيئي مسجد مان ڪڍيو ويو. انهيءَ طرح ٽي
دفع فقير مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ ٽئي دفعا ڪيس ڏکا ڏيئي مسجد
مان تڙيو ويو. آخر ٽئين دفعي فقير صاحب مسجد کان ٻاهر
بيهوش ٿي ڪري پيو. آخر مراقبي واري مرد حڪم ڪيو
ته هن کي ٽنگا ٽولي ڪري دراز ن جي شهر کان ٻاهر اڇلي
اچو. حڪم موجب فقير کي ٽنگا ٽولي ڪري سٽي واريءَ
ڪڍ جي ڪناري تي ڪنڊيءَ جي وڻ سان ٽيڪ ڏيار اڇلي
آيا. فقير صاحب اهڙي طرح ويڌو جو سندس منهن مبارڪ روضي
شريف جي طرف ڏانهن هيو. فقير صاحب سانده ٻارهن مهينا
اتي ويٺو رهيو ۽ ڪيڏانهن ڪين چريو. اهو مراقبه وارو مرد

سلطان العاشقين حضرت سچل سر مست هو. جڏهن بارهن مهينا گذريا تہ هڪ ڏينهن سرمست سائين پنهنجي فقيرن سميت اتان کڏ جي ڪناري ڪان لانگهائو ٿيا. فقير اتي بيهوش ٿي ڪري پيو. سرمست سائين پنهنجي فقيرن کي حڪم ڪيو تہ وڃي ڏسو تہ اهو فقير جيئرو آهي يا مري ويو آهي.

فقير انهيءَ فقير کي ڏسي اچي عرض ڪيو تہ قبلا هيءُ ويچارو مئو پيو آهي. پاڻ مرڪي فرمايائون تہ ابا هي فقير مري ڪونہ ويو آهي، مگر زنده آهي.

تنهن تي فقيرن عرض گذاريو تہ قبلا هيءُ اوهان جو عاشق آهي. هن سان هينئر ڪا مهرباني ڪريو. پاڻ فرمايائون تہ ڇڳو، وڻي اچوس. فقيرن يڪدم وڃي يوسف فقير جي مٿان بيهي کيس چيو تہ فقير توکي مرشد ياد فرمايو آهي. فقير صاحب پرين جو پيغام ٻڌي بارهن ورهن جي ٻالکي وانگو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ خوشي سان پنڌ ڪندو اچي سرمست سائين جي دربار ۾ حاضر ٿيو. سرمست سائين هن تي پنهنجي نظر عنايت فرمائي ۽ پنهنجن ٻالکن سان هنکي گڏ رکيو ۽ کيس رياضت ڪرڻ جو حڪم صادر فرمايو.

پهريان بارهن مهينا هو ٻئيءَ لاءِ جهنگ منجهان ڪاڦيون ڪرڻ ويندو هو ۽ پر پٽ ننگر هلي ويندو هو، جنهن ڪري ننگر ڪونہ سلندو هيس. جڏهن سرمست سائين کي اها خبر پئي تہ پوءِ کيس ڪائين جو حڪم چڏائي درگاه شريف جي مٿي پرڻ جو حڪم ڏنو. بارهن مهيناڪاڦونس مٿي پرائي وئي. تنهن ڪان پوءِ بادشاه هن تي مهرباني ڪري پنهنجي خاص خدمت ۾ رکيو. يوسف فقير ڪان اڳ يعقوب فقير بہ بادشاه جي خاص خدمت ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن سرمست سائين پنهنجي خلوت گاه ۾ ويٺو هو تہ هن اوچتو يعقوب، يعقوب ڪري پڪاريو. يعقوب فقير غير حاضر هجڻ سبب يوسف جواب ڏنو تہ قبلا! يعقوب ڪونہ آهي مگر سندس پٽ يوسف حاضر آهي. (هي مثال حضرت يعقوب پيغمبر ۽ سندس پٽ حضرت يوسف جو ڏنل آهي)

وري پي دفعي ٻــ سرمست سائين يعقوب کي سڏيو مگر يعقوب غير حاضر هو جنهن ڪري يوسف ساڻيو جواب ڏنو. ساڻي طرح ٽيون دفعو ٻ هن يعقوب کي سڏ ڪيو مگر ٽئين دفعي ٻ يعقوب غير حاضر هو ۽ يوسف ساڻيو جواب ڏنو. تنهن تي سرمست سائين کي وجد اچي ويو ۽ انهي حالت ۾ باهر نڪري آيو. يوسف کي پاڪر پائي چيو ته الله توکي امانت ڏيارڻ ٿوڪهري ته پوءِ يعقوب کي ڪٿن ملندي؟ بس تنهن دم فقير صاحب واصل بالله ٿي ويو. انهيءَ وقت سرمست سائين هيئيون ارشاد فرمايو :

دل دلبر کي اچ عاشق — سست يقين نہ ٽيءَ تون
ٽوڙي شڪ گمان سيڻي — پر يمي پيالو پيءَ تون
موتوا قبل انت موتو — جيوڻ ۾ مرجيءَ تون.

—

مرشد آکيو عاشق ٽئين تا — منکر ٿج مشائخي
شيخي پيري ۾ بزرگـــي — اٿي سڀ هلا کي
عشق امانت خاص الله جي — دل کي ڏي فراخي
سچل سوز گداز سواءِ سچ — ٻيا سڀ چور طباقي

—

مرشدکان مستفيض ٿيڻ بعد ٻ فقير صاحب سندس قدمن ۾ رهندو ٿي آيو. ڪجهه عرصي بعد سرمست سائين کيس حڪر ڏنو ته تون هينئر اتي وڃي ره جتي اڳ تون ميرن جي نوڪرن کي پنهنجو مقام ۽ مڪان ٻڌائي آيو آهين. تنهنجو مڪان ٻ اتي آهي ۽ مقام ٻ اتي ٿيندو. اڳي انهيءَ بستيءَ جو نالو رنگپور هو، مگر فقير صاحب جي مقيم ٿيڻ بعد اهو ڳوٺ فقير يوسف جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اڄان ٻ پيو سڏجي.

ذکر آيل آهي ته جڏهن فقير صاحب تولد ٿيو تنهن رات نوشهري فيروز جو بزرگ ميان شهاب الدين صاحب مراقبہ ۾ ويٺو هو ۽ هن ٽي دفعہ 'هون' - 'هون' جو آواز ڪيو ۽ ڪجهہ هٿ سان پڻ اشارا ڪرڻ لڳو - صبح جو سندس مريدن ڪائونس پڇيو ته قبلا ! رات ڇا ماجرا هئي ۽ ڪنهن کي ٿي منع ڪرڻ فرمايو - بزرگ فرمايو ته رات مولوي محمد هاشم جهل واري کي فرزند تولد ٿيو جنهنکي ملائڪن سگورن ست شيشا شراب طهورا جا پياريا ۽ ڪيس انون شيشو ٻ ٿي پياريو، جنهن تي مان هنن کي منع ٿي ڪئي ته جيڪڏهن آنون شيشو ٻ هنکي پياريو و ٻو ته هو آسمان جا پڙدا قاڙي چڏيندو يعني راز الاهي سڀ کولي پڌرا ڪندو ۽ شريعت جون سڀ حدون لتاڙي چڏيندو. هينئر ايترو ٿيو آهي جو سندس راز الاهي کولڻ تي قفل لڳايو ويو، جنهن جي ڪنجي سچل سرمست جي حوالي ڪئي ويئي آهي، هُنجي امر کانسواءِ هو ڪجهہ ٻ ڪري نہ سگهندو. فقير صاحب جڏهن حيدر آباد کان سوڀي درازن ڏانهن پي آيو (جنهن جو ذکر ٻوءِ ڏنو ويندو) تڏهن واٽ ۾ نوشهري ۾ منزل انداز ٿيو - انهيءَ وقت ميان شهاب الدين صاحب ته رحلت ڪري ويو هيو ۽ سندس فرزند ميان عبدالحي صاحب سجاده نشين هو. تنهن فقير صاحب کي ڏسي پنهنجن مريدن کي چيو ته هيءَ ساڳيو فقير صاحب آهي جنهن لاءِ والد صاحب پيشگوئي ڪئي هئي.

ذکر آيل آهي ته هڪ دفعي ميرعلي مراد خان کي ڪن ۾ سخت سور ٿيو ۽ ڪيترن علاجن ڪرائڻ جي هوندي ڪن جو سور ڏورو نٿي ٿيو. تڏهن هن پنهنجو خاص ماڻهو سرمست سائين ڏانهن دعا طلبي لاءِ ڏياري موڪليو. سرمست سائين پنهنجن فقيرن کان پڇيو ته ڪير خيرپور وڃي ميرصاحب جي ڪن جو سور لاهي ايندو - نانڪ يوسف فقير عرض ڪيو

ته قبلہ مونکي حڪم ٿئي ته سان وڃان. ڪيس اجازت ڏني ويئي- هو سڏو ميرصاحب ڏانهن وبو ۽ جيئن ميرصاحب ويٺو هو تيئن يڪدم هنجي ڪن ڪي پڪڙي ڪاڪ ڪيائينس چماٽ. ميرصاحب چماٽ لڳڻ سان بيهوش ٿي ويو ۽ فقير رسندو رهيو. جڏهن ميرصاحب هوش ۾ آيو تڏهن پنهنجن ماڻهن کان تحقيقات ڪيائين ته فقيرصاحب ڪيڏانهن ويو؟ هنن جواب ڏنو ته فقير ته يڪدم هليو ويو. هن حڪم ڪيو ته فقيرصاحب کي ڪولهي ۾ ٿي اچو. ميرصاحب جي ماڻهن ڪواهيندي ڪولهيندي فقيرصاحب کي هڪ ٽڪري تي مراقبہ ۾ ويٺل ڏٺو. هنن عرض ڪيو ته ميرصاحب اوهان کي سنيالي ٿوسو مهرباني ڪري هلو. مگر فقيرصاحب هلڻ کان صفا انڪار ڪيو. جنهن تي سندس ماڻهن موتي اچي ڪيس خبر ڪئي- ميرصاحب چيو جنهن اهل اللہ هڪ چماٽ سان منهنجي ڪن جو سور ته لاٿو مگر مونکي اللہ ۽ رسول پاڪ صلي اللہ عليہ وسلم جي زيارت ٻ ڪرائي، تنهن ڏانهن مونکي خود وڃڻ گهرجي. آخرميرصاحب اوڏانهن ويو ۽ پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو. تنهن ڪانپوءِ ميرصاحب فقيرصاحب کي لاڙڪاڻ جاگير پڻ نذرانہ طور ڏني، مگر ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ماڻهن جي برغلائڻ تي ميرصاحب اها جاگير فقيرصاحب کان واپس ورتي. جڏهن فقيرصاحب کي اها خبر پيئي تڏهن هن هڪ ڪلام چيو جو هيٺ ڏيکارجي ٿو :

ڪلام

ٽل- اقرار نا ڦيرائڻ مردن جي شان ۾
محبوب سان چوڻ جو ذرڙو زبان ۾

١- ڏس ڪاذب سان ڪيهي- تحقيق هڻي حقيقت
ڪر قياس پنهنجي دل ۾- ڏس اول قرآن ۾

٢- چڏ ڪوڙ جو ڪنارو- دم شاه عشق سان
هڪڙيون رکڻ دل ۾- ٻوءِ ٻيون لسان ۾.

۳- سڻ سمجھ هيءَ وصيت- توکي جر مان چئي
حق سچين نہ سج- هوندين الله امان ۾.
۴- نانڪ يوسف رهڻ - يـــاريِ صفـــا صوفين
پوءِ ڪر حڪم هلائڻ - هـــر دو جهان ۾.

—

حاجي امام بخش صاحب قلپوڙ و ٻئل خيرپورڪان روايت آهي تہ انهيءَ جاگير کسڻ بعد ستت انگريز سرڪار مير علي مراد خان تي تهمت رکي تہ هن ڪوڙا دستاويز پيش ڪري دغا سان لاڙڪاڻہ، سکر، شڪارپور، ڪنڊ ياري ۽ نوشهري جا شهر پنهن جي قبضي ۾ رکيا آهن. انهيءَ حقيقت جي صفائي لاءِ انگريز سرڪار سال ۱۸۴۹ع ڌاري مير صاحب تي ڪميشن ويهاري مقدمہ هلايو- مير صاحب جوابدار جي حيثيت ۾ نائچن واري تڙ تي زير حراست هيو. مير صاحب پنهنجي هن اوچتي مصيبت کي فقير صاحب کان جاگير واپس وٺڻ ڏانهن منسوب ڪيو، تنهن ڪري مودبانہ معذرت نامہ فقير صاحب جي خدمت ۾ ڏياري موڪليو، مگر فقير صاحب ٻي پرواہ رهيو. نہ دعا لاءِ ويو ۽ نہ ڪو جواب ڏنـــو. جڏهن مير صاحب جي والدہ ٻي ٻي سون مريائي اها حالت ڏٺي، تڏهن پاڻ فقير صاحب ڏانهن معافي وٺڻ ۽ دعا طلبي لاءِ روانہ ٿي. جڏهن فقير صاحب جي جاءِ تي پهتي تڏهن فقير صاحب جي خادمن ٻيبي صاحبہ کي ٻڌايو تہ فقير صاحب ننگو ويٺو آهي، تنهن ڪري سرڪار ڪي (اوهان کي) هلڻ نہ ڏهرجي. مگر دلير ٻي ٻي فرمايو تہ "ميڪون جيها عليمراد هي تيها ميڪون يوسف هي". جڏهن خادمن ايها وراٽي محترمہ ٻي ٻي صاحبہ کان ٻڌي تڏهن ڊوڙي فقير صاحب کي ٻڌايائون. فقير صاحب فرمايو تہ "ميڪون چادر چاڏينڻون، امان سانڻ آونـدي پي هي"- مير ياٽي صاحبہ ۽ فقير صاحب وٽ حاضر ٿي ۽ فقير صاحب کيس ڏاڍي قرب ۽ مروت سان پيش آيو ۽ فرمايائين تہ "مٺن هڻ ويندا هان عليمراد کون ڇڏاون"

پوءِ ۾ خاص ڀالڪا سيد حسن علي شاهه فقير ۽ ڊنڊڙ فقير ساڻ ڪري نائڻن جي ترڻ تي ڦهتو. پوءِ وڃڙيل ۽ رڙل طالب ۽ مطلوب ڳري لڳي هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ رنا. فقير صاحب ميرصاحب کي دلداري ڏني ته ڪو فڪر نه ڪر. فقير صاحب ميرصاحب کي حڪم ڏنو ته هڪ ڪلو ۽ هڪ ميخمار ڳهرايو وڃي. هن هڪ نيشان هنن کي ڏيڪاريو ۽ حڪم ڪيو ته هن جاءِ تي ڪلو کوڙيو وڃي. ميرصاحب جي ماڻهن فقيرصاحب جي حڪم موجب ڪلي کوڙڻ جي انتهائي ڪوشش ڪئي مگر ڪلو اندر زمين ۾ نه ٽي ڪنڊ چڪ ته انهيءَ جاءِ تي ڪو ٽڪر هو. تنهن تي فقيرصاحب ميرصاحب کي چيو ته "ٽيڊي اينوين آتري ڪڙي هي، هن مڻ تيڊا اڀان ڪلا قائم ڪريندا هان". ائين چئي فقير ٽپ ڏيئي ائي ڪڙو ٽيو ۽ زور سان هڏوڙو ڪلي تي هنيو. خدا جي فضل سان ڪلو هيٺ زمين ۾ لهندو ويو. ڪلو کوڙيندي فقيرصاحب هيءَ ڪلام چوندو رهيو:

ٽل - واليءَ ڪئي وراڻ — ٻهر ٻاروچل تي

۱- فقر جون آهون الله اڳهايون— جا ڏهون تاڏهون وريون وڏايون شڪرانہ شڪران

۲- دوڙ درازين منصب پاوين — ٻيا وري ڪهڙا پند پچائين يار يقين تون آڻ

۳- پاڪ پنجتن يار چارئي — مرد تو سان آهن ايهي ٿي سچي دل ساڻ سچاڻ

۴- دشمن تنهنجا دور جو ٿيڙا — حيضي حرامي حاويءَ پيڙا ڪامي ٿي ويا ڪاڻ

۵- يوسف ساڻ يقين سچاتو — جاڻ ايهو ٿي اڳ سون جاتو صحبت منجهه رهاڻ.

ڪلام ۾ پورو ٿيو ۽ ڪلو ۾ اندر ڪپي ويو. ايها هڻي حد رياست جي جا پوءِ انگريزن ميرصاحب کي مقرر ڪري ڏني ۽ لاڙڪاڻو، سکر، شڪارپور، ڪنڊيارو ۽ نوشهرو انگريزن پنهن جي ملڪ سان لائي ڇڏيا ۽ ميرصاحب ڏانهن خيرٽي ويو. تنهن وقت سنڌ جو ڪمشنر سر بارٽل فريئر هو (سال ١٨٥٠ع) ماسٽر محمد بخش صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ وڌيڪ ڏيکاريو هي ته حيدرآباد جي ميرصاحبن مان ميرواحد بخش خان، ميرعلي مراد خان ڏانهن لکي موڪليو ته اوهان مٽ جا موڙها ۽ ڪهيلا آهيون جو اوهان فاروقين جي مريدي ۽ معتقدي اختيار ڪئي. آهو اهل تشيعت وارن تي بدنماڻ داغ آهي. جنهن تي ميرعلي مراد خان جواب لکي موڪليو ته سچل سائين وڏو ڪامل اڪمل عارف اولياڻ آهي. هن تي رب رسول جو وڏو راز آهي، هنجو منڪر مردود آهي. تنهن تي ميرواحد بخش لکي موڪليو ته چگو انهيءَ فقير کي اسان ڏانهن موڪليو ته اسان سان اچي بحث مباحثه ڪري، جي ڪڏهن هو اچي نه سگهي ته ڪو سندس خاص خليفو اسان ڏانهن اچي- جڏهن سرمست سائين‌کي اها خبر پئي ته هن يوسف فقير صاحب‌کي حڪم ڏنو ته تون وڃي ميرن سان ملاقات ڪري اچ. فقير صاحب حڪم موجب مهرال فقير، ڏنڊ فقير ۽ پيا ڪي فقير ساڻ ڪري سڌو حيدرآباد ويو ۽ ميرن جي ڪچهري ۾ وڃي حاضر ٿيو. ميرن فقيرن صاحبن سان نهايت بي ادبي سان پيش آيا ۽ بدگفتگو ڪرڻ لڳا، جنهن تي فقير کي جوش آيو ۽ فرمايو ته پگ وڃي، ٽوپي آڻي. جنهن تي ميرواحد بخش چيو ته سنڌ شهباز جي آهي تنهن ڪري پي ڪنهن جي ڪاني ڪراءت ڪانه هلندي، جنهن تي فقيرکي جڏ ۾ اچي ويو ۽ هيٺيون ڪلام چوڻ شروع ڪيائين. ڪلام پورو ڪري پنهنجن سڀني فقيرن سميت ڪچهري کان باهر نڪري هليو آيو:

—

ڪلام

ٽل — مٺن حسن شهباز ڪي دروازه، ۾ غلام هون
غير ۾ حڪم حاوي جنگ ڪا امام هون

۱- حق هے شهباز هے- صادق علي شير شاه هے
خود عمر عثمان ماه هے- سچ سر قتلام هون

۲- خاڪ مٺن دل چاڪ هون- محبوب لئي مشتاق هون
شهباز حسن عشاق هون- مست و مست مدام هون

۳- غير ۾ سر مار ساران- حڪم هي شهباز ياران
سگ آسڪا مٺن پڪاران- دست ميں ڪرڪار هون

۴- مست هون مخمور هون- پير مغان مشهور هون
ديدم علي دستور هون- عشق ڪا الهام هون

۵- يار يوسف يار هے- هادي هميشه ديدار هے
نانڪ نگهه سردار هے- لک لک مٺن سلام هون

انهيءَ کان پوءِ سين جي پڳهه ختم ٿي ۽ انگريزن جي ٽوپيءَ اچي حڪومت ورتي. ذڪر آيل آهي ته هڪ دفعو سچل سرمست فقير يوسف ڪي حڪم ڪيو ته وڃي امرتسر جو سير ڪري اچ- حڪم موجب هو حاجي عبدالله فقير، ڏنڏن فقير، بلو فقير ۽ الهداد فقير ساڻ وٺي سفر تي نڪتو ۽ منزلون ڪندو وڃي امرتسر جي درٻار ۾ پهتو. پهچڻ شرط هو پاڻ ڪي گرو نانڪ سڏائڻ لڳو ۽ درٻار تي قبضو ڪرڻ لڳو، جنهن تي سکن ڪي غصو آيو ۽ سندس چوڏاري ڦري آيا ۽ هن ڪي انهيءَ گستاخي جي سزا ڏيڻ جي ارادي سان هن ڪي چوڻ لڳا ته اسان جا گرو نانڪ صاحب جن تيل جي ڪٽاهي چاڙهائيندا هيا ۽ جڏهن تيل تپي لعل ٿيندو هو،

تڏهن ان ۾ گهڙي شنان ڪندا هوا، سو جيڪڏهن تون ساڻيو گرو نانڪ صاحب آهين تہ ساڻيو ڪارنامو ڪري ڏيکار. فقير شرط قبول ڪيو. يڪدم تيل جي وڏي ڪٽاهي چاڑهي ويئي ۽ آن جي هيٺان باه جا وڏا آڙاه ٻاريا ويا. جڏهن تيل تپي لعل ٿيو ۽ ٿهڪن لڳو، تڏهن فقير صاحب کي چيو ويو تہ هينئر ميدان ڪري ڏيکار. فقير جڏهن ڪٽاهي جي قريب آيو تہ تيل ٿهڪندڙ ڏسي ذرا دل ۾ ڊڪ کائڻ لڳو. مگر جڏهن هن ڏٺو تہ تيل ۾ هڪ جيڙي ڪول تري رهي آهي تڏهن هن جي دل کي تسڪين ٿي تہ مرشد موجود آهي ۽ جلال ۾ اچي هيٺيون ڪلام چوندو ڪٽاهي ۾ ٽپو ڏنو:

ڪلام

ڏو پڙ ۾ ڏ پو- هن عشق جي آڙاه ۾ ڏي ٽاه ٽنگر ٽپو.

۱- هادي هردم همت توسين- چاڑهم عشق جو چپو
لا الٰه الا الله- هن غير کي هڪ لپو.

۲- بنا دوستيءَ دوست جي- پيو خان کپت کپو
هادي هردم حاضر ناظر- امڙ نکو ابو.

۳- هيءَ هيءَ عمر ائين وڃي ٿي- ڪپل ڪائي ڪپو
پيو مڙيئي ٻن ڏيئي- نام صاحب جپو.

۴- هي جڳ بازي ڪوڙ پسارو- دنيا لوپي پيو
ڪڪو چڏي ددو ڏوکي- لاو تتو پپو.

۵- نانڪ يوسف نيهڙو ڏس- نيئ مرشد مڪو
آڳ ٻرن گهوريان گهور تهين تڻون- جو عشق ن جوتپو.

ڪلام پورو ڪري خوب شنان ڪري فقير ٻاهر نڪري آيو. پوءِ سيئي سڪ هن جا معتقد ٿيا. ياد رهي تہ فقير صاحب جو نالو فقط يوسف هو مگر هن واقع بعد عن کي نانڪ جو

لقب ملیو- انهيءَ ڪري سندس ڪلام ۾ نانڪ يوسف لفظ ڪم آيل آهن- فقير صاحب گرو نانڪ صاحب جي درٻار ۾ گهٽو وقت رهيو ۽ هڪ ڏينهن مراقبه ۾ ويٺو هو ته يڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ هي ڪلام چوڻ لڳو :

ڪلام

ٽل- آيو يار جو سنيهڙو- تون ته اڏر پڪيڙا پار پرين ڏي

١- قاصد قدمن تان قرباني- گهوريون گهوريان جڙو جاني
هل ته هلي پسون ڏيهڙو- تون ته اڏر.....

٢- حيف رهيءَ هت گهڙيون گهريون- وس نه پنهنجي پڙيون پڙيون
دل چوان دل ڪهڙو- تون ته اڏر.....

٣- ائينڊي ٻهر اداس گذارن- غم گونـــدر ۾ ڏينهڙا گهارن
حـــال يتيمن جـهـڙو- تون ته اڏر.....

٤- يـــوسف يـــار لکيا پـــروانا- نانڪ ســـدا نيهن نشانا
درس درازين نيهڙو- تون ته اڏر پڪيڙا پار پرين ڏي

فقير صاحب مٿيون ڪلام پورو ڪري فقيرن‌کي چيو ته هاديءَ سائين ياد فرمايو آهي تنهن ڪري هاڻي هلو ته هلون. انهن کي به تيار ڪيائين- پوءِ هنن کي چيائين ته مان ترت ويندس، توهان پوءِ پاڻهي هليا اچجو- فقير صاحب پاڻ ته اڏامي وڃي پرين وٽ پهتو، مگر فقير پوءِ آهستي آهستي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ درگاه شريف تي پهتا.

مولوي محمد صادق صاحب پنهنجي تصنيف ۾ ڏيکاريو آهي ته مير صاحب علي مراد خان جي خود روايت آهي ته هڪ دفع آڻون جڏهن لنڊن وڃي زهيو هيم ته هڪ ڏينهن رستي ۾ جهاز خطري ۾ اچي ويو ۽ خطري جو گهڪو وڳو ۽ ڪپتان اسان‌کي چيو ته جهاز ٻڏڻ تي آهي، اوهان چئيون لکو ۽ دنگ

پاڻ وٽ رکو. جهاز جو کپتان اٿين چئي هليو ويو. ٿوريءَ دير بعد يوسف فقير پنهنجي ڳاڙهي لباس ۾ جامي ۽ يڪتاري سميت نچندو اچي نروار ٽيو ۽ مونکي چيائين ته علي مراد جهاز کونہ ڇڏندو، تون بيفکر ويٺو رهہ. اٿين چئي فقير يڪدم هليو ويو. مان اها حقيقت پنهنجن خاص خدمتگارن ۽ ميرن کي ٻڌائي ۽ رئيس رحيم خان ۽ پلئي کي حڪم ڪيو ته فقير صاحب کي ڳولهي وٺي اچو. هنن ٻي دفعہ فقير صاحب جي ساري جهاز ۾ تلاش ڪئي مگر فقير صاحب جو پتو کونہ پيو. جنهن منجهان اسان سمجهيو سين ته ايها فقير صاحب جي ڪرامت هئي ۽ هو روحاني طرح دست ياوري ڪرڻ آيو هو.

ساڳيو مثال ٻاڻي سچل جو ٻہ هت ڏيکاريو وڃي ٿو - هڪ دفعہ جو ذکر آهي ته روهڙيءَ جو هڪ شخص سانوٽي جي مند ۾ شيشا محل ڏاکڻ کان درياہ جي چڪر لڳائڻ لاءِ دلي تي چڙهي هليو. جڏهن وچ سير ۾ آيو ته مهراڻ جي موج سبب دلو هنجي پيٽ هيٺان نڪري ويو ۽ هو ٻڏڻ لڳو. تڏهن پنهنجي مرشد سائين سخي بادشاه کي پڪارڻ لڳو ته اچي هن سير ۾ ساڻي ٻيڙ. يڪدم هن کي غيبي آواز آيو ته فکر نہ ڪر ۽ ڪنهن مرد هنجي پيٽ هيٺان هٿ ڏيئي اچل ڏيئي، جنهن ڪري هو اچي درياہ جي ڪپر جي ويجهو پيو ۽ ٽاڪوڙا هڻي اچي ڪپر تي ويٺو ۽ وري جڏهن ڪنهن آچر جي موقع تي درگاہ شريف تي ويو تہ بادشاه مشڪي هن کي فرمايو ته ابا، درياہ سان ايڏي گستاخي نہ ڪبي آهي، ۽ مشڪي فرمايو ته پوءِ اچي پر تي ته پهتين، تڪليف ته ڪانہ ٿيئي؟ هن چيو ته قبلہ! تنهنجا لک لطف. هـا ابا، آئيندہ اٿين نہ ڪندو ڪر. هن آمين ڪئي.

سچل سرمست جو ديوان آشڪار ۾ شعر آهي ته:

"دمبدم موجود باشد آنڪہ در هر ڪار ما"

معنيٰ- هو دم دم ۾ منهنجي سڀڪنهن ڪم ۾ موجود آهي.

هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي ته فقير صاحب ٽنڈي مستي خان جي بازار مان پنهنجي فقيرن سميت لنگهيو ٿي ته اوچتو هن تي مستيءَ جو حال طاري ٿيو جنهن ڪري وچ بازار ۾ هيئيون ڪلام چوڻ لڳو:

ٽل- هم ديکا هے اسرار - بره بازار تماشا پل پل کا -
واه واه تماشا پل پل کا -

هم جائونگے ہلهار- همارے بار حسن کا جهل جهل کا

١- جيسے پيتا جام شراب- هويا بيتاب نشي ۾ خواب غرق درهون
جنڻ پنوران ميں گلزار- مقيد تار زلف کي سل سل کا-

٢- يهي عشق کا احوال خدائي خيال- سنو بر حال بيانا يون
جنڻ شاه منصور سوار- اوپر سير دار - چوغان ۾ چل چل کا-

٣- جسے لاگي عشق ٽکوڙ- انا حد گور- درد کا شور دل اندمين
جنڻ چاتيءَ مين چمکار- بره پڙ کار اگهن دل جهل جهل کا-

٤- گم کر هستي کا کوٽ- جسم کي اوٽ- چلا دم چوٽ صفاتي ۾
پيڇهے ويکين يوسف يار- سدا د يدار صفا ۾ ال ال کا -

واه واه تماشا .....

فقير صاحب ڪلام جون پهريون ٽي سٽون پوريون ڪيون ته ايتري ۾ خان محمد ڪاردار گهوڙي تي چڙهيل اتان اچي لنگهيو. هو فقير جي اها روش ڏسي نفرت ڪرڻ لڳو ۽ هن کي پنهن جي کارداريءَ جو رعب ڏيکارڻ لڳو. جنهن تي فقير چوٽون مصرع چيو. مصرع چوڻ شرط کاردار صاحب گهوڙي تان ٻي هوشيءَ جي حالت ۾ ڪري پيو ۽ ساري عمر مستيءَ جي حالت ۾ گهمندو رهيو ۽ سدائين مٿيون چوٽون مصرع چوندو رهيو.

فقير صاحب جا پالكا ــ فقير صاحب جــا پالكا سيد حيدر شاه (٢) حسن علـــي شاه عرف حسن شاه (٣) حاجي عبدالله (٤) ڏنڏ فقير (٥) بلو فقير (٦) الهداد فقير، جنهن کي آٽ فقير ڪري سڏيندا هوا جو سفر ۾ سامان هو کڻندو هو (٧) باهر فقير (٨) غلام حيدر شر فقير.

سيد حيدر شاه فقير- هي اصل ڪيميا گر هو. هڪ ڏينهن هو سير علي مراد خان ڏانهن ڪيس ڪيميا جو فن ڏيکارڻ ويو، جنهن تي سير صاحب کيس چيو ته اول سنهنجي مرشد فقير يوسف صاحب کي فن ڏيکاري اچ. جڏهن هو فقير صاحب جي اڳيان آيو ته فقير صاحب اهڙو توجه هن تي وڌو جو ڪيميا هنکان وسري ويئي ۽ حقيقي ڪيميا کيس نصيب ٿي ۽ واصل بالله ٿي ويو. پوءِ هو همیشه فقير صاحب جي خاص خدمت ۾ رهندو هو ۽ فوت به اتي ٿيو. سندس تربت فقير صاحب جي مقام ۾ آهي. جتي اڃان به ماڻهو سکان کڻي ايندا آهن.

ڪلام يوسف فقير (تلقين)

ٽل ـ گم هو کي ويڪ نظارا ـ آپ سارا ـ محبوب کي صورت ۾

١ـ رکين خيال هڪو هڪ دم دا ـ دم دم وچ خوف ختم دا
يون ڪرنا جسم وسارا ــ آخر گذارا

٢ـ رکين نور جمال نظر وچ ــ تصوير نگار اندر وچ
ابهي عاشق سمجهه ايشارا ــ بره بقارا

٣ـ جوٽي وچ معشوق سماندا ـ فير موت نه آس گهر آوندا
دل قسم رسول خـــدارا ــ ڪر اعتبارا

٤ـ جڏانهن برهين بيخود هوڪي ـ جند جان ڪنون هٽ ڏوڪي
پچي مارين نينهن دا نعرا ـ انا الحق وارا

٥ـ ســـانون پيـــر مغان فرمايا ـ وحدت دا راه بـــتايا
پلهار جائـــون پلهارا ــ يوسف يـــارا

۲- **غلام حيدر فقير**- فقير صاحب جاوڏا بلوچستان جا ويڙل هوا، مگر ميرِ رستم‌خان کن سياسي سبب ڪري بلوچ قومن جا ٽولا بلوچستان مان گهرايا هوا تن ۾ فقير صاحب جو والد ميان قائم خان به پنهنجن عزيزن سميت آيل هو ۽ اچي رياست ۾ مقيم ٿيا. هو تاريخ ۲۴ رمضان المبارڪ سنه ۱۲۱۵ هجري مطابق ۱۷۹۵ع ۾ تولد ٿيو. هن شروع تعليم هنگور جن جي مدرسه ۾ حاصل ڪئي جتي هن قرآن شريف جو ختم ڪيو. ڪجهه عربي ۽ پارسي به پڙهيو، مگر سندس والد ستت رحلت ڪئي جنهن ڪري مدرسي کان سوڻي اچي پنهن جي گهوٽ ۾ رهيو. هڪ ڏينهن هو آخوند عبدالله مهيسر ويڙل ڪمال ديره تعلقي گمبٽ سان ملاقات ڪرڻ ويو. آخوند عبدالله چيو ته اسانجي گهوٽ جي نزديڪ اڳڙن جي گهوٽ ۾ هڪ ڪامل اڪمل فقير رهندو آهي جنهن جو نالو يوسف آهي ۽ هو سچل سرمست جو پيارو فقير آهي، تنهن ڪري هلو ته هن جي زيارت فيض بشارت کان مستفيض ٿي اچون- جنهن ڪري هو پئي اوڏانهن روانه ٿيا ۽ اچي فقير نانڪ يوسف جي قدم بوسي کان مشرف ٿيا. رخصت وڃڻ وقت آخوند فقير صاحب کي عرض ڪيو ته مون کي دين دنيا جي دعا ڪرڻ فرمايو. جنهن تي فقير صاحب سندس پٺي ٺپي دعا ڪئي ته ابا ائين ٿيندو جڏن تنهن جي دل گهربو آهي. مگر فقير غلام حيدر عرض ڪيو ته سائين مون کي الاهي عشق ۽ محبت جي ڪا وندِ عطا ڪرڻ فرمايو. عشق جي نالو هڏڻ سان فقير صاحب کي جلال اچي ويو ۽ پڙڪو ڪائي ڪٽ تان هيٺ لهي اچي فقير غلام حيدر کي پاڪ پائي توجه وڏو ۽ فرمايو ته غلام حيدر اڄ اسان تنهن جو نالو حضرت امام حسين صلوات وسلام جي فقرائي ٽولي ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. فقير غلام حيدر تي مستي جو حال طاري ٿي ويو، جنهن ڪري هو آتي ٿي رهي پيو ۽ آخوند عبدالله موڪلائي پنهنجي گهوٽ روانه ٿي ويو. فقير صاحب پنهنجي سموري حياتي مرشد جي خدمت ۾ گذاري ۽ ڏاڍا مجاهدا ۽

رياضتون ڪيون- فقير نانڪ يوسف سائين جڏهن وفات ٿي ڪئي تڏهن فقير صاحب مرشد جي خدمت ۾ حاضر هيو. انهي وقت اتفاقاً ميرعلي مراد خان اچي اتي نڪتو. سائين نانڪ يوسف ميرعلي مراد جو هٿ وٺي فقير صاحب جي سپرد ڪيو ۽ ڪيس فرمايو تہ هي۽ ٽاري اسانجي دعا جي پوڪيل آهي، تنهن ڪري هنجي پارت اٿو. تنهن وقت کان وٺي ميرصاحب فقير غلام حيدر کي ۽ پنهن جي مرشد واري نگاه سان ڏسڻ لڳو- فقير غلام حيدر تاريخ ٧ محرم سنہ ١٢٩٦ هجري مطابق ١٨٧٦ع ۾ وفات ڪئي. محرم ۽ صفر جي احترام سبب سندس عرس هرسال تاريخ ١٢ ربيع‌الاول ملهايو ويندو آهي. مولف اتفاقاً هڪ ڏينهن لال صاحب مسٹر مڪند لعل ۽ حاجي امام بخش صاحب سان گڏجي فقير صاحب جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪري آيو آهي. روضو مبارڪ چگي نموني ۾ تعمير ٿيل آهي. پڇا ڪرڻ تي سجاده نشين فقير پيدل صاحب فرمايو تہ اهو روضو ميرعلي مراد خان جو تعمير ڪرايل آهي. جڏن جو فقير صاحب جي سوانح حيات ڇاپي هيٺ اچي چڪي آهي، تنهن ڪري هت سندس سوانح حيات مختصر نموني ۾ ڏيڪاريل آهي.

متين ڪتاب ۾ "عجيب نقل" جي هيڊنگ سان فقيرصاحب جي ڪشف ڪرامت جو ذڪر ڪيل آهي، سو هت پڻ ڏيڪاريو وڃي ٿو- سيد محمد علي شاه ولد سيد مهر شاه ويٺل مگرجي رياست خيرپور کان روايت آهي تہ "منهن جي دل ۾ خيال ويٺل هو تہ فقير غلام حيدر هڪ ٻڪري ۽ مڪريل فقير آهي. هڪ ڏينهن فقير صاحب ميرعلي مراد خان سان ملڻ ويو. اتفاقاً مان وڃي نڪتس. ميرصاحب فقير صاحب جو ڏاڍو ادب ۽ احترام ڪيو. مان فقيرصاحب جي سامهون و يهي رهيس. ڪنهن وقت فقير صاحب مون ڏانهن نظر ڦيرائي ۽ گهور ڪري ڏسڻ لڳو. فقير صاحب جي نهارڻ سان مون يڪدم بيهوش ٿي ويس ۽ اڻين

سمجهيم تہ بجلي جهڙي نوراني لات منهن جي اکين مان آرپار لنگهي وئي. جڏهن هوش پر آيم تہ اڳي فقيرصاحب جي قدم بوسي ڪيم. فقير منهن جي منهن تي هٿ گهمايو. پوءِ تہ اچي مون کي رنگ لڳو. مان فقير صاحب جو طالب ٿيم- فقير صاحب مون کي ذڪر ڏنو، جنهن ڪري مان زماني کي ترڪ ڪري ويهي رهيس

فقير غلام حيدر جا خاص طالب هيٺ ڏيکارجن ٿا :

١- خليفہ يار محمد ٢- خليفہ حسن علي ٣- گلزار فقير ٤- جهان خان فقير ٥- عشق علي فقير.

ڪلام (ڏوهيڙو)

جيڏيون جاڳايو جيءَ پر نانڪ نور علي
پرين ڏر ٻڻون پنهنجي ڪئي سپ پسلي
اڳي مون مسڪين جي آيو هوت هلي
غلام حيدر غير جي ڪاڏهن ڪانہ چلي
وئي ڳوٺ ڳلي - اچي ويئم و ويجهڙو.

ڪلام

ٽل - سچل سوت سڏن تي — وڃيون نا وجهجن

١- جهڙا تهڙا پرين پنهنجا — چني نـــا چڏجـــن
٢- ٻڙيءَ چاڙهي سپرين — چوليءَ نـــا چڏجن
٣- اوڙـــا پوڙـــا پنهنجا — پير پـــري پڇجن
٤- پڳهہ جي تہ پريت جا — چڪي تـــڙ ڪجن
٥- غلام حيدر غير جا — لوڏي لاهہ ڪيجن.

—

(صفت اقتباس) كلام (وحدت الوجود)

ٽل- آڳ تہ آهيان سر سبحاني— آدم ڏيل ڏسڻ ۾ آيو
١- منجهه وجود ديدار دلبر جو— آهي نوري نور نشاني
٢- انا احمد بلا ميمي — آهي جلوه ذات رباني
٣- الانسان سري و اناسره— پڌ فرمود و فرقاني
٤- نوبت نيهن وڃائي اندر ۾— آهي سوز سدا سبحاني
٥- غلام حيدر گم صورت ۾ — ڏسيو هاديءَ حرف حقاني

—

كلام

ٽل- پاڻ نہ اپنهنجو پانيوسي— تڏهن اناالحق الايوسي
١- موج منصور کي مست کرايو— شيخ صنعان کي جڏيو پڏايو
بره بلاول گهاڻي پيڙايو— رمز انهيءَ رنگ لايوسي
٢- عشق عطار تي ڪيون آيلان— شمش الحق تي شوق طفيلان
بسطامي سر بره جو ڪيلان— دردن درد ڏڪايوسي
٣- بره بهاران جنهن سرلايون— دين ڪفر جون وسريون وايون
انحد هونگان عشق مچايون— جذبن جوش جڳايوسي
٤- غلام حيدر گر فرمايو— فڪن اقرب ناد وڃايو
رمز رندي دم سر سمايو— شاهي طبل وڃايوسي

—

فقير صاحب جون ڪيتريون مناجاتون حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ ۽ حضرت مرتضيٰ عليه صلواة وسلام جي شان ۾ چيل آهن ۽ ڪيترا مرثيه حضرت امام حسين عليه صلواة وسلام جي شان ۾ چيل آهن، جي سڀ سوانح حيات ۾ ڏيکاريل آهي.

هِن ڪتاب ۾ هڪ مداح ڏيڪاريو آهي- مداح بلڪل وڏي آهي، جنهن ڪري فقط ٻي مصرع مثال طور پيش ڪجن ٿا:

مداح

يا مرتضيٰ مولىٰ علي امداد ڪر
شوق هاديءَ جي سدا دل شاد ڪر.

۱- يار چارئي سپ سچا سپ ڪان پلا
سر خارجين ۽ رافضين جي هن ڪلا
سي گلا ۾ غار ٿيا منجهه نار دوزخ مبتلا
تون وصي وارث تنيجو يار ياور ٻڪ نظر
يا مرتضيٰ مولا علي امداد ڪر

۲- لحمڪ لحمي چيو نبي خير الوريٰ
دمڪ دمي چيو محمد مصطفيٰ
تون وصيءَ وارث وسيلو مرتضيٰ
سڏ سٽي تنهن دم رسي في الحال مون سر فيض ڪر
يا مرتضيٰ مولا علي امداد ڪر

۳- منجهه طريقي تنهنجي آهي طرف ڪامل قادري
راز تون محرم حقيقي جو سدا پيغمبري
ڪل تابع شاه تنهنجا جن انسان حور پري
ناهه توريءَ هيوتڪيو، ڪا نام مولىٰ ڪر نظر
يا مرتضيٰ مولىٰ علي امداد ڪر

سڳي طرح مولانا رومي پنهنجي مثنوي ۾ فرمايو آهي:

نور حق در تو ڪني ڪند منجلي
تو گرفتاري ابوبڪر و علي

معنيٰ — حق پاڪ جو نور تنهنجي سيني ۾ ڪين روشن ٿيندو، جو تون ابوبڪر ۽ علي جي جهيڙي ۾ مبتلا آهين. انهيءَ ڪاڻ ڪي پوڙ تہ حق پاڪ جو نور توتي روشن ٿئي.

(خارجي معنيٰ حضرت مرتضيٰ علي جي شان اقدس جو منڪر ۽ رافضي معنيٰ اصحاب ڪرام جي گلا ۽ غيبت ڪندڙ)

۲- گھرام فقير جتوئي- هڪ دفع جو ذڪر آهي تہ هو پنهنجن فقيرن سميت نئر جي ڪوٽ تعلقہ ڪڙهي ياسين ۾ وڃي نڪتو. اتي اتفاقاً پير صاحب ميان علي گوهر شاہ صاحب راشدي پڻ منزل انداز هو. فقير صاحب سان پنهنجا يڪتارا ۽ ساز سرود موجود هيا. هو آواز ڪلام ڪرڻ لڳا، مگر جڏن جو حضرت پير صاحب جي نزديڪ شريعت مطابق راڳ جوڻ جي منع هئي، تنهن ڪري پير صاحب جي ماڻهن فقير صاحب کي پنهنجن فقيرن سميت پڪڑي پير صاحب وٽ رجوع ڪيو. گھرام فقير اڳ شرط هيئيون ڪلام پير صاحب جي اڳيان جوڻ شروع ڪيو:

ڪلام

ٽل- ناحق وڃائي نهن ريءَ — ساري عمر افراد ميان
ڪوڙيون ڪتابن جو پڙهيءَ — ڪيئي سولوين مقصاد ميان
ڪاغذ ڪارا ڪيئي ڪيترا — بره بنا برباد ميان
منهن ڏڪي ماڻهن ڪنان — ظاهر ٿئين زهاد ميان
حق نہ حاصل تو ڪيو — ٿئين عشق کان آزاد ميان
ظاهر گهمين ٿو زمين تي — ڪيون سير سفر سواد ميان
ڪرين مڪر جا معرڪا — پنيو ڪائين پر ساد ميان
ڪوشي ويهي گھرام چئي — ڪر يار ڪي تون ياد ميان
ٿيئي نظاره نهن جو — وٽ عشق کان ارشاد ميان

حضرت پير صاحب تي انهي ڪلام جو ايترو تہ اثر ٿيو جو فقير صاحب کي پنهنجي صحبت ۾ رکيائين. فقير صاحب جي انهيءَ صحبت کان پوءِ پير صاحب وٽ ڪلام جوڻ

لڳو. سندس ڪلام ۾ ڪمال درجو جو عشق ۽ ذوق، درد ۽ سوز سمايل آهي. سندس هڪ ڪلام مثال طور پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ سندس تخلص "اصغر" ڏيکاريل آهي:

ڪلام

ٽل- رمزان راڪول منهنجي روح ۾ — اڄ ڪي اچي لاءَ نيون
۱- ڏڙا درد فراق جا — تن ۾ وڏوَ وهڻ جون ٽيون
آهي تاوَ ڏاڍي ڪان تتيون — جئن تيل جو ٽڪن تيون
۲- طوفان نوح جو ويو سڪي — اکڙيون جهجهڪان نا رهيون
آهي پلَو پائي ٽيون ٽمن — نيٺن وهن رت جون نيون
۳- وَڻَ ٽي ورهه جي ورهائجي — محب ڏيڻ ماڻيون ميون
آهي ورهه وارا ٽا وڻن — جن عشق ڪان عيدان ڪيون
۴- "اصغر" عاشق عشق جون — ڳالهيون ڪري ٿو سڀ سنيون
ڪانگل چڱجان منهنجي يارکي — جيڪي چريءَ توکي چيون.

—

سچل سرمست جو هڪ ڪلام آهي ته:

عشق گهمايان گهٽيان — لوڪ ڪنون لج مور نہ آوي
طعنہ تنکي زينت انهادي — وتن فراق دا ڏيان.

جئن جو پير صاحب تي سچل سرمست جي فيض جو عڪس هيو، تنهن ڪري سندس به ساڳي نوع جو ڪلام چيل آهي ته:

بار بديون بهتانا- سوين طعنا سڀ سر تي.

۳- **فقير ميان خير شاه**- هيءَ پڻ ڪامل درويش ۽ سڀ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام "اڄ ڪانگ ٿو لنوين- منهنجو جاني جانب ايندو" سائين سخي بادشاه دوم جي ڪچهري ۾ اڪثر ڪري ڳايو ويندو هو.

٤- فقير ميان محمد صالح - هيءَ پـــڻ ڪامل درويش ٿي گذريو آهي. سندس پوين منجهان ميان علي محمد قادري جو ڪلام "لولاڪ جي پوشاڪ پهري — آيو محمد" سائين سخي بادشاه دوم جو ڪچهري ۾ اڪثر ڪري ڳايو ويندو هو.

٥- فقير محمد صلاح ڀيرو، دونهين وارو - هي به وڏو درويش ٿي گذريو آهي. سندس گادي اڄان هلندي اچي ٿي. فقير صاحب جي مڃان قبولهيل آهي، جنهن لاءِ سچل سرمست فرمائيندو هو ته "جتي محمد صلاح، آتي پاڻ الله." از اين قسم سرمست جو هر هڪ پالڪو خاصو درويش ٿي گذريو آهي. فقير محمد صلاح جو هڪڙو ڪلام مثال طور پيش ڪجي ٿو:

ڪلام

هن ٽڪيءَ مٿي ٽورا — ڪيا هن ڪوهيارل ڪيئي

١- لٿي ڪتسُ قلوب تان — پسي پـــريـــنءَ پيشاني
اونـــداهي انـڌ ويئي

٢- لٿا حـــرف حساب جا — پَوَ انهيءَ تـــان پـــولا
پيش پرينءَ جا پيئي

٣- پَڪي پاڃاڻيءَ جي پيرا پري — پرين آيو پاڻئون جاڻي
ويا مـــرض مـــڙيئي

٤- محمد صلاح چوي ڪُٽن پري جون — لکين آهن پلايون
ڪالهه ڪيان آنءَ ڪيهي

—

٦- چنيهه فقير -- چنيهه فقير جو والد ميان محمد عثمان اچن مخدوم عبدالرحمان شهيد وٽ ملارم هو. جنهنجو پٽ چنهه عرف غني فقير مخدوم صاحب جي گهوڙن جي سنڀال ڪندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو گهوڙي جي لت لڳڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن تي مخدوم صاحب ميان محمد عثمان سان سندس پٽ جي معذرت ڪئي ۽ پي پٽ عطا ٿيڻ لاءِ دعا ڪئي.

الله تبارڪ و تعالي جي فضل سان ساڳي سال سنه ١٣٠٠ هـ ۾ ميان محمد عثمان کي فرزند تولد ٿيو جنهن جو نالو چنيهه فقير رکيو ويو. جڏهن اهو ننڍڙو مخدوم صاحب وٽ پيش ڪيو ويو تڏهن مخدوم صاحب ننڍڙي ڏسي فرمايو ته هيءَ ننڍڙو ڪڙي سان گڏ بڏجي زماني کي معرفت الاهي جو نور بخشيندو. ڪيس فيض خواجه محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنہ سائين کان ملندو. چنيهه فقير دنيوي تعليم حاصل ڪرڻ بعد سائين صاحبڏنہ سائين جو دست بيعت ٿيو.

(بشڪريه روزنامه "مهراڻ" مورخه ٢٧-٣-١٩٥٨ع)

"چ" ڪيڏ واري حقيقت هن ڪتاب ۾ مٿي ڏيکاري ويئي آهي.

چنيهه فقير وڏي فيض ۽ برڪت وارو درويش هيو ۽ پنهنجي سلسلي جو باني ٻيو ۽ هزارن پرت جي پاندين کي معرفت جي منزل تي پهچايائين. اڄ ڏينهن تائين ڪهڙن شهر جي پرسان سندس نالي سان ڳوٺ مشهور آهي ۽ اعليٰ درگاه آهي. مؤلف هڪ ڏينهن لالا سڪندلعل صاحب سان گڏجي اها درگاه وڃي ڏٺي ۽ سجاده نشين صاحب ميان حليم‌الله صاحب سان روح رهاڻ ڪئي. هو هڪ خوش خلق، زاهد ۽ عابد انسان آهي. چنيهه فقير جا پويان اڄ ڏينهن تائين درگاه شاه دراز جا معتقد رهندا اچن ٿا. حضرت سخي قبول محمد دوم جي ظاهر ۽ باطن ميان حليم‌الله صاحب سان گهڻي مهرباني هوندي هئي.

حافظ درازي جو مذهب

سرمست سائين جي مذهب جي تشريح لکڻ جي بجاءِ اٿين بهتر سمجهو وڃي ٿو ته سندس ڪلام پيش ڪيو وڃي جنهن مڃجهان سندس عقيدي جو صحيح اندازو لڳائي سگهجي :

ڪلام سرمست (ديوان آشڪار)

١- اى دلا در درگاه مصطفىٰ هوشيار باش
گر تو عاشق صادقي از غير او بيزار باش .

٢- هم ز بوبكر و عمر و عثمان نداری احولي
گوش كش حلقه غلامي، چاكر كرار باش .

٣- توتيائے چشم خود كن خاک پائے مرتضىٰ
از غم شاه شهيدان سال و مه بيمار باش .

٤- با خبر شو طالبا بگذر ز قيد و جسم و جان
بيخبر شو زين جهان چون جعفر تيار باش .

٥- چند در گوشه نشيني از نهان شو آشكار
خوش را بيرون بكش در عالم سيار باش .

معنيٰ — اي دل تون بارگاه حضرت مصطفيٰ صلعم جي هوشيار ٿيءَ جيڪڏهن تون عاشق صادق آهين ته هن جي ذات پاڪ کان سواءِ ٻي سڀ کان بيزار ٿيءَ .

٢- حضرت ابوبڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عثمان کان ٽيڏو نه ٿيءَ . انهن ڏانهن جي غلاميءَ جو رسو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهه ۽ حضرت حيدر ڪرار جو نوڪر ٿيءَ .

٣- حضرت علي المرتضيٰ جي پيرن جي خاڪ پنهنجي اکين جو سرمون ڪر .

ڪربلا جي شهيدن جي سردار (حضرت امام حسين) جي غم ۾ سال ۽ مهنا بيمار رهه.

۳- اي طالب تون خبردار ٿيءُ پاڻ کي هن جسم ۽ جان جي قيد کان آزاد ڪر. حضرت جعفر تيار وانگر هن دنيا کان بيخبر ٿيءُ.

۴- اي آشڪار تون ڪيترو وقت لڪو رهندين. هينئر ظاهر ٿيءُ پاڻ کي ظاهر ڪري ۽ دنيا جو سير ڪر.

—

نا مڻن سني نا مڻن شيعر - نا مڻن ڏوه نا ثواب
نا مڻن شرعي نا مڻن ورعي- نا مڻن رنگ نا رباب
ذات سچل جي ڪيهي پچندين - نالي تا نايابَ

ڪافي

ٽل - يا رسول الله جي — روضي جو مقرر ڪر سلام
سوڪندو واهر ولهن جي — هيءُ سندس آهي انجام
۱— انئي پهر اندر ۾ — ڪر يار کي ويهي ياد ميان
پنجئي وقت نماز پڙهه- تون سر نوائي چوءُ ڪلام
۲— آه اڙين جو آسرو— مرسل مدني ۾ مدام
حاميءُ ٿيندو حشر ۾ — پڙهه مٿس صلوات و سلام
۳— ابوبڪر ۽ شاهِ عمر— عثمان علي حسنين پاڪ
ساڻ يقين ٿيءُ سدن ڪولو— آهي الله جو هيءُ الهام
۴— ڪر صدق ثابت سچ — تنهن ۾ ٿيندءِ مشڪل آسان
ڪربلا جو آه سيد — ضامن روز تمام
۵— لافتا الا علي — لا سيف الا ذوالفقار
سڪ منجهان سچل چوي — تحقيق تن جو هان غلام.

———

ڪلام ديگر

ٽل- يا امام حسين تنهنجي — قدمن تان قربان وڃان
ملڪ لڻي محبوب تنهنجي — سڪ اندر آهي اڃان

١— تون نبيءَ جو نور آن — مالڪ ڪل مذڪور آن
صاحب سخا پرپور آن — مان توه تنهنجي سان تڪان

٢— تون نبيءَ دلبند آن — مولا عليءَ فرزند آن
صاحب سچو فرخند آن — آڏار ڏيو پنهنجي اوهان

٣— ڪربلا جو ڪار آن — ڪل ملڪ جو مختيار آن
وارث وسيلو وار آن — منڌار محمد جو چوان

٤— سڪ منجهان ساڇل چوي — دائن لڳو آهيان تنهنجي
پاڙي وهارج پانهنجي— آءٌ همت تنهنجي سان هلان .

—

(٢) بين‌الاقوامي نظريات

سرمست روزالست نہ فقط مسلماني رهبر آهي پر ساڳي وقت هندن جو بہ تسليم شده رهبر ليکيو وڃي ٿو. نہ فقط ايترو پر هو بين‌الاقوامي رهبر بہ آهي. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ "اَلصلح خير" معنيٰ: صلح پلو آهي. اهڙي طرح قرآني فرمودي موجب هي سرد مجاهد رب‌العالمين جي ڪل مخلوقات هندو، مسلمان، ڪبر ۽ نصاري، سڀني لاءِ صلح ۽ امن جو علمبردار آهي. جيئن سندس ڪلام منجهان ظاهر آهي.

١- فرق ڪفر اسلام نہ ڪوئي- جاڻ اهوئي ڄاڻين
ڪافر مومن هڪوئي هڪا- غير نہ غازي آڻين
ڪُلُ شيءٍ هَوَاللّٰه- سڀ صورت هڪ سڃاڻين

۲- وقت ايها ٿي ويل - دنيي دور ڪرڻ جي
ڪي مذاهب من سان - سا جهر سان سو ويل
هند و مومن سان ملي - محبت جا ڪر ميل
متان ٿئي ٿي اويل - اوله سج نه ڏسي.

—

۳- رام رحيم هڪ هڪ سمجهين . موج محبت ماڻين
ڪافر ، مومن ، گبر ، نصارو - غيرگمان نه آڻين
خلق الانسان علي صورته - بول ايهوئي چاڻين
مان تون صورت ساڳي سچل - جي تون پاڻ پچاڻين.

—

۴- ڏسو عشق جا انصاف - سيئي مذهب ڪيائين معاف
سچل انهيءَ ڪالهه ۾ - خس نه آهي خلاف.

—

سچل سرمست جو مذهب اسلامي ۽ بين الاقوامي نظريو، ٻنهي پهلوئن کان واضح نمونو ۾ ڏيکاريو ويو آهي جنهن منجهان بخوبي معلوم ٿيندو ته هي مرد مجاهد مذهب جي قيد کان آزاد ۽ بلڪل بي نياز آهي- ناهي سنڌ ۽ هند جي ٻين درگاهن موجب سندس مذهب سني مسلمان هو ، جئن شهواڻي صاحب "شاه جي رسالي" ۾ ڏيکاريو آهي ته "حضرت شاه صاحب سنين وانگر هٽ پڌي پنج وقت نماز ادا ڪندو هو ۽ ڇڻ يارن جي تعريف ڪندو هو ۽ ٽڻ يارن جي ڪڌهن به گلا نه ڪندو هو."

سرمست جو سلسلو طريقت شاه صاحب ۽ شاه عنايت الله صوفي وانگر قادريه آهي. اڇوڪي وقت ۾ هندو مسلمان ڪشمڪش کان وڌيڪ سني شيعه ڪشمڪش زياده زور ٻوندي ٿي وڃي، جنهن اسلامي اخوت جي شيرازه ڪي پاره پاره ڪري ڇڏيو آهي تنهن ڪري

جيڪڏهن عاشق صادق، پين ڪامل اڪملن ۽ حضور پاڪ جي حضور ۾ هر دم حاضر ٿيندڙن جي قولن جي پيروي ڪئي وڃي تہ هوند هيءَ ڪشمڪش گهٽي پاڻ گي دور ٿي وڃي. هيءَ رند عاشق شيخ سني معاملات تہ چڏيو پر ڪفر ۽ اسلام کان بہ بيزار هو. ديوان آشڪار ۾ سندس هيئيون شعر ڏيکاريل آهي:

جز عشق نہ بود کار ما - از دست شد اختيار ما
از کفر و دين بيزار ما- پرسي چہ از ما قاضيا؟

معنيٰ — عشق کان سواءِ ٻيو مون کي ڪم ڪونهي-
منهنجي هٿن ڪان سڀ اختيار هليو ويو،
مان ڪفر ۽ دين ٻنهي کان بيزار آهيان،
اي قاضي! تون مون ڪان ڇا ٿو پڇين؟

۲- سائين بيدل بادشاه پنهنجي سرود نامہ ۾ فرمايو آهي:-
"چئن خليفن جي فضيلت ۽ اهلبيت جي احترام جو سنڪرالله جو تڙيل ۽ دشمن آهي. ڏسندڙن کي عدل ۽ انصاف جي اکر سان ڏسڻ گهرجي ۽ نہ بغض سان."
سندس قول آهي:

شيعا سني سڏاوڻ سوکا - صوفي کون سڏائيگا.

۳- شيخ ابوالنصر سراج، جنهن کي طاؤس الفقرا ڪري سڏيو وڃي ٿو، تنهن ٻڌ ٻنهن جي ڪتاب اللمع ۾ چئن اصحابن جي تعريف ڪئي آهي، جنهن جو ذڪر ڪتاب جي آخر ۾ ڏيکاريل آهي.

۴- شيخ فريدالدين عطار ٻنهن جي تصنيف منطق الطير ۾ اصحابن جي تعريف ڪئي آهي. جنهن جو ذڪر ڪتاب جي آخر ۾ ڏيکاريل آهي.

۵- داتا گنج بخش مظهر نورخدا جو حسيني سيد آهي تنهن ٻنهن جي تصنيف ڪشف المحجوب ۾ اصحابن جي تعريف ڪئي آهي، جنهن جو ذڪر ٻڌ ڪتاب جي آخر ۾ ڏيکاريل آهي.

ازانسواءِ ساري سنڌ ۾ هند جون درگاهون اهل سنت طريقي جون آهن، جنهن جو ذکر هن ڪتاب جي آخر ۾ ڪيل آهي.

سرتاج الشعرا جو ڪلام الاهي الهام

سرمست روز الست پنهن جي پارسي شعر ۾ فرمايو آهي:

من نمی گويم - يار می گويم بگو

معنيٰ — مان نٿو چوان، هر يار ٿو چوي تہ چؤ!

سرمست درازي بلند پايہ ۽ اعليٰ مراقب شاعر، رند بي باڪ ۽ عاشق صادق آهي، جنهنجي ڪلام جو قدر قيمت ڪو پارکو جوهري ڪري سگهندو جڏهن ڪي سندس ڪلام جي ڪهڙي ڇاڻ پوندي؟ هن پنهن جي پارسي تصنيف ۾ فرمايو آهي:

اين سخن عشق است - نئی از شاعريست
کئی خسان دانند اين اشعارها

معنيٰ — هيءَ سخن عشق جو آهي ۽ نہ شاعري جو، جڏ منهن جي شعر ڪي ڇا ڄاڻيندا؟

حافظ درازي جو ڪلام سنڌي، سرائڪي، پنجابي، هندي، اردو ۽ پارسي پولين ۾ چيل آهي، جو ڪافين، غزلن، بيتن، سي حرفين، مرثين، مثنوين، رباعيات، مسدس، مخمس، مستزاد ۽ بحر طويل، مطلب تہ هرصنف ۾ چيل آهي ۽ ڪوئي پهلو خالي ڇڏيل نہ آهي. سندس ڪلام جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. عام مشهور آهي تہ ڇاڻ پنهن جي ڪلام جو گهٽو ذخيرو لوڙهائي ساڙائي ڇڏيو هٽائون. هنوقت جيڪو ڪلام دستياب ٿي سگهيو آهي سو فقط اهو آهي جو ڪن ڪاڻي ڇڏيو هو يا ڪن ڪي ياد هيو.

سرمست سائين جي وصال ابدي بعد سندس رهيل
ڪلام جو شمار ڪيو ويو ته ان جو تعداد نوَ لک چئيه
هزار چهه سو چئيه هو. ايترو شمار ٻي ڪنهن جي ب ڪلام
جو ٻڌڻ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. خود عثمان علي انصاري صاحب
تسليم ڪيو آهي ته سچل جيترو ڪلام ٻيو ڪنهن جو ڪونهي.
سرمست سائين جو ڪلام ملڪ جي هر گوشه ۾ نهايت ذوق
شوق سان گايو وڄي ٿو ۽ جابجا پکڙيل آهي. کيترن وٽ
قلمي نسخا به آهن. عموماً گهٽو ڪلام ماڻهن کي ياد آهي،
جا سندن روحاني غذا ۽ تفريح قلب آهي.

سرمست سائين جو ڪلام سڪ، سوز، درد، ڪذار،
انتظاري، بيقراري، جوش، جولان، موج مستي، حيرت، عبرت،
حقيقت ۽ معرفت جي فلسفي سان ڀرپور ٻندار آهي جو بيخودي،
موج مستي ۽ وجد ۽ حال جي حالت ۾ چيل آهي جنهن
حال ۾ سر مبارڪ جا گيسو دراز (ڊگها وار) سراسر اڀا ٿي
ويندا هيا ۽ نيٽن مان سانون جي برسات مثل نار جاري ٿي
ويندا هيا، جنهن جا رخسارن تي گهارا ڏهي ويندا هيا. سندس
ڪلام جي رواني تيز هوندي هئي گويا درياه اڇلي پوندا
هوا. ڪلام لکڻ لاءِ ڪاتب موجود هوندا هيا جي ڪلام
قلمبند ڪندي ڏکجي پوندا هوا ۽ انهيءَ جوش ۽ مستي،
وجد ۽ حال جي حالت ۾ انا الحق جو نعرو هڻندو هو ۽ پاڻ
کي خود خدا چوندو هو، جئن ديوان آشڪار ۾ ڏيکاريل آهي:

هر ڪجايم جابجايم — من خدايم — من خدا
تا چه شد پوشيده ام - از درد اين خاڪي قبا

معنيٰ — هر جاءِ هر هنڌ مان ئي موجود آهيان -
مان خود خدا آهيان - خدا آهيان.

ايهو ڇا ٿي پيو جو درد کان مان هيءَ خاڪي جامون
ٻهريو آهي.

ذڪر آيل آهي ته هڪ دفع ڪهڙن جي علمائن

اعتراض اٹاريو تہ تون پاڻ کي خدا ٿو سڏائين جو سراسر کفر آهي. پاڻ فرمايائين تہ ان لاءِ شريعت مطابق کهڙي سزا مقرر ٿيل آهي. علمائن جواب ڏنو تہ ان جي سزا قتل آهي. تنهن تي چيائون تہ جڏهن بہ مان پاڻ کي الله سڏيان تہ مون کي يڪدم قتل ڪيو وڃي. وري جڏهن هن منصور آخر زمان تي وجد ۾ مستي جو حال طاري ٿيو تہ ساڳي طرح منصوري دم هڻڻ لڳو، جنهن ڪري علمائن تراريون هڻڻ شروع ڪيون مگر ترار سندن بدن مان اڀين نڪتي ٿي ويئي جيئن پاڻيءَ مان ڪڍي جنهن تي هو مجبوراً ماڻ ڪري ويهي رهيا. هو وري جڏهن عبديت واري حال ۾ آيو تہ حقيقت پچڻ لڳو. علمائن چيو تہ اسان توکي قتل ڪيو سي ٿي مگر اسان جون تراريون بيڪار ثابت ٿيون ۽ ترتي اثر ڪونہ ٿيو. جنهن تي فرمايائين تہ اهو حق هيو جنهن تي ترار اثر ڪري نہ سگهي. سندس هڪ شعر انهيءَ موضوع تي چيل آهي:

حق انا الحق ٿي چيو- پر منجهہ نظر منصور هو
منجهہ شريعت شرڪ چون- منجهہ معرفت منظور هو.

—

بي خوديءَ جا چند مثال

ڪتاب ڪرامت الاوليا ۾ ذڪر آيل آهي تہ شيخ ابوالحسن وٽ هڪ مجوسي آيو. دوران گفتگو شيخ هنکي چيو تہ باه الله جي حڪم کان سواءِ ساڙي نٿي سگهي. مجوسي چيو تہ باه ۾ فطرتي ساڙڻ جو اثر آهي. آخر مجوسي باه جو وڏو ميڙ ڀاري ٻاندا ڪري شيخ کي چيو هاڻ هن جي مٿان هلي ڏيکار تہ تنهن جي سچ ڪوڙ جي خبر پئجي وڃي. شيخ بي خودي جي حالت ۾ اڇي ويو ۽ پيرن اگهاڙو سان ميڙ مٿان ڪهي نڪري آيو. مجوسي اينها حالت ڏسي مسلمان ٿيو ۽ سندس مريد ٿيو.

ساڳي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته هڪ دفع شيخ ابوبڪر شبلي رحمت الله عليه بيخودي ۾ محويت جي حالت ۾ شيخ جنيد بغدادي رحمت الله عليه جي گهر ويو. شيخ جنيد صاحب جي بي بي صاحبہ هن کي گهر ۾ ايندو ڏسي پردو ڪرڻ لڳي، جنهن تي شيخ صاحب پنهنجي بي بي صاحبہ کي چيو ته هن کان پردو نہ ڪر، جو هينئر هو پنهنجي جسم کان ٻاهر آهي. گهڻي دير تائين هن شيخ جنيد سان روح رهاڻ ڪئي ۽ وري جڏهن هو عبديت جي حالت ۾ اچڻ لڳو ته شيخ جنيد پنهنجي بي بي کي چيو ته هاڻي اٿي پردو ڪر جو هينئر پنهنجي جسم ۾ موٽي آيو آهي.

سرتاج الشعرا جي ڪلام جون روحاني خوبيون

حافظ درازيءَ جو ڪلام الاهي الهام جيڪڏهن بخوبي ۽ صدق دل سان مطالع ڪيو ويندو ته ان ۾ ايترين ته انيڪ ۽ اڪيچار، بيحد ۽ بي شمار خوبيون ۽ خصوصيتون نظر اينديون جي بي ڪنهن جي ڪلام ۾ شايد مشڪل لهن.

سرمست جو ڪلام نهايت صاف ۽ شستہ، جاذب خيال، پردرد و عشق، سوز وگداز و ليڪن شيرين ۽ روح ڪي راحت ڏيندڙ ساڳي وقت فصاحت ۽ بلاغت جو پنڌار، درد انگيز، همت افزا، ڪيف و مستي آور، خيال ڪي بلند پروازگي بخشيندڙ، پر اثر، روح پرور، حقيقت ۽ معرفت جو گنج بي پايان، علم العروض ۽ علم بديع جي سهڻي پابندين هيٺ چيل نظر ايندو، جنهن منجهان سندس عرفاني خيال، امنگ ۽ جذبات جي تازگي ٻکي ٿي جو تبليغ ۽ تصوف جي اصولن ڦهلائڻ جو ذريعي آهي. سندس طرز ڪلام ۽ لهجو اهڙو ته اثر رکندڙ آهي جو ڪوبہ سندس ڪلام کان متاثر ٿيڻ کان رهي نٿو سگهي. سندس ڪلام جي خاص خوبي ايها آهي جو نهايت آسانيءَ سان، هر خاص و عام جي فهم ۾ جلد اچي سگهي ٿو. سندس

فارسي ڪلام ۾ اهڙو ته سليس ٻولي ۾ آهي جو طفل مڪتب
۾ آساني سان سمجهي سگهي. سندس سنڌي ڪلام جي صورت
موجوده دور جي سنڌي ٻولي جي صورت ۾ آهي ۽ ٻولي جا
پراڻا دقيق ۽ لاڙيچا لفظ استعمال ڪيل نه آهن، جنهن جي
سمجهڻ لاءِ لغتن ائٽلائٽ ۽ استاد رکڻ جي ضرورت پيش اچي
يا اديب صاحبن کي نوٽن لکڻ جي درد سري ڪرڻي پوي.
سرمست سائين طالبان حق کي اهڙيءَ سرگرداني۽ پريشانيءَ
جي زحمت کان نجات ۽ چوٽڪارو بخشيو آهي. هن پنهنجي
ڪلام کي ايندڙ دور جي زبان جو لباس اڇيئي پهرائي ڇڏيو
آهي. هن مرد مجاهد کي ايها به اڳ خبر هئي ته اسان جي
سنڌ سونهاري ۾ ڪنهن وقت اردو زبان به رواج ۾ ايندي
تنهن ڪري اردو دان باشندن لاءِ به هن اڇيئي رستو هموار
ڪري ڇڏيو آهي. مطلب ته سندس ڪلام هر باشنده لاءِ هر
منزل و مقام متعلق آهي ۽ ڪوئي ڏاڪو ڇڏيل نه آهي جنهن
لاءِ راه رو طالب کي پي ڪنهن طرف جي جستجو ڪرڻي پوي.
سر مست روز الست عشق ۽ عرفان الاهي جون مشڪل ۽ مشڪل
منزلون ۽ دقيق ۽ پيچيده مسئلا پنهنجي ڪلام ۾ هرڪنهن
زبان ۾ اهڙي ته آسان ۽ سهل نموني ۽ نروار ڪري سمجهايا
آهن ۽ اهڙيون ته موشگافيون ڪيون آهن جو اهڙو مثال ملڻ
مشڪل ۽ محال آهن. سندس ڪلام جذب، جوش، جلال،
بي خودي۽ ۽ الوهيت جي حال ۾ چيل آهي، تنهن ڪري ان
کي ڪلام الاهي الهام چوڻ مبالغه نه ٿيندو. ان جو ثبوت
سندس ڪلام ۾ جا بجا ملي ٿو جنن مٿي ڏيکاريو ويو آهي.
سندس هڪ شعر آهي ته:

حقَ اناالحق ٿي چيو پر منجهه نظر منصور هو
منجهه شريعت شرڪ چون منجهه معرفت منظور هو

ڪيڏو نه دقيق ۽ پيچيده مسئلو، جو وڏن وڏن عالمن
کي به سمجهه ۾ نه آيو جو منصور کي ناحق سوريءَ تي

جاڻهيو ويو، سو هن مرد مجاهد عام فهم لفظن ۾ ڪهڙي نه آسان طريقي سان حل ڪري سمجهايو آهي ؟

حافظ درازي جو ڪلام طالب مولىٰ لاءِ مشعل راه جيتري روشني نه، بلڪ آفتاب روز روشن جيتري روشني رکي ٿو، جنهن جي روشني ۾ عشق ۽ عرفان الاهي جا باريڪ ۽ باريڪ سٽر اسرار ۽ راز رموز پوشيده رهي نٿا سگهن ۽ جن مخفي رازن جي سمجهڻ لاءِ طالب المولىٰ کي ورهن جا ورهه جهد ۽ ڪشالا ڪڍڻا پوندا هيا، سي بلڪل آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. پانڌ پڙيءَ کي عشق جي هر منزل ۾ قدم قدم تي رهبري ۽ رهنمائي، مدد ۽ همت افزائي ڪري منزل مقصود تي پهچائي ٿو. مطلب ته سرمست جو ڪلام توحيد ۽ معرفت الاهي جو وسيع ۽ بينظير گنج آهي، جنهن ۾ اُن جي مڪمل تعليم سمايل آهي. جيڪڏهن حقيقت ڏانهن نظر ڪبي ته صريحاً ڏسڻ ۾ ايندو ته حضرت انسان جي تخليق جو باعث ئي صرف معرفت الاهي آهي ورنه عبادت الاهي لاءِ پي سڀ مخلوق به آهي. حضرت انسان کي اشرف المخلوقات جو عظيم ترين رتبو ئي معرفت الاهي حاصل ٿيڻ سبب عطا ٿيل آهي، جو پيءَ مخلوق کي معرفت الاهي حاصل نه آهي. حضرت سرمست جو ڪلام سموروئي انهيءَ ڏس ۾ چيل آهي ۽ آهو ايترو ته وسيع ۽ بي باڪ آهي جو اهڙو پيو ڪو ڏسڻ ۾ نه ايندو. سندس ڪلام ۾ انسان ذات کي صرف هڪڙيئي مقصد (معرفت) لاءِ بار بار نقاري جي چوٽ تي بلڪل بي باڪيءَ سان مؤثر ۽ جاذب طريقي سان رغبت ڏياري اُن جي حاصل ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني ويئي آهي ۽ ان جي تعليم اهڙي ته سهل ۽ دلڪش نموني سان ڏني ويئي آهي جا بيشڪ لاجواب آهي. جهڙي طرح ننڍڙي ٻار کي سمجهائڻ ۽ تعليم واسطي رغبت ۽ شوق لاءِ استاد منڍا منڍا دل لُڀائيندڙ ۽ طرح طـــرح جا دل نشين مثال ۽ طريقا استعمال ڪندو آهي، تهڙي

طرح سرمست سائين ۽ پنهنجي ڪلام ۾ انسان ذات لاءَ بيحد همدردي رکي، عشق جي سچي منزلن طي ڪرڻ لاءِ، عجيب ۽ آنوکا مثال پيش ڪري، اول کان آخر تائين جامع ۽ مڪمل تعليم ۽ تربيت ڏني آهي ۽ ڪا ڪمي باقي نه ڇڏي آهي، جنهن لاءِ پي ڪنهن استاد جو مرهون منت ٿيڻو پوي. بيشڪ سرمست جو وجود مسعود انسان ذات جو محسن عظيم، اڪمل معلم، رهبر ۽ رهنما آهي. انسان ذات لاءِ هن رحمت ايزدي جي ابر رحمت جي ڪلام جي خوبين ۽ خصوصيتن جو مڪمل نقشو پيش ڪرڻ ناممڪن آهي. قلم ڪي ايتري طاقت نه آهي جو سمورو بيان عيان ڪري سگهي. مطلب ته سرمست جو ڪلام عالي و جامع وصفن، خوبين ۽ خصوصيتن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جنهن لاءِ هن کي سرتاج الشعرا سڏ جي ٿو مبالغو نه ٿيندو.

حضرت سرمست جو اردو، پنجابي ۽ هندي الفاظن ۾ ۽ مخلوط ڪلام پيش ڪجي ٿو، جنهن منجهان سندس بلاغت ۽ فصاحت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

ڪلام

ٽل- منا جب سر اول کرنا— عشق بازيءَ ۾ آوڻ ڪيا
نه ڪجهه ديوين نه ڪجهه ليوين - اسي سودي ۾ جاوڻ ڪيا

۱- ڪڙا هي يار چوسول ۾- ديکهن آيا تماشي کو
نڪل، ڪر جان سر صدقي- عاشق اب مڪ چاوڻ ڪيا

۲- ٽيڪون حاصل نه ڪب هووي- ايسا ري، اور ڪوئي سودا
ديوين سر، دوست تب ليوين - خريدي اس ۾ تاوڻ ڪيا

۳- بهت عاشق يهي سودا- ڪرن آئي هين جو خواهش -ون
سودا ليي اُس سي آگي- اوران سودا ڪماوڻ ڪيا

۴- گرم بازار ديکهن سي- ملاحظ سرڪا ڪرتي سهو
اسي سوداگري مين رهي- سچل تب پانوءَ ياوڻ ڪيا

جنن مالهي مختلف رنگ و بوءِ جا قسمين قسمين گل ملائي گلدستہ ٺاهيندو آهي جنهن جي عجيب رونق ڏسڻ ۾ ايندي آهي تيئن سرمست سائين جا گهٽا ڪلام مخلوط هولين ۾ چيل آهن.

سرمست سائين جي اردو، هندي ۽ پنجابي زبان انوقت جي مروج زبان آهي جا اڪثر ۾ صديون اڳ ڳالهائي ويندي هئي. تنهين ڪلام ۾ مخلوط الفاظ ڪلام جي شيرينيءَ ۽ دلڪشيءَ ۾ اضافو ڪن ٿا. هن ڪلام ۾ سرمست سائين عاشق (طالب) کي سهڻي ۽ دل وٺندڙ پيرايہ ۾ طعنا هڻي حقيقي مقصد لاءِ همت ٻڌائي چست ۽ چوبند ڪيو آهي تہ عشق ۾ سر ڏيڻ (پاڻ وڃائڻ) شرط اولين آهي. ان کان سواءِ محبوب حقيقيءَ جو وصال ماڻڻ ناممڪن آهي ۽ هو سمجهائي ٿو تہ انهيءَ سودي ۾ گهاٽو اصل ڪونہ آهي جو خسيس سر سودي ۾ ڏيئي بي بها محبوب حاصل ڪندين تنهن ڪري دير نہ ڪر. ڪيئي عاشق ايهو سودو ڪرڻ آيا آهن سو تون انهن کان اڳ سودو ڪري ڇڏ. جي ڪڏهن گرم بازار ڏسي، سر جو سانگو ٿو ڪرين تہ پوءِ هن سوداگريءَ ۾ پير ڇو پاتو اٽيئي؟ نہ ڪجهہ تون ڏين نہ ڪجهہ تون وٺين باقي انهيءَ سودي لاءِ آڻين ڇو؟ عاشق صادق اس کا نام هے-

سرائڪي ڪلام

ٽل- آگهہ لهہ اسرار دي ڪاني- ڇوڙ وجود وسارڻاهين
۱- شبهي نال نہ حاصل ٿيوي - ڳالهہ ايهي اعتبار دي
۲- ڪيوين هلندين ڪيوين ڇلندين- رمز ڏيکين رفتار دي
۳- ڪيوين سٽندين ڪيوين الينديں- عبرت گهن اعتبار دي
۴- سر صحيح ڪر نوبت ماريں - حلاجي شڪار دي
۵- سچو سيري سره هويا - صورت هيٺين سردار دي

—

مٿين ڪلام ۾ انسان کي قدرت جو ڪجھ لھڻ ۽ حقيقت جي راز سمجھڻ جي هدايت فرمائي تعليم ڏي ٿو تہ تون پنھنجو ناسوتي وجود يعني هستي وجائڻ سان ئي اهو راز معلوم ڪري سگھندين. تنھن ڪري اول اعتبار آٿڻ مقدم آهي. سواءِ يقين ڪامل جي انهيءَ منزل مقصود تي پھچڻ ناممڪن آهي. ان بعد عبرت وڻن جي تعليم ڏي ٿو ۽ طريقو ٿو ٻڌائي تہ پنھنجي هلڻ چلڻ ۽ ٻڌڻ ڳالهائڻ جي رمز ڏس ۽ ان مان عبرت پراءِ ۽ پوءِ پنھنجي وجود کي اتي وساري ڇڏ، پوءِ اهو راز صحيح ڪرين تڏهن بلا خوف ۽ خطره حق جي اظهار جي نوبت وڃاءِ جو تون سردار يعني مالڪ الملڪ جي صورت ۽ انجو ڪجھ آهين. خلق الانسان علىٰ صورته. الانسان سري و انا سره (قرآن).

اردو ڪلام

ٹل۔ اگر اثبات کو جانو — نہ ہرگز تم گدا ہوگا
یقین کرو نا گداگر ہو — و لیکن خود خدا ہوگا

۱- فنا کي بات باطل ہے — اگر پوچھو سچ ہم سے
بقا باالله ہمیشہ تو — خدا تا، نا فنا ہو گا

۲- نہیں دیدار اور دیگر — نہیں جا ہے دیکھن کی
نظر کي جا تم ہي ہو — ببین تا خود لقا ہوگا

۳- زمین پر کیا فلک — پر کیا — کیا پر عرش وکرسی پر
درون بیرون ہم اندر - تو کلي جا بجا ہوگا

۴- ھُو الاول ھُو الاخر - ھُو الظاھر ھُو الباطن
یہاں وہی وہاں وہي- سچل کہہ تم کجا ہوگا

—

ڪلام ديگر اُردو (صنعت اقتباس)

ٽل- عشق هے امام ميرا - ديگر امام ڪيا هے-
منخانہ مٹن هوا هون - جُرعہ ڪا جام ڪيا هے.

۱- مٹن يار يار ميرے - اس مين نهيں تفاوت
آنا مَعَي آنّت مَعَڪ - ديگر ڪلام ڪيا هے
۲- اُس جا ملا نڪان نے - مجهه ڪو سلام ڪيا
اب بتا اي قاضي - اُس جا سلام ڪيا هے
۳- وبي يسمع وبي يبصر- جانو يقين دل سے
همخانہ يار هو يا پٹنا پيغام ڪيا هے
۴- تحقيق الحقيقت - ڪلي هے الله ڪو
صاحب سچل هوا هے- ديگر غلام ڪيا هے

(انا معي انّت معڪ- معنيٰ: مان هن سان آهيان هو مون سان آهي. پٹنا معنيٰ موڪلڻ.)

پهرين ڪلام ۾ وحدت جو راز عيان ۽ آشڪار ڪري زبردست دليلن سان يقين ڏياريو اٿس ته سواءِ ذات پاڪ جي هيو ڪو وجود (هستي) ڪونہ آهي. هر جا آها ذات پاڪ سمايل آهي. جڏهن اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن، زمين ۽ زمن، عرش ۽ ڪرسي، هتي ۽ هتي آهو پاڪ پروردگار آهي ته پوءِ تون ٻڌاءِ ته تون ڪهڙي جاءِ تي هوندين؟ "وحده لاشريڪ له" جي حقيقي معنيٰ ڪهڙي نه اعليٰ پيرايہ تي نروار ڪري ٻڌائي اٿس. جيڪڏهن هي ڪنهن هستيءَ جي موجودات جو اقرار ۽ يقين ڪجي ٿو ته جڏ حق پاڪ جي هستيءَ ۾ ان کي شريڪ ڪيو وڃي ٿو جو ڪمال ڪفر ۽ شرڪ آهي. هي ڪلام ۾ بہ ساڳي مٹين ڳالهہ دهرائي اٿس ته تون اڃا ساڳي ذات آهين پاڻ کي غلام نہ سمجهہ.

حضرت سرمست جي ڪلام ۾ تصوف جي جامع ۽ مڪمل تعليم ڏنل آهي جنهن ۾ سلوڪ جي راه بابڪل سڌين ۽ سڌي هموار ڪيل آهي جنهن وسيلي طالب‌المولىٰ سواءِ ڪنهن رنڊڪ ۽ دشواري جي حقيقي منزل تي پهچي سگهيٿو. تصوف اسلام جو جوهر ۽ مغز آهي. جي ڪڏهن انهي تعليم تي عمل ڪيو وڃي ته هوند دنيا، جا اڄ جن مصيبتن ۾ مبتلا آهي، تنهن کي اهو دور ڏسڻو نه پوي. جڏن سرمست فرمايو آهي:

مذهبن ملڪن ۾ — ماڻهون منجهايا
شيخي پيري بـــزرگي - بيحد ڀلايـــا
ڪي نماز نوڙي پڙهن - ڪن مندر وسايا
آڏو ڪين آيـــا — عقل وارا عشق ڪي.

حافظ شيرازي جو شعر آهي:
حافظا گر وصل خواهي - صلح کن با خاص و عام
بـــا مسلمان الله الله - بـــا برهمـــن رام رام

—

"سچل سرمست" جي سيني سوانح نگار صاحبن اها ڳالهه وڏي شڊ ۽ مڊ سان قلمبند ڪرڻ فرمائي آهي ته جڏهن حضرت شاه صاحب پٽائي، سائين صاحبڏنر جي ملاقات لاءِ درازن ۾ آيا هوا تڏهن شاه صاحب سچل سرمست کي ڏسي پيشڪوئي ڪرڻ فرمائي هئي ته جيڪا ديڳ اسان دمي ڏڪي رکي آهي تنهن جو ڏڪ هيءَ لاهيندو. آمنا و صدقنا - مگر نهايت عجب ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته انهيءَ ڏڪيل ديڳ جي مٿان هر خاص و عام نهايت ذوق شوق سان قيرون پائي رهيو آهي و ليڪن جڏهن انهيءَ ڏڪيل ديڳ جو ڏڪ لهي ٿو ۽ سموري مخفي راز رموز اظهر ۽ عيان ٿئي ٿو ۽ فيض ۽ عطا جو سر چشمه جاري ٿئي ٿو ته

ان ڏانهن ڪو به توجهه نٿو ڏنو وڃي! انهيءَ لاءِ جيترو افسوس ظاهر ڪجي اوترو ٿورو آهي. پلا هجي ڪو جوهري جوهن نايابَ جوهر جو قدر ڪري ؟

ڪنهن پارسي شاعر چيو آهي :

قدر زر زرگر بداند — قدر جوهر جوهري
قدر گل بلبل بداند — قدر دلدل يا علي

—

ڪنهن اردو شاعر جو شعر چيل آهي :

لطف مئے تو کيا جانے واعظ
ارے صاحب، تونے تو پی ھی نہیں.

—

سرمست پنهنجي تصنيف ۾ فرمايو آهي :

ڪٿي خسان دا نند - ايءَ اشعار ٻها
معنيٰ - جٽ چا چاڻن ڪڪ جي ماني مان.

—

خلق جي بي قدري بابت سرمست فرمايو آهي ته :

ڪلام

ڪنهن سان ڪيرنه ڪل - جو سود و آندم پاڻ سان
سود و ڪنهن نه پچيو - آيس منجهه مشڪل
گران قيمت ڪان سپيئي - موتـــيا تهـــن مهل
سودي هڙي تي اتي - لاڏـــن سپ نقـــل
حال ڏسي تان هنن جو - پيو جيڙو منجهه جنجل
ڏوه نه مونکي ڪو ڏيو - پيئي خلق منجهه خلل
سچل سرافراز ڪيو - آڻـــي عشق اجـــهل

—

سبحان‌الله! هجي کو سچو سوداگر جو هن سودي خريد ڪرڻ لاءِ نڪري ڏوار ٿئي.

سرتاج الشعرا جي شعر جون روحاني خوبيون
(مسٽر عثمان علي انصاري صاحب جو نظريو)

انصاري صاحب پنهنجي "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" ۾ لکڻ فرمايو آهي تہ:

فقير سچيڏ نہ جي سنڌي ڪلام ۾ اهي سڀ صفتون موجود آهن جي هڪ بلند پايہ شاعر جي ڪلام ۾ هجڻ گهرجن. سندس ڪلام سرتاسر "هم اوست" جي رنگ ۾ رڱيل آهي. پاڻ انهيءَ ڏس ۾ ايڏي تہ جولاني ڏيکاري آهي جو "وحدت الوجود" جي ڪنهن بہ پهلو وکيل کي اهڙن واضح لفظن ۽ انهيءَ موضوع تي کجهہ چوڻ جي جرات نہ ٿي آهي. حقيقت هي آهي تہ سرمست پنهنجي ڪلام ۾ "هم اوست" کي ايتري تہ جاءِ ڏني آهي جو هي ڪنهن بہ موضوع لاءِ وٽس گنجائش ئي ڪانہ رهي آهي. چا ڪافين ۾ چا ڏوهيڙن ۾ "تون هين تون" جو نعرو پيو ٿو هڻجي.

اڃين پيو معلوم ٿئي جڏهن بزرگ ڪي هڪ اهو ئي پيغام ڏيڻو هو جو مرزا وڻي وڻي ڏنو آهي. آسان، تنهن ڪري سندس قافيہ، رديف، تشبيهات وغيره کي چڏي سمورو بحث سندس "وحدت الوجود" جي پيغام تي ڪندا سون.

ظاهر هجي تہ سرمست نہ فقط سنڌي زبان جو هڪ نهايت بلند پايہ جو شاعر آهي، نہ فقط اسلاميت جو چاڻو آهي پر هو هڪ صاحب ڪيف ۽ حال بزرگ آهي. ليڪن هن اقليم سخن جي تاجدار جي قلبي مستين ۽ وجداني تجلين کي سمجهڻ لاءِ تصوف جي پس منظر ۾ گهرجي ۽ انهيءَ سان گڏ ذوق سليم ۽ گهرجي تڏهن وڃي ڪو پڙهندڙ انهيءَ حقيقت کي پهچي جنهن لاءِ فرمايو آٿن: "سچ ڏا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي".

(کنهي خسان دانند این اشعارها — مؤلف) جيڪڏهن سندس تشبيهه، استعاري، تصريح، يا ڪنايه ۾ اڙهي ويندو تہ عروج معنيٰ تائين سندس پهچ محال آهي. اسان جيڪڏهن بدايع جي وصفن تي ويهي بحث ڪيوسون يا سندس فصاحت ۽ بلاغت جي گلڪارين جي ذڪر ڪي چيڙيوسين تہ اهو ممڪن آهي تہ پڙهندڙن لاءِ سندن دماغي عياشيءَ جو سامان ضرور پيدا ڪري وجهندا سين پر اسان جو اهو مقصد فوت ٿي ويندو جنهن مقصد سان سرمست جي هن سدا بهار چمن کي سنڌي دنيا سان روشناس ڪرائڻ ٿا گهرون.

سنڌ جي ادبي دنيا جو هيءَ ئي هڪ روشن ستارو آهي جنهن کي زاهدن جو هڪ ٽولو تحسين خراج ڏيڻ ۾ بخيلي ڪندو رهيو آهي. ليڪن سچل جي ڪلام ۾ جي ادبي خصوصيات آهن يا پاڻ جيڪي محاورا ۽ ترڪيبون استعمال ڪيون اٿس تن جو داد نہ ڏيڻ ۾ ادب جي مذهب موجب گناهه آهي.

سچل جي ڪلام ۾ سندس هرهڪ بيت هڪ ادبي معجزي جو درجو رکي ٿو. مطلب تہ سچل سرمست کي خداوند ڪريم سنڌ جي صاحب ڪمال شاعرن ۾ هڪ نهايت بلند مقام عطا ڪيو آهي.

سرمست فقط مسلمانن جو هيرو نہ هو پر سنڌ جا هندو به ڪيس عزت ۽ فخر سان پنهنجو رهبر قبول ڪندا رهيا آهن.

سرمست جي ڪلام ۾ تصوف جون جي حساب اهڙيون تجليون موجود آهن جي مسلمانن سان گڏ غير مسلمانن جي دلين تي به حڪومت ڪندي رهن ٿيون جي سندس ڪلام مان لساني لذتن کان سواءِ روحاني تاثرات به وٺندا رهيا آهن.

سچل جي ڪلام ۾ هڪ خاص خصوصيت هيءَ آهي جو هو صاحب مدهوشيءَ ۾ هوش جون گالهيون ڪندو ٿو رهي ۽ هوش ۾ مدهوشيءَ جا راڳ آلاپيندو ٿو رهي.

اڃان ب ملڪ ۾ انصاف وارا پيا آهن. (مؤلف)

شاعراڻيون خوبيون سچل سرمست جي پالڪن جون

مؤلف ڏانهن محترم دوست شوڪت علي حيدرآباد ڪان بار بار لکندو ٿي رهيو ته سرمست سائين جون شاعراڻيون خوبيون علم بديع جي اصولن مطابق ڪتاب ۾ ڏيکاريون وڃن مگر منهنجو اهو عقيدو هو ۽ اڃان ب آهي ته جنهن مرد مولا ڪي الله پاڪ ابڏو ته علم لدني عطا فرمايو جو هو پاڻ خود خدا ٿي ڀيو ۽ سندس ڪلام الاهي الهام عرش معلىٰ جا سير ڪري رهيو آهي تنهن جي ڪلام ڪي عرش ڪان فرش تي لاهي علم بديع جي قيد ۾ مقيد ڪيو وڃي سا انهيءَ مرد مولا جي توهين آهي. مگر اتفاقاً "مهراڻ جا موتي" سال ۱۹۵۶ — ۱۹۵۹ "منهنجي نظر سان گذريو ۽ جڏهن ان صنعت اقتباس جي تشريح پڙهي جنهن ۾ اديب صاحب لکيو آهي ته شاه صاحب پنهن جي ڪلام ۾ انهيءَ صنعت ڪي ايترو ته ڪثرت سان استعمال ڪيو آهي جو ان جي اعجاز بياني اڳيان عظيم المرتبت شاعرن جو ڪلام ب "پست" نظر اچي ٿو. جڏهن پست جو اکر پڙهيم ته ڏاڍو ڏکر ٿيو ۽ سمجهيم ته شايد اديب صاحب پي ڪنهن سنڌي شاعر يا پارسي شاعرن هرهڪ حافظ، عطار، سعدي، رومي، جامي، خسرو ۽ ٻين جو شعر ڪوٺ پڙهيو آهي نت جيڪر پست جو اکر ڪم نہ آندو وڃي ها. خير - هيڻڙ مجبوراً پنهن جي ٻڌڻي ۽ ضعيف دماغ آهر ڪجهه نہ ڪجهه لکڻو ضرور پيو. مگر هن سرتاج الشعرا جي ڪلام ڏيکارڻ ڪان اڳ روهڙي جي رند عاشق سائين بيدل جي تصنيفات ۽ ان جو ڪلام پيش ڪيو وڃي ٿو جو اهو ب خود سرمست سائين جو فيض آهي جنهن جو ذڪر اڳيتي ڪتاب ۾ آندو ويو آهي. از آن سواءِ سرمست جي ادنىٰ طالبن جو ڪلام ب ڏيکاريو وڃي ٿو جنن پست جو اکر اديب صاحب جي دماغ منجهان نڪري وڃي.

بيدل بادشاه جي تصنيفات عربي، پارسي، اردو، سرائڪي ۽ سنڌي ۾ هيٺين موجب آهي جا سرتاپا اعجاز بياني آهي. (۱) رياض الفقر (۲) سلوک‌الطالبين (۳) مثنوي نهرالبحر (۴) رموزالعارفين (۵) فوائدالمعنوي (۶) سرود نامه (۷) پنج گنج. سندس هي اعجاز بياني د رکنار رکي پنج گنج مان فقط هڪ بيت مثال طور پيش ڪجي ٿو جو پنجن هولين ۾ آهي:

شعر

۱- عربي- ليس في الدارين إلا هُو - هوالحق المبين
۲- پارسي- اوست‌جسم و است جان- اوست‌افلاک و زمين
۳- اردو- وهي روح‌الله مريم هے وه- وهي روح الامين
۴- سرائڪي- هرطرف آسدا تماشا- مُنھ و ڪيا اهل دين
۵- سنڌي- سڀ صفت ۾ ڪيو ظهورو- يار جاني د لربا

اهو پنج گنج سمورو بحر انهيءَ طرح پنجن هولين ۾ چيل آهي. اميد ته اديب صاحب جي دماغ منجهان هينئر پست جو اکر نڪري ويندو.

الله جي ملڪ ۾ الله جا عاشق اورون اور ۽ زورون زور پيا آهن جن جي منزل مقام جي خبر فقط انهيءَ خالق اڪبر کي ٿي آهي. اسان اڃان الف - ب سِس پڙهي پوري ڪئي آهي ته سيد عالمن جي علم جي تڪ تور ڪرڻ شروع ڪئي آهي! پهريون درجو انگريزي پڙهيل ڪيئن چئي سگهندو ته مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو علم ۾ وڏيڪ آهي يا عثمان علي انصاري علم ۾ وڏيڪ آهي؟ فقط اهو ساڻهو اهو امتياز ڪري سگهندو جو انهن ٻنهي صاحبن‌کان مڃي پڙهيل هوندو- ايها ڪهڙي نه اسان جي ڪم فهمي ۽ بي سمجهائي آهي؟

ڪلام نانڪ يوسف (صنعت اقتباس)

ٽل- هي حاضر حڪم تمهارا — سڻ عادي حال همارا
۱- ڪيهي ڪيهي نازڪريندين- هڪڙيان سولي سرچڙهيندين
آڻن انحد ناد بجيندين - ويـــڪين ســير نظارا
۲- عشق اوبڙا ويڙا ڏيندا- ڪهڙ ڪهير آپار ترينداِ
بي خود بي اختيار ڪريندا - عشقت سير سڏارا
۳- و هو ومحكم آپ الايو - قل هو الله خود فرمايو
موتوا قبل مار جوايو - پوجها تم سر سارا
۴- عشق ٽيڏي ديان فوجان باري- آون جاون بي اختياري
روشن سرت پيتم سي ساري - مڻ مسڪين بچارا
۵- نانڪ يوسف يار سڃاڻي- قسم هادي اسان دروڪاڻي
مرشد شهر دراز ميائي - همت حاضر يارا

سنڌي ڪلام فقير غلام حيدر شر (صنعت اقتباس)

نيتيان ڪٽن نماز- جو سڪ سنڌ وٽي نه ڏيئي
ونحن اقرب ويجهڙو - اچي عشق ڪيا آواز
فاذكـــروني اذ كركـــم - رمز لڳي دم تاز
وحدت ويڙهيو وجود کي - پرت ڪري پرواز
موتوا قبل محو ٿياسي - ڏسي ٽيٽن ناز
فاينما تولو فثم وجه الله - هره بچايا باز
غلام حيدر غلبو ڪيو - شوق شاهي شهباز
ڪر سر ڏيئ جا ساز - تو هين تند وڃاءِ تون

آهي جاڏي ڪاڏي پرين پاڻ - اچي نظر نه پاجهون پنهنجي
ونحن اقرب ويجهو آهي - بڏ پارو چل پاڻ
انفسكم ايشارو آيو - اهو اٽيئي اهڃاڻ
جوءِ انهيءَ هم جسم ويوسي- چڙهي چڙهي مهراڻ
غلام حيدر گم ڪ هستي - رکي سرت سڃاڻ

ٹل- جن جاڳيو جيءَ ۾ - رمز روحي دم نظر
و نحن اقرب ويجهڙو - بره بالا دم بشر

۱- ويرون وحدت جون چڙهيون - در د ڏردنيا دربدر
قل هو الله احدالله - هر د و عالم هڏ حشر

۲- شاه نجف شاه مرتضيٰ - آن سيد خيرالبشر
حسينن هادي دائما - سوز دارم در جگر

۳- عشق آدم چائيو - لعل لاهوتي لهر
پرتئون پتنگن پل ڪئي - هست د نيا دم گذر

۴ه غلام حيدر پاڻ ناهي - عشق جو آهي اثر
هو هوايون حق جون - ناه تنهن ۾ ڪو ڪفر.

—

پارسي ڪلام غلام حيدر شر
(وحدت الوجود در صنعت اقتباس)

هر د و عالم هڏو بدانم - مانم هستم جز خدا
در وجود عدم آمد - سير خود سري لقا

۲- اشتياق رخ صنم دارم - محبت در جگر
در جدائي در نمازم - بر در آن شدم فدا

۲- مي زنم نعره انا الحق - پرده بشري بدان
قل هڏو الله احد الله - عشق گويد با صفا

۳- دين ڪفر را د و رڪن - پير مغان گفته بهمين
جز خدائي نيست د يگر - در د ر عالم بابقا

۴- غلام حيدرگر بداني - پير مغان ۾ خاڪ شو
از نفي اثبات شد - دم ذبا شم زو جدا

—

پارسي غلام حيدر شر
(وحدت الوجود در صنعت اقتباس)

در وجود خود بديدم - مالک ملک منم
دسبدم ديدار دلبر - کوس سلطاني زنم
۱- رمز عشق لايزل - يار آمد يک نظر
اينما کنتم شنيده ام - سر فدا بر دلبرم
۲- هر دو عالم هُو بدانم- نيست ديگر دو سرا
دم صفاتي دوست ديدم - نور اعلي انورم
۳- دين کفر در حرب ديدم- ما شدم نزد يک او
موتوا قبل انت موتوا - قوله ما بر سرم
۴- غلام حيدر اينچ گفت- قول قرآن قُل هُو الله
آنا احمد بلا ميم - سيد آن سرورم

—

سچل سرمست رند عاشق جا طالب ۽ رند عاشق ٿي گذريا آهن. لکاپتي سيٺ جنهن جا گماشتا ۽ لکاپتي ٿي وڃن انهيءَ کروڙ پتي سيٺ کان صد بار بهتر آهي جو پنهن جا کروڙ پاڻ سون ڪٽي وڃي.

کلام کوجهي فقير (سرائڪي)
(صنعت اقتباس)

ڏل - اپنا آپ پچاڻ - الله عبد کهايا هي

الله عبد کهايا هي- عشقونءَ رنگ رچايا هي

۱- شان آدم دا ايڏا کيتس- ميڙ ملا ڏکن سجدا ڈيتس
اهو راز سمجاڻ- اندر آپ سمايا هي- جب تو سجدا آيا هي
۲- فرقہ پاتئو ن پات بنايس - کافر مومن گبر سڈايس
ايهار مز پچاڻ- کل وچ آپ بسايا هي- ناحق ملک منجهايا هي

۳- ڪعبہ ڪا شي مسجد مندر - سڀ ٿون ڦول اپني اندر
ٿون ۾ رام رحمان- دل وچ آپ ڇپايا هي- باهر ڪس نہ پايا هي
۴- "الانسان سر" بنايس - و نحن اقرب آپ الايس
شاهد آپ قران - جس وچ صاف ڏکهايا هي - ايهي رمز بتايا هي
۵- قبول محمد دولهہ دلبر- ڪوجهي دا هي راحم رهبر
ستگر سنت سجان- بشري بيڪ بنايا هي- آپ درازين آيا هي

—

ڪلام غلام اڪبر فقير (صنعت اقتباس)

ٽل - آدم سوئي الله - سر انهيءَ ڪي سمجهہ سمائا
۱- و نفخت فيہ روز ازل جي - آگي ڏني آگاه
۲- مڙي ملا ٿڪن ڪيو تهن سجدو - آٿي صدق ويساه
۳- الانسان سري و انا سره - آهي قرآن گواه
۴- و نحن اقرب وار و ايشارو - ڪر صحي داناه
۵- وفي انفسكم قول رباني - آهي پرين منجهہ پساه
۶- سير ڪرڻ لئي آيو جڳ ۾ - سخي شاهنشاه
۷- غلام اڪبر ڀالهہ سچيءَ ۾ - ڪونهي رتيءَ جو گناه

—

بدرگاه رب العالمين

ڳجهي صبوحي (صنعت اقتباس)

ڪافي

ٽل- ڪرم ڪر ڪريما - تون عاصيءَ بندي تي
ڏکي وٺ تون ڏولیا - ڏکٿهار مون ڪي

۱- ڪمائي مان ڇڳڙي — ڪڏهن ڪانہ ڪيڙي
ستر ڪر ستارا — هـــن عصيان هونـــدي

۲- گنهـــگار بسيار — مـــان نـــادم شرمسار
لطف سان لطيفا — معافـــي تون مون ڏي
۳- رکر راه خطا کان - تون وات سڻين ڏانهن
جرم کـــان جبارا — وڃ تون بـــچائي
۴- "لاتقنطوا" جـــو فرمان— ڪيئي منجهه قرآن
عفو کر غـــفارا — جرم مون ڪيا جـــي
۵- پيس تو پنـــاري — لـــڳس تنهنجي لاري
هلا ڏـــج حاميا — مـــون مردان بناکي
۶- غـــلام اڪبر عاصي — ڪري عجز آزي
سميـــعاً بصيرا — سڄ ســـوال ساري

—

درڻـــنا پير مغان

ڪافي سر جهولڻو (صنعت اقتباس)

ٽل- آيا دلبر آيا— آيا دلبر آيا
ڪري مهر مسڪينن - لڏي سار سڪائين -
قربٹون قدم گهمايا- آيا دلبر آيا
۱- ارض سما ۾ عرش فرش تي- نعرا خوب لڳايا
بر بحر ۾ دوزخ جنت - هر هنڌ حڪم هلايا- آيا دلبر آيا
۲- و نفخت والا ڏيئي ايشارا - سارا نور سمايا
مڙي ملائڪن نال ادب دي- سيس اڳيان ٽر نوايا- آيا دلبر آيا
رائي اپٹي آڪي جگر وچ - پيهر عشق جوايا
ديرا ڪرڪي وچ دراز ين— سخي نام سڏايا- آيا دلبر آيا
۴- تنهن شاهسخي-سردار سوپاري- واهجورنگ رچايا
در تهين دلدار اتاهون - فيض هزارين پايا - آيا دلبر آيا
۵- غلام اڪبر دا تهن دلبر- ڪيتا بخت سوايا
نال سخا دي دستٹون اپٹي - محبت جام پلايا- آيا دلبر آيا

—

بدرگاه رحمت‌اللعالمين
سر ڪلياڻ (صنعت اقتباس)

ٽل- هميشه حب رکم دل ۾ — محمد ميو منوز جي
پڙهم صلوات سو وارا- رسول‌الله پيغمبر جي
۱- نوراني نور زماني ۾ — ظاهر ٿيو هن جامي ۾
بشر واري بهاني ۾ — لکل آه ذات پروز جي
۲- "لولاک لما خلقت الفلاک" — فرمايو پاڻ پروز پاڪ
آئي و الضحيٰ واليل ۾ هاڪ — سڻي سردار سرور جي
۳- شفاعت جو حمايت جو — ڪندو بار قيامت جو
ٿيندو شافي امت جو— پوءِ ڪهڙي ڪاڻ محشر جي
۴- غلام اڪبر نڪو ڪو غم— شافي تنهنجو اهڙو راحم
ٿيندءِ شفقت عنايت هر — درازي شاه دلبر جي.

ڪريمڏنہ فقير (صنعت اقتباس)

(۱)

هوت تنهنجي هنج ۾ - پوءِ ڏونگر چوڏورين
و نحن اقرب اليه من حبل‌الوريد - منهن نا موڙين
قل هُو الله احدالله الصمد - چت اندر چورين
الله هُو اورين - ڪريمڏنہ قلوب ۾.

---

(۲)

وڃين چو وٽڪار جو پنڌ پري نانهن ويو
ڪوڙيون پائن ڪيچ ۾ لکو آه ڪوهيار
پر و نحن اقرب ويجهڙو- نائين نيڻ نهار
ڪريمڏنہ قلب ۾- تون ڪر ڪٽ جي ڪار
تن ۾ تند تنوار - تہ ويجهو ٿئين وصال ڪي.

هادي بخش فقير (صنعت اقتباس)

(۱)

اد بون اچي - دل ۾ دوست کيو ديرو
القلب بيت الله الاعظم - پير سليو پيرو
پورل ٿيو پير و - مونسان هادي بخش چوي.

(۲)

اوڙڻ سان الله جي - ماڻين کين الله
جيسين پر جهين پرت سان - پنهنجو ڪين پساه
من عرف نفسڪ فقد عرف ربه - آگي ڪيو آگاه
پگو شڪ شباه - جنهن سان هادي بخش چوي.

—

غلام اڪبر فقير (صنعت اقتباس)

(۱)

سبق يار سيکار — پنهنجو پاڻ سڃاڻ
و نحن اقرب و يجهڙو — اهو رکر اهڃاڻ
غلام اڪبر غير تون - اصل پاڻ نہ جاڻ
ساجن توسان ساڻ - پوءِ ڪاڏي ٽوکن ڪرين.

(۲)

سڪ سان ويهي دل ۾ — جڏهن پاتو مون ليو
و في انفسڪم افلا تبصرون - معلوم مون ٿيو
غلام اڪبر غير جو — لڙهي لاهو ويو
مرشد قرب ڪيو — جو معلوم اينا مام ٿي.

سچل سرمست جون شاعراڻيون خوبيون

صنعت اقتباس — اها صنعت آهي جنهن موجب شعر ۾ قرآن شريف جي ڪا آيت يا حديث ڏيکاري وڃي. جئن جو سرمست سائين جو شعر چئن هولين ۾ چيل آهي تنهن ڪري چئني هولين جي شعر مان چند ابيات پيش ڪيا وڃن ٿا:

پارسي

۱— "لا تحرک ذرة الا باذن الله" شنو
آشکارا تو نئي آن هرچه باشد خود خدا
۲— "و هُو معکم اينما کُنتم" شنو
از خيال ما و من خود شو بدر
۳— "انا احمد بلاميم" داني "من رآني"
"ليِ مع الله وقت" است فرمود پيغمبر
۴— گفت "الانسان سري سره" کردم يقين
اندرين عالم بنام آشکار هاي ها

—

اردو

۱- مئن يار ۽ يار هون خود — کچھ بھي نهين تفاوت
'انا معي انت معک" — ديگر ڪلام کيا هے
۲- هُو الاول هُو الاخر — هُو الظاهر هُو الباطن
يهان وهي وهان وهي — سچل کهہ تم کجا هوگا
۳- کها هے پير يُون مجهکو — نهين تم غير حق هرگز
و لا موجود إلا هُو — نقاره يهي بجاؤن گا
۴- و بي يسمع و بي يبصر — نشاني حق يهي هوتي
و بي ينطق صحي کرکے — کُلي سرّ هم سناؤن گا.

—

سرائكي

١٠ حال سارا سير جُهليا ميڈے، اُمادي مهدي والا
مئي دي مَت صحبت وچون- پُر كر ڈتُس پيالا
و-قاهم ربهم شراباً طهورًا - ئيا سُركي نال سنيالا

—

٢- شرم نہ آوي تيكون - جو آپ كيتي گم سارا
الله - الله - ڀينا آكين - ساعت كرين نہ سنيارا
من قال الله لا يعرف الله - كيتوئي بحث بي چارا

—

٣- لنگهه پوين وچ شه دي- احد احمد سهي كريـــج
من راني فقد الحق — دل تي درس دريـــج
من راني فـــقد كفر — سارا سر سڻيج

—

٤- يقين ايهوئـــي آها — ڏُتا شك سيونـــي
جو كجهه آهُس سو ول ڏيسان- تهن دا غم نہ كوئي
كل شيءٍ يرجع الىٰ اصله — رخسان عين ايهوئي

—

ہين شاعرن جو فقط هك رسالو هك ہوليءٍ ہر لكيل آهي جو آساني سان بيان كري سگهجي ٿو. هن شهنشاه جا عشق جا ڏزن كتابن جا چئن ہولين ہر لكيل آهن، تنهن كري كهڑي كتاب جو حوالو ڈيئي كهڑي جو ڈجي؟

كافي سرائكي (صنعت اقتباس)

ٹل- ہيا كوئي جاڻ محض گناه - هر كنهن صورت آپ الله
١- كتي گدا گدائي والا - كتي وت شاهنشاه
٢- دُونهان ڈيكهه متان كوئي پلي- اولي ابر ماه
٣- و نفخت فيه من روحي - اي سهي كر ساه
٤- خلق الاشياء و هو عينها - اهو قول گواه
٥- صورت وچ سچل دي ہوليں- آپ ني پروا

فقط صورت سچل جي آهي، ہولينڈ اهو پاڻ الله آهي- انهيءَ کي ڪلام الاهي الهام چئجي. من شاهنشاه عشق جي بحر بي پايان جو ڪيترو بيان ڪري ڪيترو ڪيو - قلم قاصر آهي.

سنڌي

۱- طبل وڄائج وحدت وارو — غازي ڇڏ گدائي
هيڏي هوڏي توهين آهين- ڪانهي جاءِ جدائي
آلانسان سڙيءِ و انا سره - آهين خاص خدائي
در بحر تي تنهنجو سچل - آهي سير سدائي

۲- باس اهائي باب اسانجي - غازي غير نہ آهين
خام خيال هيءَ پانهپ وارو- "لا" ۾ لاشڪ لاهين
من عرف نفسه فقد عرف ربه - ڏاهر ڪهڙا پيا ڏاهين
سچل سچ ايشارو ايهو— ڪاڏي ڪوڙا ڪاهين

۲- صورت سڀ انسان جسي - اٿي عشق اصل
خلق آدم علىٰ صورتهٖ - جزو جهڙو ڪل
آلانسان سيري و اناسره- سچ سچل پيو سل
پول نہ پي ڪنهن پل - هيتي هٿتي هڪ اٿئي

۴- سچل سارو سچ ٿيو- منجهان ڪثرت ڪل
الف مان آدم ٿيو- ڪري هنگامو هل
هندو مومن سو ٿيو - پول نہ پي ڪنهن پل
خلق الاشياء فهو عينها- ايهو آڻ عمل
ٿج گلا بي گل — مر مارنيءَ منصور جان

۵- ٿوڙ رواج ۽ رسمون ساريون - مڙد ٿئين مردانو
پاڻ بيگانو سول نہ چاڻين - آهين يار يگانو
وَ نفخت فيه من روحه - بلڪل چڏ بهانو
وهم سچل ڪيہ پانهپ سارو - شملو پڌ شهانو

—

۶- ياري يار يقيني رکجانءِ - ٿوڙي شڪ سيو ئي
جو ڪجهه هيڙين- سو ئي ٿيندين- تنهنجو غم نه ڪوئي
ڪُل شئي پر جع الیٰ اصله - مو نه هڪ سڏيو ئي
سچل سچو سچ ٿي رهندو- عشقون عين ايهو ئي.

۷- صريح چوان سان تو کي طالب- ڪجانءِ صحيح گويائي
و بي ينطق و بي يبصر - هوڙين هول هيائي
ڪل شئي ناطق بالحق - رکين سر سيائي
ستگر سچ سمجهائي سچل- واه واه ايها وائي

—

ضائع لفظي

(جنهن شعر ۾ اکر ساڳيو ساڳيو هجي)

ڪاف ڪشالا ڪيترا - ڪڏهن ڪين ڪيام
سلهاڙي سات سان - ڪٽي هوت و يام
ووڙڻ وڻ پيام - قسمت سانگي کيچ جا

—

ڪاف ڪشالا ڪيترا - جتي جال جبل
هڻ ڪيني ڪل - هارو چل هاجه ڪري

تشبيهون

آئٽي پهر آٽ — ٿو اوکهو اوکاري
ليون لاٽا لاسيون — ٿو ليڙو لوڙي
چري چڙي ڪين کي- ڪيرچڙيءِ کي چاري
پري پڙي ڪين کي - ٿو ٿوهر ٿو هاري
پوري پٽاري - سچل پٽ بدر ڪيو.

—

لفظ چري ٻي دفعا ڏ يکاريل، معنيٰ لفظن جي ڏار ڏار آهي.

صنعت ايهام

(اُها صنعت، جنهن ۾ هڪ لفظ جون ٻ معنائون هجن.)

۱- خدائي گم — خدا شد آشڪارا
آشڪار شاعر جو نالو ۽ آشڪار معنيٰ ظاهر.
۲- پير عبدالحق نمودي - رهبري از راه حق
آمده الحق- بدل و جان سهم يقين اعتبار ما
عبدالحق پير جو نالو- راه حق معنيٰ خدا جي راه.

تجنيس تام و تجنيس ناقص

شعر ۾ اهڙا لفظ آندل هجن جي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ هڪجهڙا هجن پر انهن جون معنائون جدا جدا هجن تہ انکي تجنيس تام چئبو. جيڪڏهن اعرابن ۾ تفاوت هوندو تہ انکي تجنيس ناقص چئبو.

تجنيس تام

مون جاليو ساڻ جن — موڻي تن نہ پڇيو
حال هن جون خبران — پيون هوندن ڪن
پکا پانَور ڪنڊئين — توڙهنيا تن
ڏيان ڏوراپو ڪن- جو سنگهارئي ساڻيهڙيا.

ڪَنِ معنيٰ ڪَنَ تي پيل - ڪَنِ معنيٰ ڪنهنکي- اچار ساڳيو معنائون ٻ.

تجنيس ناقص

۱- دعا ڪريو مون دل سان شل ڪيڇ وسي ٽي ڪيڇ
ڪيڇ معنيٰ ڪيڇ ملڪ ۽ ڪيڇ معنيٰ وڏي ۽ وسي.
۲- هڪ جوءَ پي جوءَ مرد نہ چڏن مينڊ را
جوءَ معنيٰ زال، جُوءَ معنيٰ زمين.
۳- ڪا وَر ڪيو ورِ — آهيان ولهي ويچار و
ورَ معنيٰ ڪانڊ ورِ معنيٰ مدد

صنعت تضاد

شعر ۾ اهڙا ۽ لفظ هجن جن مان هڪ جي معني ٻي جي ابتڙ هجي

راشي ۽ ڪاشي ــ صورت ساڳي سڄڻين
سورت هي٤ محبوب جي ــ نهمي فهماشي
موتي مڙهيل مڪڙين ــ چئ قراني حاشي
ڪعبم ۽ ڪاشي ــ منزلون محبوب جون.

تجنيس قطار البعرين

هن ۾ پهرين تڪ جو ڦوڏون اکر ٻي تڪ جي اول ۾ اچي

راه رندي ملحدي دريـــافتم از راه گم
گم شدم ازگم شدن ــ بيغم شدم اي پارسا (آشڪار)

تجنيس سوال جواب

هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا- "منڊ دي پيالي پيوين"
آکيم اينوين سائين - اينوين

۱- آکيس ' آپ سڃاڻ ٻاجهون - همدم مول نہ ٽيوين "
آکيم اينوين سائين - اينوين

۲- "اپڻي ذات لڪا اِٽ ٻڌين- تيڏا مطلب ٽيسي ڪيوين؟
آکيم اينوين سائين - اينوين

۳- "موتوا قبل انت موتوا- منڊي پچاڻـــون جيوين "
آکيم اينوين سائين- اينوين

۴- آکيس "ماريا حلاج نغار، سڄل تون ٻي مارين اينوين"
آکيم ، اينوين سائين- اينوين.

--

سبحان الله ! اهڑو ڪلام جنهن سچل شاهنشاه قادر الڪلام جو ڪم آهي، پي جو اهڙو ڪلام شايد نه هجي.

تجنيس سوال جواب

هيءَ تجنيس پي ڪنهن پر رسالي ۾ نه لڌي.
يڪ روز مرا يار بگفت ڪ ڪجائي - گفتم بتو مستم
گفتا بہ هم عمر بگو در چہ هوائي - گفتم بتو مستم
(آشڪار)

صنعت مذهبي ڪلام

جنهن شعر ۾ ڪا دعويٰ ڪئي وڃي ۽ ان کي ڪنهن دليل سان ثابت ڪيو وڃي.

۱- سچل سارو سچ ٿيو - منجهان ڪثرت ڪل
خلق الاشيا فنهو عينها - ايهو آڻ عمل
ٿيج گلابي گل - سَرُ مارئي منصور جيان.

۲- حق الحق ايهو ئي آهي - تو جنهن غير ٿي چاتو
عرفت ربي ٻرٻي - پاڻان پاڻ سڃاتو
ڪُلي ڪَل انهيءَ کي پيڙي - پير ايڏانهن جن پاتو

تون ئي مالڪ ملڪ جو - ٻانهون پاڻ ۾ پاڻ
لا خير في عبيدي - اهو ائٽي اهجاڻ

خلق الانسان علىٰ صورتهہ - چول ايهو ئي چاڻين
مان تون صورت ساڳي سچل - جي تون پاڻ پچاڻين!

سرمست جو سارو رسالو انهيءَ صنعت سان سينگاريل آهي- سندس ڪلام اللهي الهام ۾ انهيءَ قسم جا ايترا تہ انيڪ ۽ اڪيچار ، بي حد ۽ بي شمار محاورا استعمال ڪيل آهن جن‌جو بيان عيان ڪري نٿو سگهجي. ايترين پـولين ۾ ايڏو ڪلام چوڻ سرمست روز الست جـهڙي قادرالڪلام جو ڪم آهي . مطلب تہ سندس هر هڪ بيت ادبي شاهڪار آهي -

ڪئي خسان دانند اين اشعارها (آشڪار)

جنن ڪي انهيءَ شعر جي ڪهڙي خبر پوندي؟
ڪُلي ڪَل انهيءَ ڪي پيڙي- پير ايڏانهن جن پاتو (سچل)

تجنيس زاعد

پنهي هم آواز لفظن مان هڪ لفظ جي اڪيان هڪ لفظ وڌ ٻڌ هجي -

سدا سامهڙن جو دمـامن سان دم
اد يسي **عدم**- ٿيا نالي اندر ناٿ جي.
جنن دم ، عدم.

تجنيس مرڪب

از ماؤ مني تو دست **بردار** بي خود شو پس **بردار**
(آشڪار)

تجنيس ردالبحر علي الصدر

آب مي جويم - غرق باشم در **آب**
مان ۾ آهين تون - تو ۾ آهيان **مان**
بجلي بادل سان - آهي جنن سپرين.

هن تجنيس ۾ پهريون ۽ پويون اکر ساڳيو هجي جنن آ ۽ مان -

فرد

یار ما باشد یکي از صد هزار
عارف و عاشق بود نامش عطار (آشکار)

رباعي

ساقیا بر خیز در مجلس در آ
تو بهار آمد کني فرصت چرا
در پیالي جام گلگون بخش
در چنین موسوم کہ خوش آید مرا (آشکار)

مستزاد

آن راز نهان از لب منصور عیان شد- برزند سر دار
این نعره شنیده هم عالم بگمان شد- لیکن بود خود یار
(آشکار)

مسدس

ارادتمند آن پیر مغانم- بجز پیر مغان دیگر نہ دانم
منور از درش دل چشم جانم- شکر الله کہ در بیت‌الامانم
(آشکار)

اعجاز بیاني انهيءَ کي سڏي سگهجي ٿو-

سچل سر مست جو فلسفہ

سچل سرمست جو فلسفہ آهي پاڻ سچائي ۽ پنهنجي اصليت ۽ وحدت جو اسرار اظهر ۽ عيان ڪرڻ، جئن حضرت امام‌العاشقين مرتضيٰ علي مظهرالعجائب جو زرين قول آهي تہ :-

من عرف نفسه فقد عرف ربه

معني : جنهن پاڻ سڃاتو تنهن تحقيق پنهنجي رب کي سڃاتو -

سرتاج‌الشعرا جو شعر آهي تہ:-

پاڻ پنهنجو پاڻهي- صورت منجهہ سچاڻ
الله الله چو چوين- پاڻ ئي الله جاڻ
توئين ٻڌندڙ توئين ڏسندڙ- شاهد آه قرآن
ناهي شڪ گمان:- سچل سائين هيڪڙو.

قرآن شريف ۾ فرمايل آهي:

۱- و في انفسكم افلا تبصرون- مان اوهانجي نفس ۾ آهيان مگر اوهان ڏسي نٿا سگهو-

۲- و هڏو معكم اينما كنتم- هو اوهان سان آهي جتي ب اوهان هجو-

۳- فاينما تولوا فثم وجه الله- جيڏانهن منهن كندو اتي آهي رخ الله جو-

سرمست سائين جو قول آهي:

هر آنک اصل خود را مي شناسد- شود آگاه از اين معما

جيڪو پنهنجي اصل کي سڃاڻندو سو انهيءَ مام منجهان واقف ٿيندو-

چيستم من نيستم پنهان و عيان باشد خدا
غرق در دريا حيرت ما شمائے ميكنم

مان چا آهيان مان ڪجهہ ب نہ آهيان. ظاهر باطن خدا آهي. حيرت جي درياه ۾ غرق آهيان جو مان ۽ تون ويڙو ٿو ڪريان. اگر خود را خدا داني خدائي- و گر خود را گدا داني گدائي جيڪڏهن تون پاڻکي خدا سمجهين تہ خدا آهين، جيڪڏهن پاڻکي گدا سمجهين تہ گدا آهين-

آهيان آءٌ اسرار- پينر مونکي ڪير ٿيون پانيو؟
نوري ناري ناهيان- آهيان رب جبار
مرشد ٻانهو نا چيو- سچل تون سردار.

ساڳيءَ طرح بيدل بادشاه جو قول آهي :

آهيان آءٌ اسرار - عالم ليکي آدمي
بيدل بندو نانهن تون - آڻج ايهو اعتبار
بيدل چوڙ حيواني هستي - حال حلاج جي ماڻج مستي
مرد سوئي مردان - جوئي اپنا آپ سڃاڻي -

سرمست سائين ديوان آشکار ۾ فرمايو آهي ته :-

اي دلا هرگز مشو تو بيخبر - خود را شناس
بگذري زين غافلي هم سر بسر - خود را شناس
بيقدر خود را نمودي - خويشتن را فهم کن
غير حق تو نيستي عاليقدر - خود را شناس

معنيٰ : اي دل تون هرگز بيخبر نه ٿيءُ - پاڻکي سڃاڻ
هن غفلت مان بلکل آزاد ٿيءُ - پاڻکي سڃاڻ
پاڻکي بيقدر کيو اٿئي - پنهنجي حق ۾ غور ڪر
تون غير ناهين (تون الله آهين) پاڻکي وڏي شان وارو سمجهه .

پي هنڌ فرمايو آٿس :

خويش را بشناس - در گل گوهر است
ماه پنهان کئے شود - زير غلاف
پاڻکي سڃاڻ جو ٿيءُ ۾ لعل لکل آهي ،
پڙدي ۾ چند ڪٿن لکندو ؟

تشريح فلسفه سچل سرمست

حضرت انسان جو اشرف المخلوقات جي مخصوص ۽ يگانه خلعت سان سرفراز ٿيل آهي جنهنکي عشق جي امانت عطا ٿيل آهي ۽ جنهنکي ملائڪن ۾ سجدو ڪيو، جا صفت فقط ذات پاڪ لاءِ مخصوص آهي ، سو جيڪڏهن ايڏي اعليٰ ترين رتبه ۽ شرف جو قدر نٿو ڄاڻي ته ايها سندس خالق اڪبر جي عنايت جي وڏي ۾ وڏي بي شڪري آهي. الله تبارڪ

و تعالیٰ جڏهن حضرت آدم کي پيدا ڪيو تہ فرمايو "و نفخت فيہ من روحه" يعني مان پنهنجو روح هن (آدم) ۾ ڦوڪيائڻو ۽ ملائڪن کي حڪم ڪيو تہ هنکي سجدو ڪيو. ايهو سجدو فقط الله پاڪ جي ذات پاڪ کي جڳائي. انسان کي سجدو ڪرڻ عظيم گناه آهي ليڪن خالق اڪبر ايهو اعليٰ شرف حضرت انسان تي عطا فرمايو تہ هو پنهنجي اصليت کي سڃاڻي ترقيءَ جي بام عروج تي پهچي سگهي ۽ پاڻ جسم جي اولي ۾ سمائجي ويو ۽ انهيءَ منيءَ جي پتلي جو حقيقي حاڪم پاڻ ٻڌجي ويو ۽ هنکي پنهنجن اسرارن سان معمور ۽ مخمور ٻڌائي چڏيو. جنهن منجهان ظاهر آهي تہ انهيءَ خاڪي پتلي تي ڪا بي طاقت آهي جا حڪومت ٿي ڪري. آها نہ فقط خاڪي جسم تي بلڪ ساري ڪائنات تي قادر ۽ ڪارفرما آهي. انهيءَ راز کي سرمست سائين هيئين موجب نروار ڪري ڏيکاريو آهي.

پول نہ پي ڪنهن پل - تون تان آدم ناهين
لکو ٿولاتيون ڪري - جئن باغ اندر بلبل
ڪير ٽپائي ڪير ڪڏائي - شاه بنا دلدل
ملکن ٿي سجدا ڪيا - واه منيءَ تنهنجو ملهه
احد منجهان ٿو عبد سڏائي - آهي پاڻ اصل
سچل چوي سچ ائين ٿي - ڪونهي تنهنجو تل.

سرمست سائين اهو راز ظاهر ڪري ٻڌائي ٿو تہ تون احد آهين عبد ناهين. جئن لفظن منجهان جدا جدا شڪليون ٺهن ٿيون ۽ جئن سون منجهان جدا جدا زيور ٺهن ٿا تيئن انسان خدا جو مظهر ٻڌجي عشق جي غلبہ کان جدا جدا صورت ۽ نالو اختيار ڪري ٿو. سون منجهان زيورن ٺاهڻ ڪري سون جي اصليت بدلجي نہ ويندي مگر جي ڪڏهن زيور کي ڪوٽاريءَ تي چاڙهبو تہ ساڳيو سون تي پوندو ۽ زيور

جو نالو ۽ شڪل گم ٿي ويندي تيئن انسان کي جي ڪڏهن عشق جي ڪوٽاريءَ تي چاڙهيو تہ ساڳي ذات ٿي پوندو.

العشق ناراً يحرق كل شيٍ ماسوى الله

معنيٰ — عشق باھ آھي ساڙي ٿي سڀ ڪنهن شيءَ کي سواءِ ذات الله جي. يعني عشق حقيقي جي وسيلي انسان منجهان سڀ غير نڪري ويندو. فقط الله جي ذات پاڪ رهندي ۽ عبد منجهان احد ٿي پوندو. سرمست سائين ڪهڙي نہ ناهيد نموني ۽ اهو راز اظهار ڪيو آهي.

ذات پاکش مثل آتش اي پسر
چو نکو هيزم سوخت آتش بماند
عالم اين مانند هيزم خشک تر
پس صفات از عشق سو زد ذات ماند

معنيٰ: ذات پاڪ مثل باھ جي آهي. جڏهن ڪاٺي ساڙي وڃي ٿي تہ فقط وڃي باھ ٿي بچي- هيءَ عالم (صفات) خشڪ تر ڪاٺيءَ مثل آهي پوءِ جڏهن صفات کي عشق ساڙي ٿو تڏهن باقي وڃي ذات ٿي بچي- سبحان‌الله.

مان چا آهيان؟ موجودات چا آهي، جڏهن انهيءَ کي ڳولهي لهبو ۽ جڏهن انهيءَ جي جستجو ڪبي تڏهن سارو پتو پوندو ۽ توحيد ۽ معرفت جو راز اظهار ۽ عيان ٿيندو. محبوب حقيقيءَ کي ڳولهي لهڻ جو راز سرمست سائين هنطرح سمجهائي ٿو:

١- مڻ تہ ڪوني خيال آهيان- ليسان نال خيال دي
سچل سچ الينڈا ظاهر — الا ڪساڻ قتال دي

٢- جاڳڻ آهي جنجال — ننڊ تہ آهي ناز پرين جو
سمجهي ڪو سچيڙ نہ چوي — هيءَ هادي‌ءَ وارو حال
جي خاصو رکيڻ خيال — نہ سمهڻ مان ٿي سڏ پوئي.

سبحان‌الله! سرمست سائين آخرين پرد و به لاهي محبوب کي بي نقاب ڪري چڏ ٻو. سرمست کان اڳي اهو پرد و ڪوبه لاهي نه سگهيو آهي. هن منجهان بخوبي ظاهر آهي ذات پاڪ خيال آهي ۽ انهيءَ کي لهي به خيال سان سگهبو. ساري ڪائنات فقط خيال تي حاوي آهي ۽ خيال ئي ڪارفرما آهي. ساري مظهر ۾ ٽرٽلو خيال جو آهي - خيال کي انتها کانهي. نند ۾، بيداريءَ ۾، اڻندي ويهندي سڀلب، ته هر حالت ۾ خيال جو بحر بي پايان روان آهي. سيمئي ڪرشما ۽ ڪارناما خيال جا ئي آهن جو سدا موجود آهي. ان کي ڳولهي لهڻ جو وسيلو عشق آهي جنهن جي طلاطم کان ذات پاڪ موجودات کي ظهور ۾ آندو. ذات پاڪ پنهنجي محبوب مدني صلي‌الله عليہ وسلم جي عشق اطهر جي غلبہ کان و لولاک لما خلقت الفلاک، فرمائي هن ڪائنات کي اظهر ۽ عيان ڪيو. تنهن ڪري انهيءَ ذات پاڪ جي موجودگي کانسواءِ ٻي ڪا هستي سمجهڻ شرڪ آهي ۽ "وحده لاشريک له" کان انڪار جي برابر آهي، جو ڪفر آهي. سرمست جو شعر آهي ته:

ماڻ ڪيان ته مشرڪ ٿيان - ڪچان ته ڪافر
انهيءَ وائي ور — سمجهي ڪو سچيڙ نه چئي.

معنيٰ — جي ڪڏهن مان ماڻ ڏو ڪريان يعني پاڻ کي الله نڏو سڏايان يعني الله ٻيو ۽ مان ٻيو ته اهو شرڪ آهي چاڪاڻ ته هن سنسار ۾ فقط الله جي ذات آهي پر جيڪڏهن ڪچان ته مان الله آهيان ته خلق مون کي ڪافر ٿي سڏي- انهيءَ ڳالهه جي وڪڙ کي سچل ڏو چوي ته کو سمجهندو.

پي هنڌ فرمايل آهي:

هُو الاول ، هُو الاخر - هُو الظاهر هُو الباطن
يهان وهي وهان وهي — سچل کهه تم کجا هوگا.

—

تون ئي مالڪ ملڪ جو — بانهون پاڻءَ مَ پاڻ
لا خير في عبيدي — ايهوئـــي آهجاڻ
صورت منجهه ســـجاڻ -- پاڻ پنهنجو پاڻ ڪ،

—

لاخير في عبيدي معنيٰ- بانهي منجهان خير نہ ٿيندو.

—

آهيان آءٌ اسرار — سرتيون سونڪي ڪير ٿيون پانيون
نوري ناري آهيان — آهيان رب جبار
مرشد بانهونا چيو — سچل تون سرداره

انهيءَ توحيد ۽ معرفت جي پيچيده نقطي جي سمجهڻ لاءِ سرمست سائين هر خاص و عام کي خلوص دل سان دعوت ڏني آهي:

گر بگوئي ميشوم واقف از اين اسرار راز
پس توکن با صدق دل - روئي بسوئي شه دراز

جي ڪڏهن تون چاهين تہ مان انهيءَ راز منجهان واقف ٿيان تہ پوءِ سچيءَ دل سان شاه دراز جي طرف هليو اچ.

—

دوڙ دراز ين منصب پاوين- پياوت ڪيها پنڌ پچاوين!
(نانڪ يوسف)

ڪلام سر ڪوهياري

آءٌ اچي تون پَسُ - هيڪر شاه دراز ميان
۱- پُڇجهي نانءَ سخيءَ جو - هر هنڌ گهڻين گس ميان
منجهه ساڻ عشق ۽ - آهي سچي کان سڀ

۲- ڏسڻ سان ئي سخيءَ جي - لهي قطب تان ڪس ميان
ڪعبه منهن محبوب جو - مڪ تنهنجو درس
۳- آيو جيڪو لوڙهي اندر - ڪٽيو تنهن جڻ جس ميان
توڙي هجي ڪو بخت او - ميٽي چڏي آها مس
۴- غلام اڪبر غريب هيءَ - ڏنو توکي ڏس ميان
پائي مرادون من جون - ويڙو جڳ ۾ هس

سچل سرمست جو مماتيءَ ۾ بيدل سائين ڏي عشق جو فيض

ذڪر آيل آهي ته حضرت سخي قبول محمد دوم جي آغاز جوانيءَ جي وقت بيدل سائين هر روز اڏ رات مهل روهڙي کان سرمست سائين جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪرڻ ايندو هو. جنُن جو روضه مبارڪ کي رات مهل ڪلف لڳو پيو هوندو هو تنهن ڪري هو اچي ڪلف کي هٽ لائيندو هو ته ڪلف لهي پوندو هو ۽ پوءِ اندر وڃي زيارت ڪري وري ساڳي طرح ڪلف بند ڪري باهر ايندو هو. پوءِ درگاه شريف جي مٿي پري واپس روهڙيءَ پرواز ڪري هليو ويندو هو. هڪ ڏينهن سائين سخي قبول محمد دوم روضي مبارڪ جي ڪنجي ٻردار عشق علي فقير کي گهرائي فرمايو ته رات جو اڏ رات مهل روزانه هڪڙو چور ايندو آهي ۽ تون اُنجي خبر نڏو رکين. فقير عرض ڪيو ته قبلہ چور ته ڪو ڪونه ٿو اچي مگر هڪڙو منڊڙو فقير سو برابر اچي ٿو جو مٿي پري روضي مبارڪ جي زيارت ڪري هليو ويندو آهي. سخي صاحب فرمايو ته ابا، چور ايهو ئي. ڏينهن جي انهيءَ گفتگو بعد حسب دستور بيدل سائين رات جو اچي ڪلف کي هٽ لاتو مگر ڪلف نه ڪليو هن سمجهو ته اڄ سرمست سائين روضي مبارڪ ۾ ڪونه آهي ۽ باهر ڪيڏانهن سير ڪرڻ لاءِ نڪتو آهي تنهن ڪري موٽڻ لڳو ته روضي مبارڪ ۾ طور سڏنا جي وچ تي سائين سخي بادشاه منهن ۾

ملي ويس. سائين سخي صاحب کيس فرمايو ته اڄ اسان اوهانجي چوري پکڙي آهي. فقير صاحب دست بسته ٿي بيهي رهيو جنهن تي پاڻ کيس فرمايائون ته هينئر روزانه اچڻ جي تکليف اوهان تي معاف ڪجي ٿي ۽ اڳتي اوهان نه ايندا ڪريو اوهان کي گهر ويٺي فيض عطا ڪيو ويندو. فقير صاحب پنهنجي محبوب قاضي پير محمد جي گهر جي پاهران ٽهيل هڪ حجري ۾ رهندو هو. هڪ جمع رات اڌ رات ٽهل جڏن جو فقير صاحب پنهنجي عبادت ۾ مشغول هو ته ڏسي ته حجري جي چت ڦاٽي پيئي ۽ اتان هڪ هندورو لهي آيو جنهن ۾ هڪ نوراني صورت ويٺل هئي مگر ان ۾ ايترو ته تاڻ ۽ تجلي هو جو اڃجي شعاع کان فقير صاحب اکر کولي نٿي سگهيو ۽ اکين کي هٿ ڏيئي بيهي رهيو ۽ عرض ڪيو ته قبلہ عالم ڪجهه برداشت ڪرڻ جي طاقت ۾ عطا فرمايو جيئن آساني سان زيارت ڪري سگهان. تنهن بعد سرمست سائين بيدل بادشاه تي عشق الهيءَ جو فيض عطا فرمايو ۽ بعد ۾ هندورو جڏن آيو هيو اهڙي طرح هليو ويو ۽ چت چت سان ملي ويئي. انهيءَ فيض عشق جي عطا ٿيڻ بعد بيدل سائين هيئيون ڪلام چوڻ فرمايو آهي:

ڪلام

عشق جو شاهه درازن ۾- عجب اسرار هو
مست سالڪ مرسچل- عارف اتي اظهار هو
برهه جي برسات جو- تنهن ويرتي وسڪار هو
ظاهر و باطن تنهين وٽ- درد جو ڏڪار هو
وجد وحدت جو سدا- خاصو تهين وٽ خمار هو
مرد سو منصور وانگر- عشق جو اوتار هو
منجهه سخن تنهن جي- الوهيت سندو آثار هو
جنگ جذبي جوش مستي- ۾ مثل عطار هو

پنهنجي راڻي سان پرين- نوي وره نروار هو
پوءِ وصل جي موج ماڻي- ذوق کان ذڪار هو
طور هارهن سو هائيتاليهن ۾ تيار هو
چوڏهين رمضان جي- هادي پون هسوار هو
قرب دارن جي ڪٽڪ ۾- مرد منصب دار هو
در تهين داتا جي بيدل- پرت جو پينار هو.

—

قابل توجه تردید

"سچل سرمست" ڪيترب ۾ ڪنهن اديب صاحب اٽڪل ڪيترائين حقيقتون ڏيڪاريون آهن جي سلسلہ وار درست ڪري ڏيکاريون وڃن ٿيون.

متين ڪتاب ۾ اديب صاحب ڏيکاريو آهي ته "جون ٿا ته جڏهن سچل ننڍو هو تڏهن شاه پٽائي اڇي درازن کان نڪتو ۽ ميان صاحبڏنو وٽ مقيم ٿيو ۽ سچل کي ڏسي فرمايو هوائون ته جا اسان ڪٽني چاڙهي آهي تنهن جو ڏڪ ايهو چوڪرو لاهيندو." هي۽ واقع جلال الدين رومي جي واقع سان مشابهت ٿو رکي. مولانا رومي جي سوانح نگارن لکيو آهي ته جڏهن سندس والد مولانا بهاوالدين "ري" جي شهر مان نيشاپور هٻتو تڏهن خواجہ فريد الدين سان چار چشمي ڪرڻ لاءِ خانگاه ۾ آيو. خواجہ عطار، رومي کي گهري نگاه سان ڏٺو جو انوقت مشڪل ستن سالن جو هيو. ڪيس ڏسي چيائون ته هڪ ڏينهن هي۽ چوڪرو الاهي اسرار ظاهر ڪندو ۽ ڪيس پنهنجي تصنيفن منجهان هڪ ڪتاب عطا فرمايو. مولانا رومي ۽ سچل متعلق هي۽ واقعو وڏي اهميت ٿا رکن- انهي۽ ۾ ڪو شڪ ناهي ته "بزرگن جي دعائن پنهنجو تاثير ڏيکاريو ۽ ٻڌي تصوف جي آسمان تي سچ ۽ چنڊ ٿي چمڪيا."

افسوس آهي جو اديب صاحب پيشمگوئيءَ ۽ دعا جي وچ امتياز ڪري نه سگهيو آهي ته پيشنگوئي جي معنيٰ ڇا آهي؟ ۽ دعا جي معنيٰ ڇا آهي؟ تنهن ڪري اديب صاحب جي رهبري لاءِ هيٺ چند مثال پيش ڪجن ٿا، جنهن منجهان پنهي لفظن جون معنائون واضح ٿيندیون :

(الف) حضرت رسول الله صلي الله عليه و سلم جن جي سوانح نگارن لکيو آهي ته هڪ ڏينهن سرور ڪائنات فخر موجودات صلي الله عليه و سلم جن هارهن ورهن جي عمر ۾ پنهنجي چاچي ابوطالب سان شام ملڪ جي طرف واپار سانگي روانه ٿيا. اتي هڪ عيسائي راهب (پادري) سان سندن ملڻ ٿيو جنهن جو نالو بحيرا هيو. راهب حضور انور صلي الله عليه و سلم جن جي رخ انور ڏانهن گهور سان نگاه ڪري چيو ته "هن ننڍڙ جي نراڙ ۾ نبوت جو نور ٿو چمڪي، هيءَ هڪ ڏينهن نبي ٿيندو." انهيءَ پيشنگوئي جي حالت ۾ اٿين چئي سگهيو چا ته راهب جي دعا پنهنجو تاثير ڏيکاريو ته هو نبوت جي درجي کي وڃي پهتو؟ حضور رسول مقبول صلي الله عليه و سلم جن کنهن دعا يا پيشنگوئي جا محتاج هيا ڇا؟

(ب) حضرت غوث‌الحق مخدوم نوح عليه رحمة جو حضرت ابوبکر صديق رضي‌الله عنه جي پشت منجهان آهي، تنهن جي ولادت باسعادت بابت ان وقت جي ڪيترن خدا پرست درويشن پيشنگو يون ڪيون هيون. جو فقير چاڪي جو ٽوڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو تنهن جو چاچو هڪ سو و رهين کان وڏي عمر جو مجذوب فقير هوندو هيو سو جڏهن ۾ شهر ۾ ايندو هو تڏهن ڪهڙين ۾ بازارين ۾ عام چوندو وتندو هو ته هن شهر ۾ جلدي زماني جو غوث ۽ خدا جي خلق کي فيض بخشيندڙ بزرگ پيدا ٿيڻو آهي. حضرت مخدوم نعمت الله (حضرت نوح جو والد بزرگوار) جڏهن ۲۰ ورهين جي عمر جو هيو ۽ اڃان شادي ڪانه ڪئي

هنيائين تڏهين هڪ ڏينهن اتفاقاً انهيءَ چاڪيءَ فقير جي دائره وٽان اچي لانگهائو ٿيو. مجذوب فقير ڊوڙي اچي مخدوم صاحب سان مليو ۽ کيس پنهنجي دائره ۾ قدم مبارڪ گهمائڻ لاءِ وٺي آيو. مخدوم صاحب دائره ۾ تشريف فرمائي ته مجذوب فقير گوڏا کوڙي باادب سندس سامهون ٽي ويٺو. ايندڙ غوث جو نور جو مخدوم صاحب جي پيشانيءَ تي ٽي چمڪيو تنهن کي ڏسي بهار بهار پي ٿيو. هن مخدوم صاحب کي عرض ڪيو ته اهو نور جو اوهان جي پيشاني تي چمڪي ٿو سو جلد ظاهر ٿيندو ۽ ملڪ کي مهتاب منور وانگر روشن ڪندو جنهن جي سر چشم مان ڪيئي فيضور ٿيندا.

ساڳي طرح شيخ پرکيو ڪاتيار جو، مخدوم نعمت‌الله جي ڏينهن ۾ وڏو ڪامل درويش هوندو هيو سو پڻ عام و خاص ماڻهن کي ٻڌائيندو هو ته مخدوم نعمت‌الله کي هڪ فرزند تولد ٿيندو جنهن جو نالو لطف‌الله هوندو جنهن کي حق تعالىٰ جو دائمي ديدار حاصل هوندو.

آخر مخدوم صاحب کي اهو سعادتمند فرزند ارجمند تولد ٿيو جنهن جي ڪمالیت جون پيشنگوئيون اڳ ٽيل هيون. مخدوم صاحب انهيءَ نيڪ بخت نينگر جو نالو لطف‌الله رکيو. مگر پوءِ اهو نالو لطف‌الله منجهان مٽجي نوح مشهور ٿيو. تنهن بابت پاڻ وڏي هوندي پنهنجن فقيرن جي مجلس ۾ فرمائيندا: هوا ته الله تعالىٰ اسان جو نالو نوح رکيو آهي. شمس‌العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب پنهن جي تصنيفات ۾ لکڻ فرمايو آهي ته مخدوم صاحب فرمائيندو هو ته اسان جي ڏاڏي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اسان جي پاڻهن وٽي حضرت رسول مقبول صلي‌الله عليه وسلم کي ڏني هئي ته هيءَ اسان جي اولاد اوهان ڏي پرتي اٿو.

چا اهو به بزرگن جي دعائن جو تاثير هو؟ بزرگن ته پنهن جي علم موجب جيڪي ڏٺو تنهن جي پيشنگوئي ظاهر ڪيائون ورنه مخدوم صاحب ته ڪنهن پيشنگوئي جو به محتاج نه هو.

(ج) سيد محمد ٹلوي لاءِ شيخ عيسيٰ لنگوٹي ۽ ڪن ٻين اوليائن پيشنگوئي ڪئي هئي تہ سيد احمد ڪي هڪ فرزند تولد ٿيندو جو صاحب ولايت هوندو. جڏهن سيد محمد حسن تولد ٿيو تڏهن هن اکيون نٿي کوليون مگر جڏهن شيخ عيسيٰ آيو تڏهن هن نينگر اکيون کولي پهريان شيخ عيسيٰ کي ڏٺو. شيخ فرمايو تہ الحمدلله جنهن جي مريد ٿيڻ جي مون کي خواهش هئي سو مرد مجاهد هن دنيا ۾ اچي ويو. سيد محمد حسين جي تولد جي ٽن ڏينهن کان پوءِ شيخ عيسيٰ رحلت ڪئي.

چا! ايهو ۽ بزرگن جي دعائن جو تاثير هو؟

(د) قرآن پاڪ ۾ ذڪر آيل آهن تہ حضرت يوسف عليہ السلام کي قيد خانہ ۾ بند ڪيو ويو هو تڏهن اتي ٻن قيدين هن کي پنهن جو خواب پڌائي خواب جو تعبير پڇيو. هڪ لاءِ هن فرمايو تہ هواوج کي رسندو پي لاءِ فرمايو تہ هو قتل ڪيو ويندو. آخر ٿيو ۽ ائين جيئن تعبير ڪيو ويو هيو. انهيءَ مان ائين ثابت ٿئي ٿو چا تہ هڪ تي حضرت يوسف عليہ السلام جي دعا تاثير پيدا ڪيو ۽ پي تي بد دعا تاثير ڏيکاريو؟ هن تہ فقط خواب جو تعبير پڌايو جو سچو ثابت ٿيو.

آن جي برعڪس "ڊڪ لاهن" واريءَ ٻيشنگوئي مان اها معنيٰ بيشڪ ڪڍي سگهجي ٿي تہ جو ڪم ٻيو ڪو پاڻ تڪميل تي پهچائي نہ سگهيو، تنهن کي هن مرد مجاهد سر انجام ڪري ڏيکاريو.

قرآن پاڪ ۾ فرمايل آهي تہ:

ذالڪ فضل الله يوتيه من يشاءُ

يعنيٰ - هيءَ الله جو فضل آهي جنهن کي وٺيس تنهن تي عطا ڪري. سرمد جو قول آهي:

"اين دولت سرمد هم کس را ندهند"

معنيٰ - اي سرمد اها ولايت هر ڪنهن کي نه ملندي آهي. هيءَ الله پاڪ جي جذبہ جلال مان هڪ پاڪ ۽ خاص نعمت آهي جا فقط حال وارن عاشقن ۽ عارفن تي نازل ٿيندي آهي. هيءَ هڪ عجيب معما آهي جو مرد مجاهد، رند عاشق سر جو سانگو لاهي الله جي پوشيده اسرارن جو ڏڪ لاهيندا آهن.

—

ڏڪ لاهڻ هرهڪ جو ڪم نه آهي. سچل سرمست جو قول آهي:

سچل سچ الينداظاهر - الا ڪاڻ قتال دي

معنيٰ - سچل اهو سچ فقط قتل ٿيڻ لاءِ ظاهر ڪري ٿو.

پي هنڙ سندس فرمان آهي ته:

ناهين ميسّر سَلڪن - ايها امانت عشق جي

پي هنڙ سندس فرمان آهي:

مرد ٿيئن منصور چَوَ - نت ڪير چَوَ منصور هان
منصور جي آت سر متان . ڏاڍا تماشا تهمتان

د يوان آشڪار ۾ فرمايل آهي:

آشکارا این مقامی نیست حاصل غیر را
تا نداننند عین را - غین اندر حسرت اند

معنيٰ - اهو درجو عام کي حاصل نه آهي. هو عين کي نٿا سڃاڻن يعنيٰ پاڻ کي الله نٿا سمجهن، انهيءَ ڪري "غ" ۾ غلطان آهن يعني هو دوئيءَ واري درجه ۾ داخل آهن جو الله کي پيو ٿا سمجهن ۽ پاڻ کي پيو ٿا سمجهن.

—

ادبون آدم ناهيان - فلڪ نه افلاڪن
خالبون اچي اوچتي - خلّل وڏو خلقن
ناهين ميسّر سَلڪن - ايها امانت عشق جي.

(سچل)

عاشق انالحق - آکيو پيو آکيم
هادي ع عبدالحق - حرف هدايت هي ع چيو
(سچل)

—

در ولايت جسم و جان - بادشاهی ميکنم
بادشاهی چيست- ليکن خود خودائی ميکنم.
(آشکار)

—

معنيٰ - جسم ۽ جان جي ولايت تي مان بادشاهي ٿو ڪريان. بادشاهي ڪهڙي چيز آهي؟ مگر مان خود خدائي ٿو ڪريان.

—

در راه آنهما سَنَ پا اي زاهدا - کوئی عشاقان بود پرخارها
(آشکار)

—

معنيٰ - انهيءَ راه ۾ اي زاهد پير ڦ رک ، جو عاشقن جي گلي ڪنڊن سان ڀريل آهي.

—

آن کس ڪ شناخت خويشتن را - دانی ڪ يافت ذ والمنن را
د رياب خيال آشکارا - آرائی برار آن رُسن را

—

معنيٰ - آهو ماڻهو جو پاڻ کي سچائي ٿو ،
سمجهه تہ الله ۾ آن کي ملندو .
اي آشکار تون انهيءَ خيال کي سمجهه
۽ انهيءَ ناتي کي سينگاري رکه.

—

اسان جي روهڑيءَ جي رند عاشق بيدل بادشاه جو قول آهي تہ:

جوئي بار آسمان نہ چايا— سوئي سر تي چايوسين.

—

منصوري منصب ڀاجهون— اس رستي ۾ آوي ڪونہ.
يعني: عاشقي رستي ۾ اُهو ايندو جو منصوري دم هڻندو، يعني پاڻ کي الله سڏائيندو.

—

مار نقارا انا الحق دا— حق دي ذات ڪري اثبات
بيدل مار هٻاوين هستي— ماڻ ڇڄي منصوري مستي
پيڪر عشق دا آب حيات

تردید نمبر۲

ساڳي ڪتاب ۾ ساڳي اديب صاحب لکيو آهي تہ:
"محڪم الدين سيلانيءَ هڪ ضرب هٽ جي سچل کي هٿي ۽ فرمايو تہ هن کي هڪ ڏڪ ئي ڪافي آهي. ان ڪان پوءِ سچل رنديءَ جي حالت ۾ آيو ۽ رات ڏينهن ڪافين ۽ غزلن جي ٺاهڻ ۾ مشغول رهيو."

سر مست روزالست کي اها رندي راه ڪيئن ملي ۽ ڪنهن ڪان ڪيس فيض عطا ٿيو تنهن لاءِ چند ڪلام سندي، سرائڪي ۽ پارسي، ثبوت طور پيش ڪيا وڃن ٿا، جئن اديب صاحب جي دماغ مان ايهو غلط خيال نڪري وڃي:

ڏاڏا محمد حافظ تهندا وچ درازين ديرا
دست تهندي اصلون هو يا مقصد سارا ميرا
شاه عبدالله جيلاني- خواجہ پيران پيران
آل نبي اولاد علي حضرت ميران ميران

سر مست پنهنجي پارسي شعر ۾ فرمايو آهي تہ:
ارادتمند آن پير مغانم- بجز پير مغان ديگر ندانم.

معنيٰ- مان پنهنجي مرشد ۾ يقين رکندڙ آهيان پنهنجي مرشد کان سواءِ ٻي ڪنهن کي نہ سڃاڻان سرمست کي ايها مستي روز الست کان ملي هئي، جڏن خواجہ عبيدالله جيلاني ظاهر ڪيو هو تہ هُو سرمست هوندو- سرمست کي ڪنهن جي دعا يا ضرب جي ضرورت ڪانہ هئي، هو پنهنجي مرشد کان سواءِ ٻي کي سڃاڻي نہ ڪونہ تہ محڪم الدين ڪير آهي.

جيڪي ڇيو مرشد توکي— آڄ تون اعتبار
پانهون ٻڌين چو پين کي— سچل تون سردار

سچل کي سندس مرشد سردار ڪري ڇڏيو پوءِ هن کي محڪم الدين جي ضرب جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ڪيس عشق سندس مرشد عطا ڪيو هو، جڏن سندس شعر ۾ فرمايل آهي.

اتي ڪفر نہ اسلام— آهي سيني کي سلام
هاديءَ سائين پاڻ سچل کي— عشق ڪيو انعام

—

ٻي هنڌ فرمائي ٿو:

لا نفيءَ جو ڪلمون مونکي— مرشد پاڻ پڙهايو
نـــابوديءَ جـــي نشي ۾— سارو سير ڪرايو
هٿيو ڏيئي همت وارو— ســـارو بـــار ڪڍايو
صدق سچل سان مرشد تان— جنهن جانب جوش جڳايو.

مٿين ڪلام منجهان صاف ظاهر آهي تہ سچل کي جوش جلال ۽ موج مستي سڀ مرشدکان عطا ٿيل هو. هو ڪنهن ٻي جي زير منت نہ هو.

سندس پارسي شعر آهي ت:

(۱) شيخي و پيري و بزرگي— نيست درکار ما
راه رندي و عاشقي— گرفته ام از ابتدا

—

(۲) آشکار و نهان دل و جان را— کرد پرجوش و مست عبدالحق

—

معنيٰ- (۱) شيخي، پيري ۽ بزرگي، مون کي نہ گهرجي. مان رندي ۽ عاشقي راه روز ازل کان اختيار ڪئي آهي.
(۲) ظاهر ۽ باطن دل ۽ جان کي جوش ۽ مستي پير عبدالحق عطا ڪئي آهي.

—

سر مست روزالست کي رندي ۽ عاشقي راه روز ازل کان عطا ٿيل آهي، جنن خواجہ عبدالله جيلاني سندس تولد ٿيڻ کان اڳ پيشنگوئي ڪئي هئي تہ سائين صلاح الدين کي فرزند عطا ٿيندو ۽ جو سرمست هوندو ۽ انهيءَ جوش مستي جذب ۽ جلال کي نئين سر زنده سندس پير مغان ڪرڻ فرمايو. کيس ڪنهن جي دعا جي تاثير يا محڪم الدين جي فيض جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي.

سرتاج الشعرا جو پارسي شعر

۱- همين گويند اين بد راه باشد— نہ بد راه است اما شاه باشد
۲- شکايت ڪئي ڪني اي پارسا ببين— ڪہ آن عاشق رسول الله باشد
۳- اگر پر عيب بهم بد کار باشم— يقين داني ڪہ او همراه باشد
۴- نمي دارم بجز عشقش بدل هيچ- از اين عالم خدا آگاه باشد
۵- بآن عالي جنابش آشکارا— يکے از سگ همان درگاه باشد

—

سرمست روزالست جي مٿين ڪلامن منجهان صاف صاف ظاهر آهي تہ هن کي فيض ڪنهن کان ملیو. هن کي محڪم‌الدين جي فيض جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي. سرمست جي پارسي شعر ۾ سوزگداز جي بي انتها تعريف ٿيل آهي. جي ڪڏهن سوزگداز هن کي محڪم‌الدين سيلاني جو عطا ٿيل هجي ها تہ لازمي طور هو انهيءَ جو ذڪر پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن ڪلام ۾ ضرور ڪري ها جئن هن پنهنجي پارسي شعر ۾ خواجہ فريدالدين عطار ۽ شمس تبريز جي نهايت گهڻي تعريف ڪئي آهي.

سڄل سچو هيو هن ڪابہ ڳالهہ پردي اندر نہ رکي هي. هڪ ڪلام ۾ هن فرمايو آهي تہ:

سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وٽي نہ وٽي
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم ٻـٽي نہ ٻٽي

هن جا خواجہ فريدالدين سان باطني تعلقات هيا جنهن ڪري هن اها ڳالهہ بہ ظاهر ڪري ڏيکاري آهي جئن فرمايو اٿس تہ:

يار ما باشد يکی از صد هزار
عارف و عاشق بود نامش عطار.

"هزارن مان منهنجو هڪ يار آهي جنهنجو نالو عطار آهي. هو عارف ۽ عاشق آهي." پي هنڌ خواجہ عطار لاءِ فرمايو اٿس:

عطار نبود خدا بود خدا بود
او پاک وجود آنکہ خدا بود خدا بود

هو عطار نہ هو بلڪ خدا هو ۽ هو پاڪ وجود خدا هو.

جي ڪڏهن محڪم‌الدين جي ڪابہ مهرباني هن سان ٿيل هجي ها تہ هو ڪڏهن بہ هن جي تعريف کان گريز نہ ڪري ها. از آن سواءِ هن هڪ مجمل شعر چيو آهي جنهن ۾ هن سڀني عاشقن جا نالا ڏيکاريا آهن. انهيءَ ۾ بہ هن

محکم الدین جو نالو کوٹ ڈیکاریو آھي. انھيءَ مان صاف ظاھر آھي تہ ھيءَ من گھڙت ڪالھ کنھن اھل قلم صاحب ھن ڪم ڪجاھد جي توھين لاءِ ايجاد ڪئي آھي.

ساڳي ادیب صاحب ڈیکاریو آھي تہ انھيءَ ضرب لڳڻ بعد ھو رات ڈينھن ڪافين ۾ غزلن ٺاھڻ ۾ مشغول رھيو. سرمست سائين ادیب صاحب وانگر پنو پينسل ڪٽي ڪافيون ڪونہ ٺاھيندو ھو، مگر ڪيس الاھي الھام ٿيندو ھو جو ھو چوندو ويندو ھو ۽ ڪاتب لکندا ويندا ھوا جنھن جو ڪافي ذڪر مٿي ڪيو ويو آھي تنھن ڪري دوباره ذڪر نٿو ڪيو وڃي.

مجمل شعر

۱- در دو عالم بادشاه عشق سيار آمده
۲- گر بمومن، گر بہ مسلم، گر بکفار آمده
۳- نعره انا الحق زده- منصور بر سر دار شد
۴- تيغ عشقش ناگهان - بر شيخ عطار آمده
۵- تاگر از لاهور سرمد رفت و در دهلی رسيد
۶- سر برانيده ز خود تکرار بيزار آمده
۷- در طريقے عاشقی صنعان برفتن خويشتن
۸- کرد صبح بر طرف در زير زنار آمده
۹- شاه شرف الدين قلندر ڏوعاي سردار عشق
۱۰- يار قاتل او ببين از ملک تاتار آمده
۱۱- نجم الدين کبراو عبدالله هروي سردو يار
۱۲- قتل گشته آن نيزه عشق در کار آمده
۱۳- عشق سلطان واقع شاهمس تبريز
۱۴- پوست از جسمش جدا کرده بديدار آمده
۱۵- در خراسان بود عاشق نام عبدالخالقش
۱۶- اوگر در مجموع علما دان گرفتار آمده
۱۷- خواجم ڏوالعباس با منصور بوده همرفيق

١٨- اندرين ميدان عشقش يار با يار آمده
١٩- شيخ هيكل بود در بغداد شاگرد حلاج
٢٠- دست شست از زندگاني پس بدار آمده
٢١- صوفي شاه عنايت در سواد سنڌ بود
٢٢- او از شمشير عشقش بس نگوسار آمده
٢٣- من كريمم من رحيمم شاه كرمل دم زده
٢٤- آشكارا من كيم او بخود اقرار آمده.

—

هِن شاعرن سمي ۾ گندري، سسئي ۽ پنهون جو تعارف كرايو آهي مگر هن رند عاشق ساريءَ دنيا جي عاشقن جو نقشو صاف صاف ظاهر كري ڏيكاريو آهي. جنهن ۾ منصور، شيخ عطار، سرمد، صنعان، شاه شرف‌الدين بو علي قلندر، نجم‌الدين كبرا، عبدالله، خراسان جو عاشق عبدالخالق، شمس تبريز، خواجه بوالعباس جيكو منصور جو دوست هو، شيخ هيكل بغداد، صوفي شاه عنايت سنڌ ۽ شاه كرمل جو ذكر ڏيكاريو آهي- آخر ۾ هن ڏيكاريو آهي ته آشكار كجهه به نه آهي اقرار كندڙ هو پاڻ آهي. هن شعر ۾ به هن محكم‌الدين جو نالو كونه ڏيكاريو آهي.

—

كافي

آءٌ عشق پلي كري آئين تون- كنهن منزل تي پهچيائين تون
تو موڪي سر وڃائين تون

١- سرمد كي ڏئي لت كمايئي - سوري تي منصور چڙهايئي
شيخ عطار جو سر وڃايئي - هاڻي هيڏي پنڌ پچائين تون
٢- زكريا ماڻ كرڻ چيرايئي - يوسف كي منجهه كوه وجهايئي
شمس ملن جي هٿان مارايئي - عاشق ٿو آزمائين تون

۳- جٹيو ڪفر صنعان وجهايئي- بُلي شاه ڪي ذبح ڪرايئي
جعفر ڪي درياه ٻوڙايئي- تن ڪي پار لنگهائين تون
۴- گهاٽي ۾ بلاول پيڙايئي- عنايت شاه ميدان مارايئي
ڪرمل ڪي هين حڪم هلايئي- قيروءَ ڪنڊ ڪپائيڻ تون
۵- قاسم دُرن سان مارايئي- موسيٰ ڪي ٻه سهاڳ وڃايئي
اڪيداس تعزير ڏوايئي- سو اڄ ساڻيو آئين تون
سچل سندءَ پٽنڊ پچائي- گهوريون پنهنجو سر گهمائي
نينهن واري ٿو ڳالهه ڳالهائي- عاشق ٿي فرمائين تون

—

هيءَ عاشق صادق رند بيباڪ وقت جو عطار ۽ منصور هو- سوريءَ تي سر ڏيئن ۽ شريعت جي تعزير ماڻڻ لاءِ هميشہ مشتاق ۽ مستعد رهندو هو، تنهن ڪري عشق جي ايتريءَ آزمائش جي باوجود عشق جا پنڊ ٿي پچائين ۽ سر پنهنجو عشق جي مٽان ٿي گهوري گهمائين ۽ هميشہ تنهن جي ڳالهه تي ڳالهايائين ۽ منصوري دم ٿي هنيائين. سبحان‌الله! واه مرد تنهنجو جگر .....

—

جگر شير نہ داري — سفر عشق مَ ڪن

—

معنيٰ- شينهن جو جگر جيڪڏهن نہ هجئي تہ عشق جو سفر نہ ڪر-

—

مرد ٽئين منصور چَوَ- نت ڪين چَوُ منصور آن

—

پين شاعرن جو شعر سسئي پنهل ۽ هير رانجهي جي عشق تائين محدود آهي.
هن عاشق جو شعر لامحدود آهي ۽ سندس عشق دنيا جي عاشقن سان پيوستہ آهي.

تردید نمبر ۳

ساڳئي اديب صاحب ساڳي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته "سچل سرمست مرشد جي جاءِ نشين جي اها ساڳي عزت رکندو آيو جيتوڻيڪ ڪنهن اتفاقي سبب ڏوري وقت لاءِ ڪشيدگي خاطر رهي.

اِهو هن مرد مجاهد کي خواه مخواه نامراد طالب ثابت ڪرڻ لاءِ بهتان لڳايل آهي. سندس مرشد جي جاءِ نشين يعني حضرت سخي قبول محمد اول سرمست سائين کي پنهنجو خاص خليفو مقرر ڪيو هو. فقيري سلسلہ موجب مرشد جو سجاده نشين ۽ مرشد آهي تنهن ڪري اهو ۽ ساڳي عزت ۽ احترام جو مستحق آهي. سچل سرمست جهڙو با خبر اهل الله ۽ سرويچ طالب، ڪُن مرشد جي مخالفت ڪري سگهي ٿو؟ سرمست ڪيترن ڪلامن ۾ فرمايو آهي ته "مان مرشد جي گولن جي ۽ گولي آهيان" مثال طور چند ڪلام هيٺ ڏجن ٿا:

—

پانهن جي آ۽ پانهي آهيان - پاروچي جي ذات جي

—

گولن جي آ۽ گولي - خان پاروچا تنهنجي

—

سندس پارسي شعر آهي ته:

بنشين دوام بهمچو گدا بر در حبيب
اي آشکارا باش غلام از غلام ها

معنيٰ - دوست جي در تي هميشہ نوڪر وانگر گذار - اي آشڪار تون غلامن جو ۽ غلام ٿي.

جو مرشد جي غلامن جو ۽ غلام آهي سو مرشد جي جاءِ نشين جي ڪُن مخالفت ڪندو؟

تردید نمبر ۴

ساڳي اديب صاحب ساڳي ڪتاب 'سچل سرمست' ۾ ڏيکاريو آهي ته "سچل سرمست کي فرزند چايو هو جو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو.

ميرِ رستم خان جو پٽ ميرِ محمد حسن بيمار هو تنهن سچل فقير کي پاڻ وٽ دعا ڪرڻ لاءِ ڪهرايو. سچل دعا ڪندي فرمايو ته اسين تنهنجي پٽ جي عيوض پنهنجو پٽ ٽا ڏيون. خدا جي قدرت سان پاڻ اچان خيرپور ۾ هيو ته سندس پٽ ڪوٽ ۾ گذاري ويو ۽ ميرِ صاحب جو پٽ تندرست ٿيو."

حقيقت هن طرح آهي ته درگاهه شريف جي مسند نشيني جي سلسلي ۾ حضرت خواجه عبيدالله جيلاني فرمايو هيو، جنڪ شروع ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ته سائين صلاح الدين کي هڪ فرزند تولد ٿيندو جو سرمست هوندو ۽ لاولد ٿيندو جنهن کري مسند نشيني جو سلسلو ختم ٿي ويندو وغيره. ازآن سواءِ فاروقي خاندان جي شجره ۾ پڻ سچل سرمست لاولد ڏيکاريل آهي. جيڪڏهن فرزند چايل هجي ته ڪ. از ڪم آنجو نالو ڏيکاريو وڃي ها ۽ انجي هيڻان فوت ٿيڻ جي داخلا ڪئي وڃي ها. باقي جيڪا ميرِ صاحب جي فرزند جي حقيقت ڏيکاريل آهي سو واقع حضرت سخي قبول محمد اول (سجاده نشين نمبر ٣) جي ڏينهن جو آهي جنهن پنهنجو پيارو پسر الله جاشانه جي نالي تي قربان ڪيو جنهن جو ذڪر مٿي ڏيکاريو ويو آهي. پي اديب صاحب سچل سرمست جي فرزند جو نالو موجود علي ڏيکاريو آهي مگر فاروقي خاندان جي شجره موجب موجود علي، سائين سخي قبول محمد اول جي فرزند جو نالو آهي.

فيض صديقي

١- حضرت غوث الحق مخدوم نوح حضرت ابوبڪر صديق،

رضي‌الله عنہ جي پشت منجهان هو جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

۲- شيخ شهاب الدين سهروردي پڻ حضرت ابو بڪر صديق رضي‌الله عنہ جي پشت منجهان هو. هو پنهنجي چاچي شيخ ابوالنجيب جو مريد هيو. بغداد جا عام و خاص ماڻهون هن جا مريد هيا. هن جو لقب شيخ الشيوخ هو. هو سنہ ۵۳۹ھ ماه رجب ۾ تولد ٿيو ۽ تاريخ ۱ محرم سنہ ۶۳۲ھ ۾ فوت ٿيو. ڪتاب عوارف المعارف سندس لکيل آهي جو تمام مشهور آهي ۽ تصوف جو وڏو خزانو ليکيو وڃي ٿو.

۳- شيخ بهاوالدين ذڪريا ملتاني- هي شيخ شهاب الدين سهروردي‌ءَ جي وڏن خليفن مان هو. ڪتاب حالات اوليا ۾ لکيل آهي ته هو جڏهن حج تان موٽي آيو ته اچي شيخ شهاب الدين جو مريد ٿيو. شيخ شهاب الدين حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي فرمان موجب هنکي خرقو ڏيکايو. سندس ۽ ملتان جا گهڻا ماڻهون هن جا مريد آهن- هن جي مزار شريف ملتان ۾ آهي.

۴- سيد جلال بخاري جنهن کي مخدوم جهانيا سڏيو وڃي ٿو سو شيخ بهاوالدين ذڪريا جو مريد هيو. مخدوم جهانيا جي پوٽن جي حيدرآباد سنڌ ۾ پنهن جي درگاه آهي جا قطب شاهي درگاه جي نالي سان مشهور آهي ۽ انهن کي جهانيا پوتا سڏيو وڃي ٿو.

۵- حضرت عثمان مروندي قلندر شهباز جو امام العاشقين حضرت امام جعفر صادق صلوات و سلام جي پشت مان آهي سو شيخ بهاوالدين ذڪريا جو خاص خليفو ۽ مريد هو.

فيض فاروقي

١- حضرت خواجہ محمد حافظ حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله عنه جي پشت مان آهي جنهن جو ذڪر مٿي آيل آهي.

٢- حضرت خواجہ غلام فريد چاچڑان شريف وارو ۽ فاروقي خاندان جو چشم و چراغ آهي.

٣- حضرت شيخ فريدالدين شڪرگنج ۽ فاروقي خاندان جو چشم و چراغ آهي. سندس ذڪر هيٺ ڏيڪارجي ٿو.

شيخ فريدالدين شڪرگنج جو اسم مبارڪ مسعود بن عزيزالدين هيو. هو ڪودال ۾ تولد ٿيو هو جو ملتان ۾ آهي. هو خواجہ قطب‌الدين بختيار ڪاڪيؒ جو مريد هو. هو هميشه روزو رکندو هيو. گنج شڪر يا شڪر گنج انهيؒ ڪري هن کي سڏيندا آهن جو هڪ دفع هن ست ڏينهن لاڳيتو روزو رکيو جنهن ڪري ڏاڍو ضعيف ٿي ويو هيو ۽ مرشد ڏانهن ويندي وات تي ڪري پيو ۽ وات ۾ مٿي پٽجي ويس يا سڄي شڪر يعني ڪنڊ ٿي پيٽي تنهن ڪري مرشد ڪيس شڪر گنج ڪريَ سڏيو. آهو نالو پوءِ هن تي هميشه لاءِ پٽجي ويو. هن خواجہ معين‌الدين چشتي اجميري سان ۾ ملاقات ڪئي هئي. خواجہ معين‌الدين چشتي هن لاءِ فرمائيندو هيو ته "بختيار ڪاڪيؒ" ايڏو وڏو شهباز پکڙيو آهي. جنهنڪي چوڻي سدرة المنتهيٰ کان ۾ مٿي آهي.

شيخ گنج شڪر وقت جو قطب ۽ غوث هيو. سندس ڪرامتون مشهور آهن. سندس مرشد جي هن سان گهڻي خاطر هوندي هئي. ايتري قدر جو جڏهن هن جي وفات جو وقت قريب ٿيو ته هن شيخ فريدالدين کي پاڻ وٽ گهرائي پنهن جو جاءِ نشين مقرر ڪيو. مرشد جي وفات بعد هو وڃي اجودن ۾ رهيو جو ڳوٺ ملتان کي ويجهو آهي. شيخ فريدالدين شڪرگنج ٥ محرم سال ٦٦٤ هجري ۾ رحلت ڪئي. سندس مزار مبارڪ پاڪ پٽن ۾ آهي. شيخ نظام‌الدين دهلوي سندس

خاص مريد هيو جنهن کري ان جو ذکر ڏيکاريو وڃي ٿو جو اهو بہ فاروقي فيض آهي.

خواجہ نظام‌الدين اولياءٔ دهلوي

خواجہ نظام‌الدين اولياءٔ جو اصل نالو محمد هو. هو تاريخ ٢٧ صفر سنہ ٦٣٦ھ بہ شهر بدايون بہ تولد ٿيو. سندس سلسلہ حسب نسب حضرت امام حسين صلوات والسلام کان شروع ٿئي ٿو. سندس جد امجد پير علي بخارا کان آيل هو. سندس والد بزرگوار جو نالو سيد احمد هيو. والدين جي وفات بعد هو علم جي تحصيل هو لڳي ويو. قرآن شريف حفظ ڪرڻ بعد مختلف علمن بہ خاص عبور حاصل ڪيائين. هڪ ڏينهن ڪنهن قوال کان باوا فريد گنج شڪر جي ڪمالات جو ذکر ٻڌي هن جي دل بہ غالباً عقيدت پيدا ٿي. آخر هن ڏانهن وڃي هن جي بيعت ڪيائين. ڪجهہ وقت اتي رهي خرقو خلافت جو حاصل ڪري د هلي موٽي آيو.

پنهنجي حال لکائڻ جو ايترو تہ اهتمام ڪندو هو جو جي ڪڏهن ڪنهن مکان تي ماڻهن کي سندس بزرگيءٔ جي خبو پڄجي ويندي هئي تہ اتان کوچ ڪري وڃي پي هنڌ رهندو هو. پر جڏهن خلق جو هجوم زياده ٿيندو ويو تڏهن لاچار شهر کان باهر نکري وڃي غوث پور بہ سکونت پذير ٿيو. شروع کان ڪيس سخت تنگ دستي هوندي هئي پر پوءِ خدا جي فضل سان ڪيس ايتري تہ آمدني ٿيڻ لڳي جو وڏا وڏا شاهوڪار بہ رشڪ ڪرڻ لڳا. سندس ننگر هميشہ جاري هوندو هيو ۽ رات ڏينهن مهمانن جو هجوم لڳو ٻيو هوندو هيو. ايتري آمدنيءٔ جي باوجود پاڻ هميشہ روزي بہ رهندو هيو. روزي افطار ڪرڻ بعد ٿورو ۽ ساده ڪائيندو هيو. وڏا وڏا امير ۽ وزير سندس زيارت لاءِ ايندا هيا مگر پاڻ ڪڏهن بہ وقت جي بادشاه يا پي ڪنهن ڏانهن ڪونہ ويندو هيو.

نماز هميشہ باجماعت ادا ڪندو هيو ايتري قدر جو ضعيف‌العمري ۾ ۽ بالاخانہ مان هيٺ لهي اچي جماعت ۾ شامل ٿيندو هيو. رات جو گهٽو روئيندو هيو. علي‌الخصوص پوئين رات جو گهٽو گريہ ڪندو هيو ۽ هميشہ باوضو رهندو هيو.

هن تاريخ ١٨ ربيع‌الثاني سال ١٠٢٥هـ ۾ رحلت ڪئي. سندس وصيت موجب ڪيس مسجد ۾ دفن ڪيو ويو. شروع ۾ سندس مزار مبارڪ ڪچيءَ سڱيءَ جي هئي ليڪن بعد ۾ امير تيمور پڪي طرح تعمير ڪرائي. شيخ چراغ‌الدين دهلوي ۽ امير خسرو هن جا خاص مريد هيا.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني سرهندي

(هيٺ ڏيکاريل فاروق خاندان جو احوال رسالہ 'آئينہ' لاهور تان ورتل آهي جنهن لاءِ رسالہ جي ايڊيٽر صاحب جي شڪرگذاري ڪجي ٿي- (قاضي علي اڪبر)

—

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمت عليہ جي ولادت باسعادت جمع رات تاريخ ١٤، شوال سنہ ٩٧١هـ مطابق ١٥٥١ع ۾ سرهند شريف ۾ ٿي جنهن جي نور ۽ جمال کان سارو جهان منور ٿيو. سندس والد بزرگوار هن جو نالو حضرت رسول الله صلي‌الله عليہ و آلہ وسلم جن جي جڪر مطابق احمد رکيو. سندس سلسلہ نسب حضرت عمر فاروق‌اعظم رضي‌الله عنہ کان شروع ٿئي ٿو. حضرت امام رباني رحمت‌الله‌عليہ جي والده ماجده کان ارشاد آهي تہ جنهن وقت هيءَ نينگر تولد ٿيو تنهن وقت هن کي غشي ويئي ۽ غشيءَ جي حالت ۾ هن ڏٺو تہ دنيا جا سيئي اولياءَ ڪرام سندس گهر ۾ وارد ٿيا آهن ۽ ڪيس چوڻ لڳا تہ سيني اوليائن جا ڪمالات هن نينگر ۾ سمايل آهن ۽ الله تعالىٰ هنکي پنهنجي نور جو خزانو بڻايو آهي ۽ پاڻ ۾ هڪ پي کي چوڻ لڳا تہ "دوستو! هنجي زيارت ڪيو. جيڪو بہ هنجي زيارت ڪندو

تنهن جا الله تعالي سڀ گناه بخشيندو.

سندس والد بزرگوار جو ارشاد آهي ته جڏهن اهو سعادت مند نيڪ بخت نينگر تولد ٿيو ته هن ڏٺو ته حضرت رسول الله صلي‌الله عليه و آله وسلم جن سندس گهر ۾ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ سڀئي انبياءَ ۽ فرشتا ساڻن هم رڪاب آهن. حضرت رسول پاڪ صلعم جن هن نينگر کي پنهنجي هنج مبارڪ ۾ ڪٽي سڄي ڪن ۾ اذان ڏني ۽ ڪپي ڪن ۾ تڪبير ڏيئي فرمايو ته هي نينگر ساري ڪمالات جو وارث ۽ منهنجو قائم مقام ٿيندو.

شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ امام رباني صاحب کي مڪتب ۾ ويهاريو ويو جتي هن قرآن شريف حفظ ڪيو. اڪثر تعليم هن پنهن جي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي. تنهن بعد هو سيالڪوٽ تشريف فرما ٿيو ۽ مولانا ڪمال ڪشميري کان ظاهري علم حاصل ڪيو ۽ باطني علم مولانا محمد يعقوب ڪشميري کان حاصل ڪيو، جنهن کيس خلعت خلافت عطا فرمائي جنهن بعد هو موٽي سرهند آيو.

حضرت رحمت الله عليه کي زيارت بيت‌الله ۽ روضه مبارڪ حضرت رسول الله صلعم جو گهڻو شوق هوندو هو ۽ هميشه بيقرار رهندو هو مگر پنهن جي والد بزرگوار جي خدمت ترڪ ڪري نٿي سگهيو مگر والد بزرگوار جي وفات بعد ڪيترائي حج ڪيا. رسالي ۾ امام صاحب جي حالات جو ذڪر گهڻو ڏيڪاريل آهي مگر هن ڪتاب ۾ مختصر نموني ۾ ڏيڪاريو ويو آهي.

ذڪر آيل آهي ته مغل بادشاه اڪبر اعظم پنهن جو نئون دين شروع ڪيو هو مگر امام صاحب جي برڪت سبب ڪامياب ٿي نه سگهيو. جڏهن اڪبر بادشاه فوت ٿيو ۽ جهانگير تخت تي ويٺو ته هن کي سندس وزيرن مشوره ڏنو ته امام صاحب ڏانهن فوج موڪلي هن کي قتل ڪرايو وڃي مگر جهانگير جواب ڏنو ته فوج جا ڪيترا آفيسر هن جا مريد آهن سو جي ڪڏهن انهين تڪڙ ڪئي وئي ته ملڪ ۾ فساد

برپا ٿيندو تنهن ڪري پهريان انهن کي دور دراز ملڪن ڏانهن ٽرانسفر ڪري ڇڏيو امام صاحب کي گهرائي حڪومت جي ڪنهن آڙ ۾ قاسائي قيد ڪرايو وڃي. آخر خاطر خواه بندوبست ڪرڻ بعد جهانگير امام صاحب ڏانهن رقعه لکي موڪليو ته اوهان جي زيارت جو گهڻو شوق آهي تنهن ڪري اوهان پنهن جن جملہ خليفن سميت اچي ديدار ڪرائي وڃو ساڳي وقت سرهند جي گورنر ڏانهن پڻ حڪم موڪليو ويو ته امام صاحب کي ڪنهن به طرح اچڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي. امام صاحب رقعه ملڻ بعد سفر جي تياري ڪئي ۽ پنهنجن فرزندن کي پوشيده رکي فقط پنهنجن پنجن خليفن سميت تشريف فرما ٿيو. جهانگير سندس تشريف‌آوريءَ جي خبر ٻڌي پنهنجن امير امرائن کي استقبال لاءِ موڪليو ۽ کيس شاهي تنبو ۾ رهايو. وزيرن چالاکي ڪري ملاقات جو اهڙو وقت مقرر ڪيو جنهن وقت جهانگير شراب جي نشه ۾ مخمور هو. امام صاحب دربار ۾ وارد ٿيڻ سان آداب شاهي بجا نه آندا بلڪ بادشاه کي سلام به نه ڪيو. وزيرن سمجهو ته انهيءَ بي ادبي سبب بادشاه کيس ضرور قتل ڪرائيندو مگر جهانگير کوبه اعتراض کوڻ ورتو جنهن تي وزيرن سندس غصو کي پڙڪائڻ لاءِ عرض ڪيو ته هيءَ شخص اهڙو ته متڪبر آهي جو هن شاهي آداب بجا نه آندا آهن، انهيءَ کري جهانگير امام صاحب کان پڇيو ته اوهان شاهي آداب بجا ڇو نه آندا؟ امام صاحب جواب ڏنو ته مان هن وقت تاءِ الله ۽ سندس رسول پاڪ صلعم کانسواءِ ڪنهن جا به آداب بجا نه آندا آهن. وري جهانگير چيو ته اسلامي احڪامن موجب اوهانکي گهٽ ۾ گهٽ سلام ته ڪرڻو هو. جنهن تي امام صاحب ورندي ڏني ته مان سمجهو ته اوهان سلام جو جواب نه ڏيندا جنهن ڪري سلام به نه ڪيم.

آخر ۾ جهانگير چيو ته هينئر اوهان فقط مونکي سجدو ڪيو ته اوهان جا سڀ قصور معاف ڪيا ويندا. امام صاحب

جواب ڏنو ته سجدو فقط الله جي ذات پاڪ کي جڳائي تنهن کري اوهانکي سجدو مان هرگز نه ڪندس. انڀي تي بادشاه پنهنجن درٻارين کي حڪم ڏنو ته هنکان زوريءَ سجدو ڪرايو وڃي مگر هو ڪامياب نه ٿيا. مجبور ٿي بادشاه حڪم ڏنو ته هنکي قيد ڪيو وڃي- انهيءَ وقت هڪ هندو راجا به درٻار ۾ ويٺل هو. هو امام صاحب جو استقلال ۽ استقامت ڏسي حيران ٿي ويو ۽ سندس سيني ۾ نور جو جلوه پيدا ٿيڻ لڳو تنهن بادشاه کي عرض ڪيو ته هن قيديءَ کي منهنجي حوالہ ڪيو وڃي ته مان هنکي پنهنجي ملڪ ۾ قيد رکندس. بادشاه امام صاحب کي هنجي حوالي ڪيو. وزير خوش ٿيڻ لڳا ته هيءَ هندو راجا ضرور هن سان برو سلوڪ ڪندو. مگر هندو راجا امام صاحب کي نهايت عزت ۽ احترام سان پنهنجي ملڪ ڏانهن وٺي ويو ۽ ملڪ ۾ پهچڻ شرط پنهنجن سڀني عزيزن قريبن سميت امام صاحب جو دست بيعت ٿيو. جڏهن هيءَ خبر وزيرن کي پهتي ته امام صاحب کي گواليار جي قلعہ ۾ نظربند ڪيو ويو. جڏهن ايها خبر چوطرف سردارن کي پهتي ته هنن بغاوت جو جهنڊو کڙو ڪيو ۽ ڪابل جي گورنر محبت خان کي پنهنجو سردار مقرر ڪيو. بادشاه هيءَ خبر ٻڌي گهبراهٽ ۾ اچي ويو ۽ محبت خان ڏانهن پيغام موڪليو ته جيڪڏهن اوهان شورش ڪئي ته مان امام صاحب کي يڪدم قتل ڪرائي چڏيندس. مگر محبت خان کي يقين هو ته بادشاه کي اها همت هرگز نه ٿيندي جو امام صاحب کي قتل ڪرائي چڏي. آخر جهلم وٽ ٻنهي ڌرين جون فوجون اچي دوبدو ٿيون- محبت خان چالاڪي ڪري جهانگير کي قيد ڪيو. هن جهانگير کان واعدو ورتو ته جيڪڏهن هو امام رباني صاحب کي آزاد ڪندو ته ڪيس ۾ آزاد ڪيو ويندو. بادشاه حضرت امام صاحب جي آزادي لاءِ حڪم صادر ڪيو ۽ پاڻ ڪشمير هليو ويو مگر بادشاه جي وزيرن حڪم جي

تعميل ۾ ڪئي ۽ امام صاحب قيد ۾ ٿي رهيو.

ٿوري عرصو بعد هڪ ڏينهن بادشاه تخت تي ويٺو هو ۽ شاهي دربار لڳي پيئي هئي تہ جهانگير يڪدم دانهن ڪري چيو تہ امام رباني صاحب تشريف فرما ٿيو آهي ۽ درٻارين کي ڏسي عجب لڳي ويو. امام صاحب اچڻ شرط تخت کي بادشاه سميت الٽو ڪري چڏيو ۽ پاڻ غائب ٿي ويو. بادشاه بي هوش ٿي ويو ۽ درٻاري حيرت ۾ حيران ٿي ويا. جهانگير جڏهن هوش ۾ آيو تہ پاڻڪي مرض ۾ مبتلا ڏٺائين، جنهن ڪري هو توبه تائب ٿيو ۽ معافي نامو لکي امام صاحب ڏانهن ڏيارڻ موڪليائين ۽ ڪيس چوائي موڪليائين تہ مهرباني ڪري ڪشمير ۾ زيارت ڪرائي وڃو. حضرت امام صاحب هن ڏانهن هيٺيان شرط لکي موڪليا تہ جيڪڏهن اهي بجا آندا ويا تہ پوءِ ماڻ ايندس. شرط هي آهن:

(١) سجدو ڪرائڻ بند ڪيو وڃي. (٢) ساري هندوستان ۾ جيڪي به مسجدون شهيد ڪيون ويون تن کي نئين سر تعمير ڪرايو وڃي. (٣) دربار عام جي دروازي وٽ هڪ شاهي مسجد ٺهرائي وڃي. (٤) عدل ۽ انصاف لاءِ قاضي، محتسب ۽ مفتي مقرر ڪيا وڃن. (٥) شريعت جا احڪام جاري ڪيا وڃن. (٦) سڀني قيدين کي آزاد ڪيو وڃي- بادشاه سڀ شرط قبول ڪيا. حضرت صاحب پوءِ تشريف فرما ٿيو ۽ جهانگير معافي ورتي ۽ دعا لاءِ عرض ڪيو. حضرت امام صاحب کيس دعا ڪئي ۽ هو خوش ڇگو پلو ٿيو ۽ سندس مريد ٿيو.

حضرت ميان مير فاروقي، لاهور

حضرت ميان مير جو اسم مبارڪ مير محمد ۽ سندس لقب ميان مير هو. هو سنہ ٩٣٥ھ بمطابق ١٥١٨ع ۾ سيستان ۾ جنمن ڪيو هيئڙو سيوهڻ جوڙ ۾ اچي ٿو تولد ٿيو. سندس

والد بزرگوار جو اسم مبارڪ قاضي سائينڈنو هو. سندس والده ماجده جو اسم مبارڪ بي بي فاطم هو جا قاضي قادن جي دختر نيڪ اختر هئي. سندس سلسلہ نسب حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله عنہ کان شروع ٿئي ٿو. ڪيس چار پاڻر هيا ۽ پاڻ سيني کان ننڍو هو. ميان ميو پنهنجي والده ماجده لاءِ فرمايو آهي تہ سندس والده ماجده جڏهن حامل هئي ۽ سندس وڏو پاءُ سندس پيٽ ۾ هيو تہ هن پنهنجي ڪشف جي زور تي ڏٺو تہ ڪيس جو فرزند تولد ٿيندو سو صاحب ولايت جو ٿيندو، تنهن ڪري هن هڪ رات تهجد جي نماز وقت غسل ڪري بارگاه الاهي مان دعا گهري تہ اي پروردگار عالم مون کي اهڙو فرزند عطا ڪر جو ڪامل اڪمل ۽ تارڪ دنيا هجي ۽ رات ڏينهن تنهنجي عبادت ۾ مشغول هجي. غيب مان ڪيس آواز آيو تہ توکي اهڙو هڪ فرزند عطا ڪيو ويندو. خدا وند ڪريم جي فضل عميم سان اهو نيڪ بخت فرزند ميان ميو تولد ٿيو. سندس وڏا ٿيٽي پاڻر سندس ٿي مريد ٿيا. هو مادر زاد ولي هو. هن پارهن سالن جي عمر اندر سمورو باطني علم پنهنجي والده ماجده کان پرايو. باطني علم حاصل ڪرڻ بعد پنهنجي والده کان رخصت وٺي سفر لاءِ نڪتو ۽ سيوهڻ جي جبلن ۾ گذارڻ لڳو جتي هن جي شيخ خضر سان ملاقات ٿي ۽ هن جو دست بيعت ٿيو ۽ پنهنجي مرشد کان فيض الاهي حاصل ڪرڻ بعد لاهور ۾ باغبانون جي محلہ ۾ سڪونت پذير ٿيو هو وڏو ڪمالیت جو صاحب هو. مغليہ بادشاه جهانگير ۽ شاهجهان هن جا باڪل معتقد هيا ۽ وقت بوقت سندس زيارت فيض بشارت لاءِ ايندا هيا. هڪ ڏينهن شاهجهان بادشاه شال جي دستار ۽ ڪجور جي تسبيح نذرانہ طور پيش ڪري، مگر ميان ميو ڪيس دستار واپس ڏني ۽ فقط تسبيح پاڻ وٽ رکي. هو سماع جو ڏاڍو شوقين هوندو هو. سماع وقت سندس چهري مبارڪ مان نور جي روشنائي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ميان ميو جا خليفہ جي درجہ ڪمال کي پهتا

تن جا نالا ڏيکارجن ٿا : (١) ملا شاه (٢) شيخ نڪا (٣) شيخ اسماعيل (٤) شيخ نعمت الله (٥) ميان حامد قادري (٦) ملا عبدالغفور (٧) ميران شاه سعيد. هُن تاريخ ٢٧ ربيع الاول سنه ١٠٤٥هـ مطابق ١٦٢٥ع ۾ رحلت ڪئي. سندس مزار مبارڪ لاهور ۾ آهي. جنهن جو هـو ساري عمر مجرد رهيو تنهن ڪري ڪيس اولاد ڪونه هو، تنهن ڪري دارا شڪوه سندس پاڻيجي ميان محمد شريف کي ميوهڻ مان گهرائي مسند تي ويهاريو ۽ درگاه جي ننگر ٻڌيءَ لاءِ جاگير نذراڻ طور بخشش ڪئي.

حضرت سليم چشتي - فتح پور سڪري

حضرت سليم چشتي شيخ عالم بابا فريد الدين گنج شڪر جي نسل مان هو جنهن جو سلسلو نسب حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله عنه ڪان شروع ٿئي ٿو. سندس والد محترم جو اسم مبارڪ بهاوالدين چشتي هو. سندس وڏا اصل اجودهن جا ويڙهه هيا جو پوءِ اچي لدهيانه ۾ سڪونت پذير ٿياء. اتان حڪم الاهي موجب وري اچي دهلي ۾ مقيم ٿياء. سندس ولادت با سعادت سنه ٨٧٧هـ مطابق ١٤٧٠ع ۾ ٿي. چونڪا ته جڏهن هو تولد ٿيو ته هن زمين تي سجدو ڪيو ۽ ساري (جانور) جو داڙو سندس پيشاني مبارڪ ۾ گهري ويو، جنهن جو نيشان مرڻ تائين موجود هو. سندس ولادت ڪان پوءِ سندس والدين دهلي چڏي اچي فتح پور سڪري ۾ مقيم ٿياء. هن علم ظاهري شيخ مجدد الدين سرهندي ڪان حاصل ڪيو. سنه ١٠٣١هـ ۾ زيارت بيت الله لاءِ ويو ۽ پوءِ گهڻو وقت حضرت رسول الله صلي الله عليه و اله و سلم جي روضي مبارڪ تي رهيو جتي هن کي باطني علم نصيب ٿيو تنهن ڪان پوءِ عرب، عجم، خراسان ۽ شام جو سير ڪندو واپس آيو ۽ حضرت شيخ ابراهيم چشتي ڪان خرقه خلافت حاصل ڪري اچي فتح پور سڪري ۾ سڪونت پذير ٿيو.

مغل بادشاه اڪبر سندس ڏاڏو معتقد هوندو هو. هڪ ڏينهن اڪبر بادشاه سندس زيارت لاءِ آيو ۽ پٽ لاءِ دعا گهري. حضرت سليم صاحب فرمايو ته توکي تقدير ۾ پٽ لکيل ئي ڪونه آهي. بادشاه عرض ڪيو ته انهيءَ ڪري مان اوهان جي حضور ۾ دعا طلبي لاءِ آيو آهيان. حضرت فرمايو ته چگو سپاڻي پنهنجي راڻيءَ بادشاه بيگم (جوڏه پائي جا راجپوت راڻي هئي) کي اسان جي حويلي ڏانهن موڪلجو. حڪم موجب بادشاه پنهنجي راڻي کي اوڏانهن روانه ڪيو. جڏهن راڻي سندس حويلي ۾ آئي، تڏهن پاڻ به پنهنجي گهر آيو ۽ پنهنجي اهليه محترمه کي چيائين ته تون راڻي جي پٽيءَ سان پنهنجي پٽي ملائي وٺي رهه ۽ پنهنجي چادر مبارڪ لاهي پنهنجي ۽ڏائين ۽ پنهنجي اهليه کي چيائين ته توکي جيڪو پٽ ڄمڻو آهي سو راڻيءَ کي ڏي. خداوند ڪريم جي فضل سان راڻي کي اميدواري ٿي ۽ ٩٧٧هـ ۾ شهزادو سليم پيدا ٿيو. اڪبر بادشاه حضرت سليم صاحب جي نالي جي شرف لاءِ پنهنجي پٽ جو نالو سليم رکيو، جو پوءِ جهانگير جي نالي سان مشهور ٿيو.

فتح پور سڪري ۾ حضرت سليم چشتي جي مزار مبارڪ آهي. روضو ۽ مسجد ڏهيل آهي جا نهايت شاندار نموني ۾ تعمير ٿيل آهي.

حضرت شاه ابوالخير

حضرت شاه ابوالخير جو اسم مبارڪ حضرت شاه محي‌الدين عبدالله ابوالخير هو. سندس ولادت باسعادت تاريخ ٢٧ ربيع الثاني سنه ١٢٧٢هـ مطابق ١٨٥٢ع ۾ دهلي ۾ ٿي. سندس سلسلہ نسب حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله عنه کان شروع ٿئي ٿو.

حضرت شاه ابوالخير جي والد حضرت محمد عمر وٽ هڪ

خاص ۽ معتبر خادم هوندو هو جو صاحب ڪمالیت ۽ صاحب ولایت جو هو- هن ڪي شرف حضوري ايترو حاصل هوندو هو جو جيڪو به عرض حضور سرور ڪائنات صلي‌الله عليه واله وسلم جي حضور ۾ پيش ڪندو هو ته ان ڪي ان جو جواب ملندو هو. هڪ ڏينهن انهيءَ خادم ڪي حج بيت الله جو شوق ٿيو، مگر هن ننڍڙي صاحبزاده کان جدا ٿيڻ نٿي گهريو. آخر انهيءَ غالب شوق کان حضور ۾ عرض گذاريو ته مون کي بيت الله جي زيارت ڪرايو مگر جڏن مان صاحبزاده کان به جدا نه ٿيان- ڪيس ارشاد ٿيو ته اٿين ٿيندو ۽ هن ايها ڳالهه حضرت محمد عمر کان مخفي رکي. اتفاق اٿين ٿيو جو حضرت محمد عمر سخت بيمار ٿي پيو ۽ وري وڃ ۾ ٿورو خوش ٿيو. هن الله تعالیٰ کان دعا گهري ته مون کي هن موذي مرض کان نجات ملي ته هن سال مان حج بيت الله تي ويندس ۽ اتي هڪ آٿ قرباني ڏيندس. الله تبارڪ و تعالیٰ جي دربار ۾ هن جي دعا مستجاب ٿي هو بلڪل خوش خورم ٿيو، تنهن ڪري هو سموري اهل و اطفال سميت حج بيت الله لاءِ مڪمل معظم ڏانهن روانه ٿيو. جڏ هن هو اتي پهتا تڏهن سندن خادم ڪين سموري مٿي ذڪر ڪيل حقيقت ٻڌائي جو هو ٻڌي خوش ٿيا. حضرت شاه ابوالخير تنهن وقت چئن سالن جي عمر جو هو. سندس والد محترم پنهنجي والد يعني صاحبزاده جي جد امجد کي آڻي عرض ڪيو ته اوهان هن نينگر کي پنهنجي بيعت جو شرف عطا ڪيو. سندس جد امجد مدينه منور ۾ اندر باب جبريل وٽ صاحبزاده کي دست بيعت ڪرڻ فرمايو. حضرت شاه ابوالخير ستن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو ۽ روزانه هڪ منزل قران شريف جي پڙهندو هو. ايتري قدر جو مدينه منوره کان مڪ معظم ويندي آٿ جي ڪجائي تي ويهي به منزل پوري ڪندو هو. هن چوڏهن ورهن ۾ سمورو علم حاصل ڪيو. تنهن کان پوءِ ڪين هندستان موٽي اچڻ جو خيال ٿيو ۽ ڪين حضور پاڪ کان به اجازت

ملي. جڏهن سندن جهاز ڪلڪته بندر تي پهتو تہ نواب رامپور واري کي خبر پيئي جنهن پنهنجا خاص ماڻهو حضرت شاه ابوالخير جي استقبال لاءِ موڪليا جي هنکي عزت ۽ احترام سان ڪلڪته کان رامپور وٽي آيا. نواب صاحب هن کي پنهنجي ٻي نظير باغ ۾ رهايو ۽ رات ڏينهن هنجي خدمت ۾ رهندو هو. حضرت شاه ابوالخير جي مجاهدي، رياضت ۽ ڪرامات جو رسالو ۾ گهڻو ذڪر ٿيل آهي مگر هن ڪتاب ۾ مختصر حالات ڏيکاري ويئي آهي.

حضرت شاه ابوالخير جمع رات عصر جي نماز کانپوءِ ماه جمادي الاخر سنہ ١٣٤١ھ بمطابق ١٩٢١ع ۾ رحلت فرمائي. سندس مزار پر انوار مجددي ۾ حضرت شاه ابو سعيد جي ڀرسان آهي.

فاروقي خاندان جي خصوصيت

سڄل سرمست جو ڪلام آهي تہ:

جيهي تيهي نون عشق نہ پچندا - ماري عشق اميران

سو هن خاندان جي عشق جو تير هميشه وقت جي حاڪمن کي لڳندو رهيو آهي جنهن ڪري وقت جا حاڪم سندن مريد ۽ معتقد رهندا آيا آهن.

حضرت داتا گنج بخش
(از ڪتاب ڪشف المحجوب)

حضرت داتا گنج بخش جو اسم مبارڪ علي بن سيد عثمان هو. هو اصل ويندل غزنوي جو هيو مگر اتان هجرت ڪري اچي لاهور ۾ سڪونت پذير ٿيو جتي سندس ٽالو داتا گنج بخش مشهور ٿيو. سندس سلسلہ نسب هن ريت آهي:

علي بن سيد عثمان بن سيد علي بن حسن اصغر بن سيد زيد شهيد بن حضرت امام حسين صلوات و السلام.

بيعت شيخ ابوالفضل بن حسن ختلي جي کئي هيائين جو شيخ ابوالحسن حصريءَ جو مريد هيو. سندس طريقت جو شجرہ شيخ جنيد بغدادي‌ءَ تائين پهچي ٿو. ازآن سواءِ ڪيترن ٻين مشائخن کان فيض حاصل ڪيو هيائين جن جو تفصيل سندس ڪتاب المحجوب ۾ ڏيکاريل آهي.

سندس مذهب حنفي هيو. امام محمد ابوحنيفہ نعمان هنجي خاص عقيدت هوندي هئي جنهن ڪري هنجو نالو عزت سان وٺندو هيو. هن پنهنجي ڪتاب جي صفحہ ۱۸-۱۹ ۾ پنهنجي هڪ خواب جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ هن ڏيکاريو آهي تہ مان شام جي ملڪ ۾ حضرت بلال جي مزار تي ستو پيو هيس تہ حضرت پيغمبر پاڪ صلي الله عليہ و سلم جن کي خواب ۾ ڏٺم تہ سندن هنج مبارڪ ۾ هڪ پير مرد ويڙهل آهي. مان عرض گذاريو تہ يا حضور انور هيءَ شخص ڪير آهي؟ ڀاڪ فرمايائون تہ هيءَ ابوحنيفہ آهي. هن خواب مان مونکي معلوم ٿيو تہ ابوحنيفہ پنهنجي ذاتي صفات کان فاني آهي فقط احڪام شريعت واسطي باقي آهي ڇو جو آن جو ڪٽندڙ حضرت رسول الله صلي‌الله عليہ و آلہ وسلم آهي.

سندس عام لقب جو داتا گنج بخش مشهور آهي تنهن بابت لکيل آهي تہ هڪ دفع خواجہ معين‌الدين چشتي سندس مزار مبارڪ تي چلہ ڪڍيو ۽ فيض حاصل ڪيو- فيض حاصل ڪرڻ بعد جڏهن آتان لنگهيو تہ هيءَ شعر پڙهيائين :-

گنج بخش فيض عالم- مظهر نور خدا

ناقصان را پير کامل- کاملان را رهنما.

—

اڄ ڏينهن تائين مزار مبارڪ جي پر سان جتي خواجہ معين‌الدين چشتي چلہ ڪڍيو آهي آتي زيارت گاهہ ٿهيل آهي.

داتا گنج بخش گهڻا ڪتاب تصنيف ڪيا آهن جن مان المحجوب زياده مشهور آهي. آهو ڪتاب تصوف ۾ معتبر ۽ مشهور آهي جنهن ۾ گهڻيون حقيقتون ۽ روحاني راز ڏيکاريل آهن -

خواجه نظام الدين لکي فرمايو آهي ته :-

" اگر کسي را پير نباشد چون اين کتاب را مطالع کند اورا برکتي پيدا ميشود ".

معنيٰ - جيڪڏهن ڪنهي کي مرشد نه هجي ته ان کي هن ڪتاب پڙهڻ سان گهڻي برڪت نصب ٿيندي.

صوفي داتا گنج بخش صوفين لاءِ فرمايو آهي ته صوفي آهو آهي جنهن جو قلب صفا آهي ۽ ڪدورت کان دور آهي. هن مرتبه کي فقط ڪاملان ولايت پهچي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪو صوفي يا فقير حقاني دعوت جو دعويدار هجي تنهن لاءِ سنت نبوي تي قائم رهڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن تون خلق کي دعوت پيو ڏيندين پر پاڻ فرض کان تارک رهندين ته اهڙي دعوت اسلام کان خارج آهي. هن پنهنجي ڪتاب جي باب ستين ۾ اصحاب ڪرام جي نهايت گهڻي تعريف ڪئي آهي جنهن جي شروعات حضرت ابوبڪر صديق رضي‌الله عنه کان ٿيل آهي ۽ لکي ٿو ته :-

۱- خليفه پهريون

شيخ الاسلام و بعد از انبياء خيرالانام، خليفه و امام سيد اهل تجريد و شهنشاه ارباب تفريد اميرالمومنين ابوبکر عبدالله الصديق.

۲- خليفه چوٿون

برادر مصطفيٰ و غريق بحر جلا، و غريق نار و لا مقتدائي جمله اوليا و اصفيا ابوالحسن علي بن ابي‌طالب کرم‌الله وجه

معنيٰ - اسلام جو عالم ۽ نبين ڪانپوءِ سڀني انسانن کان

نيڪ، خليفہ ۽ امام، عبادت گذارن جو سردار ۽ پرهيزگارن جو شهنشاه اميرالمومنين ابوبڪر عبدالله صديق.

۴- حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جو پاڻ، نور جي سمند ۾ غرق ٿيل، عشق جي باه ۾ لعل ٿيل، سڀني اولياڻن ۽ پرهيزگارن جو سردار، حضرت امام حسن جو والد بزرگوار حضرت علي ابن طالب ڪرم الله وجه.

ساڳي طرح خليفہ ۲ ۽ ۳ لاءِ پڻ گهڻي تعريف ٿيل آهي.

دانا گنج بخش سنہ ۴۶۵ھ ۾ رحلت فرمائي. سندس مزار مبارڪ لاهور ۾ آهي.

—

شيخ ابوالنصر سراج

ڪتاب تذڪرة الاولیا ۾ ذڪر آيل آهي تہ هڪ دفعہ شيخ ابوالنصر سراج سرديءَ جي موسم ۾ رات جي وقت باهر جي ويجهو ويٺو هيو ۽ پيا ۽ ڪيترا مشائخ موجود هيا. معرفت الاهي جو گفتگو هلي رهيو هيو تہ اوچتو هن تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي جو هو پرندڙ باهر ۾ ڪري پيو. سندس مريد خوف سبب باهر هليا ويا مگر بعد ۾ موتي اچي ڏسن تہ هن تي باهر جو ڪو به اثر ڪونہ ٿيو هو. اٽلندو هن جو چهرو مبارڪ چوڏهين جي چند مثل چمڪي رهيو هو. سوال پڇن تي پاڻ فرمايائون تہ جنهن بندي بارگاه الاهي ۾ پيشاني گسائي آهي آن جي چهري ڪي باهر چا جلائي سگهندي؟ هنکي طاؤس الفقرا ڪري سڏيو وڃي ٿو. سندس تصنيف "اللمع" معتبر ۽ مشهور آهي جنهن ڪتاب ۾ اصحاب ڪرام جي گهڻي تعريف ٿيل آهي.

—

شيخ فريدالدين عطار

هو اصل ويڙل کدڪن جي ڳوٺ جو هيو جو نيشاپور جي پرڳڻي ۾ آهي. هو شيخ مجدد الدين بغدادي جو مريد هيو. مولانا جلال‌الدين رومي فرمايو آهي ته حسين منصور جي نور ڏيڻ سو ورهن کان پوءِ شيخ فريدالدين جي نور تي تجلي ڪئي آهي. هن جون مثنويون، غزل ۽ شعر مشهور آهن.

جڏهن ترڪ کاهي آيا تڏهن هو سترهن ڇڻن سان نڪري غزا ڪرڻ ۾ شهيد ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. جڏهن ترار جي ڏڪ سان سندس سسي لهي پيئي تڏهن آڌا سسي هٿ ۾ جهلي واپس آيو ۽ انهيءَ حالت ۾ شعر چوندو ٿي آيو جنهن کي بيسر نامه چوندا آهن. سندس ڪتاب منطق الطير مشهور آهي جنهن ۾ هن اصحاب ڪرام لاءِ لکڻ فرمايو آهي ته :-

۱- خواجه اول که اول يار اوست
"ثاني اثنين إذهما في‌الغار" اوست
صدر دين صديق اعظم قطب حق
در هم چيز از هم برده سبق.

۲- خواجه شرع آفتاب شرع دين
ظل حق فاروق اعظم شمع دين
ختم کرده عدل و انصافش بحق
تا قيامت برده هر هم سبق.

۳- خواجه سنت که نور مطلق است
بل خداوند دو نور برحق است
آنکه غرق قدس فرقان آمد است
صدر دين عثمان عفان آمد است.

۴- خواجه حق پيشوائي راستين
کوه حلم و بحر علم و قطب دين

ساقي کوثر و امام راهنما
ابن عم مصطفيٰ شير خدا.

معنيٰ : ۱- خواجہ پھريون جو سندن پھريون يار آهي. ۽ سان
ھيو ھن سان گڏ غار ۾ آهي.
دين جو صدر ، صديق اعظم قطب حق جو آهي.
ھن سين کان وڌيڪ سچ ۾ گوءَ ڪنھين آهي.
(نوٽ- ھيءَ ست ۾ قرآن شريف جي جنھن آيت ڏيکاريل
آهي - ڏسجي سورت التوبه رکوع ۵، جنھن ۾ الله تبارک
و تعالیٰ فرمايو آهي تہ حضور پاڪ سان گڏ غار ۾ ھيو
حضرت ابو بکر صديق ساڻي ھو.)

۲- خواجہ شرع دين جو سچ آهي، الله جو پاڇو ۽ دين
جي بڻي فاروق اعظم آهي.
ھن حق جي عدل ۽ انصاف جي انتها ڪري ڇڏي.
عقل ۾ سين کان زياده گوءَ ڪٿي وٺو آهي.

۳- خواجہ سنت جو خاص نور آهي،
ٻلڪ الله جي طرفان ٻن نورن وارو آهي ،
ھو قرآن پاڪ جي ياد ۾ غرق آهي،
دين جو صدر عثمان بن عفان آهي،

۴- خواجہ حق سڀني راست گوين جو سردار آهي،
حلم جو جبل ۽ علم جو سمنڊ دين جو ستارو آهي
ساقي کوثر ۽ سڀني کي رستو ڏيکارينڊڙ امام آهي ،
رسول پاڪ صلعم جو سوٽ ۽ خدا جو شير آهي.

ڪتاب نهج البلاغت جو شيعن صاحبن جو معتبر ترين
ڪتاب آهي، اُنجي صفحہ ۲۳ تي سيدنا حضرت علي المرتضيٰ
صلواة الله عليه جي ازواج ۽ اولاد بابت هيٺين موجب حقيقت
ڏيکاريل آهي:-

۱- حضرت بي بي ام البنين بنت حزام مان هيٺ ڏ يڪاريل فرزند تولد ٿيا :-

(۱) حضرت جعفر (۲) حضرت عباس (۳) حضرت عبدالله (۴) حضرت عثمان -

۲- حضرت بي بي صهبا يا ام حبيب بنت بيع مان بي بي رقيہ ۽ حضرت عمر تولد ٿيا -

۳- حضرت بي بي ليلي بنت مسعود مان حضرت عبيدالله ۽ حضرت ابوبڪر تولد ٿيا -

جيڪڏهن سيدنا حضرت علي المرتضيٰ عليہ صلواة والسلام جي اصحاب ڪرام سان ذري جيتري بہ مخالفت هجي ها تہ هو پنهنجن فرزندن ارجمندن تي هنن جا نالا هرگز نہ رکي ها .

قرآن شريف ۾ فرمايل آهي :

صم بكم عمي فهم لا يرجعون .

—

حافظ درازيءَ جو ابدي وصال

حضرت سرمست جي صحت هميشه سٺي رهندي ايندي هئي مگر پوين ڏينهن ۾ ڪيس اسهال جي بيماري ٿي جنهن سبب نوي سال هن دنيا فانيءَ ۾ رهي ابدي وصال ماڻيو- انا الله و انا اليہ راجعون .

حضرت سرمست پاڻ فرمائيندو هو تہ اسانجي عمر ۱۰۵ ورهيہ آهي مگر اسان ۱۰۵ سال اڳ سرڪار عالي جي سلام تي ويندا سون ۽ وري چهين پشت ۾ موٽي اچي عشق جي منزل تي جلوه افروز ٿيندا سون . فقير نانڪ يوسف عرض ڪندو هو تہ منهنجي عمر تيستائين وفا ڪري جو مان وري ٻيهر زيارت ڪان مشرف ٿيان .

سلطان العاشقين حضرت سخي قبول محمد دوم

چهين پشت ۾ سلطان العاشقين سرتاج السالڪين حضرت سخي قبول محمد دوم سال ۱۲۶۲ هجري بمطابق ۱۸۴۲ع ۾ تولد ٿيو. اڃان ڏهن سالن جو هو تہ سندس والد بزرگوار حضرت خواجہ نجم الدين رحلت ڪئي ۽ پاڻ سال ۱۲۷۲هـ بمطابق ۱۸۵۲ع ۾ عشق جي مسند تي جلوہ افروز ٿيو. پاڻ فرمائيندو هو تہ اسان اڃان ٻار هياسون ۽ راند ٿي ڪئي سون تہ اسانکي تخت تي ويهاريو ويو هو. هن محي العشق نئين سر عشق الاهي ڪي زنده ڪيو جنهن جي فيض بي پايان کان هزارين بهره ور ٿيا. هن جي فيض، سخا ۽ ڪرامتن جون ڪهاڻيون جيڪڏهن قلمبند ڪيون وڃن تہ هوند الف ليلي جيڏو داستان ٿهي پوي مگر ڪتاب جي طويل ٿي وڃڻ سبب هتي بيان ڪري نٿيون سگهجن. جيڪڏهن حياتيءَ وفا ڪئي تہ ست انشاالله ڌار سوانح حيات لکي ويندي.

جنهن وقت هيءَ محي العشق دنيا ۾ وارد ٿيو تهن وقت فقير نانک يوسف زنده هو جنهنکي پنهنجي پير مغان جي پيشگوئي ياد هئي، تنهن هن نونهال نينگر کي جهوليءَ ۾ جهلي هيٺيون ڪلام چيو:

ڪلام

ٽل- عمر دراز تيڏي الله نگهبان هووئي-
الله نگهبان هووئي علي دي امان هووئي

۱- بخت بلند دم تخت سلامت- تاج تيڏي سر عشق امامت
صاحبَ سلامـــي تيڏي- عـرب ايـــران هـووئي

۲- عشق تساندڙا زور لٽيندا- دائر دل تي چاهم چاهيندا
سدا جند جواني ساڻين- غريبان دا ڏيان هووئي

۳- عشق تيڏي وچ عاشق جڪندي- تاکون سيکان وچ عاشق سڪندي
دل معلوم تساڏي نال- راضي رب رحمٰن هووئي

٤- ديس ۽ ديسئون جوڳي آيا- ڪليا تساندا نور نظارا
جين ملڪ انسان آتي- شاهي وڏا شان هووئي

٥- مڻ تا دلبر دعا ڳڻ تيڏي- پال ڪري سڻ آزي ميڏي
ڪرين گوش گولي‌۽ اتي- مولي مهربان هووئي

٦- نانڪ يوسف نون تيڏي تاري- ڏوه گناه سڀ دوا تي پساري
هر دم هوين نال اساندي- ديرا درازان هووئي.

—

ديگر ڪلام نانڪ يوسف

ٻڌ ري‌۽ عشق الله جي ٻاجهون- ٻيو سڀ ڪوڙ پسارو ٿي
ڀر ڳهڻ پير قبول محمد- صاحب سدا سوڀارو ٿي
گرو۽ گيان بتايو سارو- شهر درازن وارو ٿي
پاتالڻون آڪاس عجيب- صاحب سدا سوڀارو ٿي
دائم درد وندن جي ياري- راحم رحم آڌارو ٿي
انا احمد بلا ميمي- حال محمد وارو ٿي
صاحبزادا ۽ شهزادا- ستّر الله جو سارو ٿي
عشق الله امداد انهن سان- هو ڪو سچ سڃارو ٿي
ياور يار يگانا يڪدم- پنجتن نور نظارو ٿي
منجهه درياه وحدت واڌ يون- وچتيون ٻريم پسارو ٿي
پاڻ سڃاڻي مار انا الحق- دم ايهو اڄ وارو ٿي
نانڪ يوسف يار سڃل جو- دم دم ايهو اشارو ٿي.

—

حضرت سخي قبول محمد دوم (٨١) سال هن فاني دنيا ۾ رهي ان‌ڪي آفتاب فيض سان منور ڪري تاريخ ٢٣ ذوالقعد ١٣٤٣هـ بمطابق ١٨٢٤ع ۾ ابدي وصال ماڻيو.

سندس رحلت بعد سندس وڏو فرزند حضرت سائين صاحبڏنو دوم هن عشق جي مسند تي جلوه افروز ٿيو. هن

پنهن جو وارو وڃائي تاريخ ۲۶ رمضان ۱۳۵۰ھ بمطابق ۱۹۳۰ع تي ابدي وصال ماڻيو.

حضرت سائين صاحبڈنہ دوم جي رحلت بعد سندس وڏو فرزند سائين جان محمد عشق جي مسند تي جلوه افروز ٿيو. تاج پوشيءَ جي موقع تي سائين صالح شاه سجاده نشين صاحب راڻي پور تشريف فرما ٿيو هو جنهن انهيءَ موقع تي اڻي اظهار ڪيو ته صاحبزاده تي نالو سندس جد امجد جو رکيو وڃي. سڀني حاضر طالبن آمنا ڪئي، جنهن ڪري پاڻ سخي قبول محمد ثالث جي اسم گرامي سان سڏجڻ لڳا. حضرت قبول محمد ثالث تاريخ ۲۵ ربيع الثاني ۱۳۷۱ هجري بمطابق ۱۹۵۲ع ۾ ابدي وصال ماڻيو.

حضرت سخي قبول محمد ثالث جي لاولد هجڻ سبب سندس ننڍو ڀاءُ حضرت خواجہ عبدالحق ثاني تاريخ ۲۵ جنوري سنہ ۱۹۵۲ع تي عشق جي مسند تي جلوه افروز ٿيو. خداوند ڪريم پنهن جي فضل عميم سان کيس عمر دراز بخشي ۽ سندس پشت قائم ڪري. آمين.

حضرت سخي قبول محمد دوم جي ڪن طالبن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو جي هن وقت فوت ٿي ويل آهن، جي شاعر ٿي گذريا آهن. جي ڪڏهن حياتي وفا ڪئي ته حضرت سخي قبول محمد ثانيءَ جي سوانح عمري لکي ويندي ۽ انهيءَ ۾ سڀني طالبن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ ذڪر ڪيو ويندو.

ايسر فقير، روهڙي

ذڪر آيل آهي ته حضرت سخي قبول محمد دوم کي تخت نشيني تي اڃان ٿورو عرصو گذريو هو ته ڀائي ايسر ولد ڀائي پرمانند وينل رانو تي تعلق اوپاڙه، فقيري فيض حاصل ڪرڻ لاءِ آيو. هو جڏهن درگاه شريف ۾ وارد ٿيو ته ڏٺائين

ته سجاده نشين صاحب هارن سان ويڻي ٿي راند ڪئي. هن دل ۾ سوچيو ته جو پاڻ اچان راند ۾ مشغول آهي سو مون تي ڪهڙو فيض ڪندو؟ تاهم هو به راند ڏسڻ لاءِ اچي بيٺو. سائين بادشاه جن ته چائيندي چام هيا تنهن‌کي هن جي دل جو حال معلوم ٿيو ۽ هن کي پانهن کان وڌي طور سينا جي روضه مبارڪ ۾ خواجه نظر محمد جي تربت متان اچي ٻيهاريو ۽ سائين نظر محمدکي عرض ڪيو ته "ڏاڏا سائين! هيءَ سوالي آيو آڻو." فقير کي اتي مراقبي ۾ ويهاري پاڻ باهر هليا آيا ۽ درٻان‌کي حڪم ڏنائون ته هن کي هتان نه اڻارجو مگر حسب دستور رات جو دروازو بند ڪري ڇڏجو. ٽي ڏينهن ساندو فقير مراقبي ۾ گم هو. ٽن ڏينهن بعد هن کي اتان اڻاري حڪم ڪيائون ته هاڻي وڃ ۽ وڃي گرنار طرف عشق ڪماءِ.

ايسر فقير حڪم مطابق اتان روانو ٿيو ۽ پنڌ ڪندي اچي سنگرار ۾ پهتو. سنگرار جي شهر جي ٻاهران مساڻ هوا، جتي گيانپوري گوسائين رهندو هو. اتي اچي رهيو. گوسائين جو دستور هو ته صبح جو شهر ۾ ٻکيا وٺڻ لاءِ ويندو هو ۽ هڪڙي ٽي در تان هڪ مانيءَ جيترو اٽو وٺي واپس ايندو هو ۽ مانيءَ پچائي گذر ڪندو هو. جي ڪڍهن وٽس ڪي مهمان ايندا هوا ته به انهيءَ هڪ مانيءَ سان ٽڪر ٽڪر ڪري ونڊي ورهائي ڪائيندو هو مگر وڏيڪ ٻيڪ- وٺڻ ڪونه ويندو هو. هن چٽن ڏينهن گذرڻ بعد ايسر فقير گوسائين کي عرض ڪيو ته، توهان تڪليف نه ڪيو هينئر سان ٻيڪ- وٺي ٿو اچان. هن وڃي هڪ دروازي تي الڪ ڇڻو. گهر واري مائي هن کي اٽو ڏئو هو وٺي واپس آيو ۽ وري ٻي ڏينهن تي به انهيءَ ساڳي دروازي تي ويو. گهر واري مائي پنهن جي ڏيءَ چاندل پائي کي چيو ته فقير کي ٻکيا ڏي- چوکري جنهن جي عمر ۱۳-۱۴ سال هئي فقير لاءِ اٽو هٿ ۾ ڪئي دروازي تي آئي. جئن هن هٿ وڌائي فقير کي خيرات

ٹي ڏني تہ فقير کي ڏسندي ئي ويڻي ۽ فقير ٻہ اتي ئي ويو. ٻئي ٻيڄان بت بڻجي دروازي تي بيهي رهيا. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد ڇوڪريءَ جي ماءُ چاندل کي سڏ ڪيو تہ هوءَ فقير کي ٻڌيا ڏيڻي الائي ڪيڏانهن ويڻي. جواب نہ ملڻ تي مائي اڇي ڏسي تہ هو ٻئي هڪ ٻي ٻہ اڪيون اکين سان ملائي ٻي جان بت بڻيا ٻيٺا آهن. مائي کي ايها ڪاهلہ ناڪوار نظر آئي، سو ڏيءَ کي زوريءَ گهلي اندر آڻي ۽ فقير هليو ويو. هن گوسائين ڏي نياپو موڪليو تہ آئيندہ پنهن جي چيلي کي اسان جي در تي نہ موڪليندو ڪر. بدن تي تہ ٻابندي فوراً عائد ٿي ويڻي وليڪن دل تي جو تير جو ڪاري زخم رسيو ان جو اثر ڪٿن ٿو ميڙجي سگهي؟ سو هڪ رات وڃهہ وٽي چاندل ٻائي مسائٽ طرف محبوب سان ملڻ لاءِ اٿي هلي. ايسر فقير اڳئي ملڻ لاءِ منتظر ويٺو هو، سو ٻئي ريگستان ڏانهن رخ رکي روانہ ٿيا. صبح جو چاندل جا ماءُ پيءُ هن کي گهر ٻہ نہ ڏسي هن جي ڪيڙ چاري ٽي لڳا ۽ پيرا ڪٽندي پوئتان هلندا هليا. عاشقن هنن کي پوئتان ايندو ڏسو ٽي سگهو هو هنن کي ڏسي نٿي سگهيا، جنهن ڪري هو پيرا ستائيندا هلندا هليا. اٺ واريءَ ٻہ پيرو غائب ٽي ويو ۽ هو نااميد ۽ نراس ٽي واپس موٽي آيا. هيءَ ٻئي عاشق ڪهندي ڪهندي نيٺ وڃي گرنار پهتا، جتي هو چوڏانهن سال ساندہ رهيا جنهن بعد سالڪن جي حڪم مطابق موٽي درگاہ شريف تي آيا. انهيءَ وقت سائين بادشاہ جن ڪٽ تي ويٺل هوا، جنهن تي فقير هيٺيون ڪلام چيو:

الحمد پڙهان ويڻي هٽ تي - محبوب ماڻيان خوش ڪٽ تي

اتان پوءِ هنن کي حڪم مليو تہ روهڙي ٻہ وڃي درياہ جي ڪپ تي پيل هينان آستانو ٻڌايو، جنهن ڪري هو اڃي روهڙي ٻہ رهيا. رات جو ايسر فقير پاڻ کي پيل ٻہ ابتو ٽنگائي چڙيندو هو ۽ چاندل ٻائي هينان رڻي جي جهول جهلي ويڻي هوندي هئي. هنن جالاڙہ نہ روهڙي ٻہ ڪيو ۽ انهن جي اتي

ڈيوري ۽ آستانو ٿهيل آهي، جتي کيترا هندو درشن لاءِ ايندا آهن. ايسر فقير روهڑي ۾ وڏو سنت ۽ مها آتما ٿي گذريو آهي. هن جا پنهن جا شعر چيل آهن:

ايسر فقير جو کلام

روپ جوگ

جنهن کي رانول رمز چڪائي- سادل ڪرندي ماهي ماهي
عشق ماهي دي ڪيتا آداسي - هره لائيان تن باهيان
١- هير رانجهو دا لو هو لا نوان - ڈيندي مٽاڪ اوگاهيان
پي هرڪائي ماءُ پيءُ دي جائي - هير عشق دي جائي-
٢- سهڻي ڪون سڪ ساهڑ دي - جيڪا گهر ۾ سول نه گهاري
مرکي پيتائين سوز سچي جي - جا ول ول پاڻ سنهاري
هڏ ندي سهل ميهر ڪرندي - اڏ درياه وچ آئي- سادل
٣- ڏاڍ تہ مٽيءُ سان ڏير ڪري ويا- ڪرهل کيچ قطاري
ڪاڻ پنهل جي هرين پياري- ڪامڻ روز ڪوڪاري
لڳس بند بلوچستان والا - قادر قلم وهائي-
٤- کوٽ ۾ آئي قيد ڪئي تو- ڪنهن ڏمر سان ڏوڻائي
جيڙي ميلان ماروئڙن کي- صاحب ٿيندم سائي
مرکي ملڪ شال ملهائيان - کير کنڊون گڏ کائي
٥- ليلان لڏي لاڏ ڪيو - جنهن هار تي ور منايو
مومل مٽي پنهن جي ماٹي - جنهن سيتل راڪ سمهاريو
پائي ميارن ڪچيءُ گاري - راڻي روجهه نوائي
٦- اهڙي يارو کير کري - جهڙا شمس شان وڏايا
صيفل شاه هري دي ڪيتي - اِرَم هنڊ پچايا
عشق انهينون چا الگ ڪيتا - دونهين درد دکائي-
٧- زليخان يوسف کاڻ جو گهائي - جنهن روئي حال وجايا
عشق ليلىٰ دي مجني اندر - پڙڪا هـره آڻايا
سوريءُ تي منصور سارائي - گل گهت رلف دي ڦاهي -

۸- سودا وٹج واپار گھٹان - هڪ عشق نہ ملهه وڪامي
ايسر عرض اهو ئي آکي - دم دم روز ليلائي
ڈيئے سر سلطان ٽياسي - چارڻ تند وڃائي.
سادل ڪرندي اِماهي ماهي.

ذڪر آيل آهي ته روهڑي جو هڪ شاگرد، جو تازو حضرت سخي قبول محمد دوم جو طالب ٿي آيو هيو، سڏرڪ جي امتحان ۾ اتفاقاً فيل ٿي پيو جنهن تي سندس مائڻ کيس طعنا هنيا ته مرشد تنهن جي ڪهڑي مدد ڪئي ۽ اڳتي هو تنهن جي ڪهڑي مدد ڪندو؟ چوڪر ويچارو لاجواب ٿي ويٺو مگر ساڳي وقت روئي مرشدڪي دل ۾ دانهن ڏنائين ته مان ته رب جي رضا تي صابر ۽ شاڪر آهيان مگر هنن کي ته تون سمجهاءِ ته مون کي تنگ نه ڪن. اٿين چئي هو باهر نڪري هليو ويو. ڪجهه دير بعد هڪ فقير اچي سندس در تي خيرات لاءِ صدا هنئي. سندس گهر جو هڪ نئيو ۽ ٻار خيرات ڪئي فقير کي ڏيڻ ويو مگر فقير خيرات وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته مان فلاڻي جي ماڻهه سان ملڻ لاءِ آيو آهيان ۽ نه خيرات وٺڻ آيو آهيان. فقير جا اهي الفاظ انهيءَ شاگرد جي والده کي ناگوار لڳا تنهن ڪري هن انهيءَ ٻار کي چيو ته فقير کي چؤ ته مائي گهر ۾ موجود نه آهي تنهن تي فقير چيو ته نه مائي گهر ۾ ويٺي آهي ۽ ڪيس فلاڻا ڪپڑا پيل آهي ۽ فلاڻو ڪم ڪري رهي آهي ۽ فلاڻي طرف سندس منهن آهي. جڏهن ايهي عجب جڙيون ڳالهيون شاگرد جي ماءُ ٻڌيون ته در تي فقير سان ڳالهائڻ لاءِ آئي. فقير کيس چيو ته مائي تون زماني جي ناڪاميابي تي ايترو ارمان چو ڪيو آهي؟ توکي سردار دوجهان صلي‌الله عليه وسلم ۽ اصحاب ڪرام جي حالات تي غور ڪرڻ گهرجي. هيءَ توهان جي خوش نصيبي آهي جو اجڑو چوڪ، اوهان کي الله ڏنو آهي. تون

دلگير نہ ٿيءَ الله سپ چگي ڪندو. فقير ائين چئي هلڻ لڳو. عورتن جي فطرت موجب شاگرد جي والده ۽ ٻيون عورتون هن کان پي پي قسم جا سوال پڇڻ لڳيون ته فلاڻو ڪم ڪين ٿيندو ۽ ڪڏهن ٿيندو وغيره، مگر فقير جواب ڏنو ته انهن سڀني سوالن جو جواب مان پنهنجي جوءَ تي ڏيندس. عورتن هن کان پڇيو ته فقير تنهن جي جوءَ (رهڻ جو جاءِ) ڪٿي آهي؟ فقير جواب ڏنو ته آها اسان جي طالب کي معلوم آهي. ائين چئي فقير يڪدم غائب ٿي ويو. شاگرد جي سوٽي اچڻ تي عورتن کيس مڃين حقيقت کان آگاه ڪيو. شاگرد هنن کان پڇيو ته فقير جو حليه ڪهڙو هو؟ هنن چيو ته سندس حليو هُوَبهُو سائين سخي بادشاه جهڙو هو مگر ڪيس لباس فقيراڻو هيو. خير، شاگرد جي مائڻن تي فقير جي سمجهائڻ ڪهڙو اثر ڪيو.

وري آڇر ڏينهن تي جڏهن آهو شاگرد درگاه شريف تي ويو ته سائين بادشاهه جن مشڪي فرمايو "ابا، توتي آگ هجي." شاگرد عرض ڪيو ته "قبلا سائين جون مون تي سوين آڳان آهن مگر سائين جن الائي ڪهڙي آگ جو ذڪر ڪن ٿا." جنهن هن قربدار وري به مشڪي فرمايو ته "ابا، اسان تنهنجي گهر آيا هياسون، مگر تون ڪونہ هئين." تنهن تي شاگرد چيو ته قبلا ڪجهه، ترسو ها ته مان به ته زيارت مان مشرف ٿيا ها. پاڻ فرمايائون ته ابا، تون ته هميشه اسان سان گڏ آهين مگر تو روئي اسان کي دانهن ڏني جا اسان سهي نہ سگهياسون، تنهن ڪري اچي تنهنجي والده کي سمجهائي وياسون. آئيندہ هو توکي تنگ نہ ڪندا. سبحان الله.

ياد رکڻ گهرجي ته سائين سخي بادشاه جن قديمي روايات موجب بظاهر لوڙهي کان ٻاهر نہ نڪرندا هيا. هن ڪامل اڪمل جون اهڙيون بلڪ انهيءَ کان وڌيڪ هزارين ڪرامتون آهن جن جي قلمند ڪرڻ لاءِ وڏو داستان گهرجي. هت مثال لاءِ هڪ ادنيٰ گالهه لکي ويئي آهي.

ماستر احمد علي فقير

هيءَ اصل گهوٽڪي جو باشندو هيو ۽ آخرين وقت ۾ پير ڪوٽ جي سنڌي سڪول ۾ هيڈ ماستر هيو. هو حضرت سخي مقبول محمد دوم جو طالب ۽ عاشق صادق هيو. سندس بي انتها عشق بابت سندس هڪ ڪلام جو ٻهريون مصرع پيش ڪجي ٿو:

الله ڪر هو يا تہ ڪر سهين — ميڏا يار جيئي پرواه نهين.

—

مرشد اڪمل جو ۽ هن تي ڏاڍو راز هيو، جنهن جو هڪ مثال هت پيش ڪيو وڃي ٿو. هو روشن ضمير ۽ زنده دل درويش هيو. جڏهن سندس وفات جو وقت ويجهو آيو تہ هن هڪ ڪلام چيو جنهن جو ٻهريون مصرع پيش ڪجي ٿو:

مولليءِ ڪندو شل قائم هوندس — شاه سخيءَ جي قدمن سان.

—

پير ڪوٽ ۾ بيماريءَ جي بستري تي هن ايهو ڪلام چيو تہ واڌيڪ ويس وانگر سندس مرشد جي حضور ۾ پهچي ويو ۽ اجابت ۾ اچي ويو. آنهيءَ وقت سردار بهادر محمد بخش درگاه شريف تي سائين سخي بادشاه جي حضور ۾ حاضر هيو. سائين بادشاه جن اوچتو هن کي فرمايو "ابا! ماستر احمد علي جو هينئر ستت دم پرواز ٿيڻو آهي ۽ سندس استدعا هيڏانهن اچڻ جي آهي تنهن ڪري هينئر يڪدم تون پير ڪوٽ وڃ ۽ سندس لاش هيڏانهن ڪٽائي اڃ تہ هت دفن ڪيو ويندو." حڪم موجب سردار بهادر روانو ٿيو ۽ سندس رهايش گاه تي

پهتو. هو وڃي ڏسي تہ ماستر صاحب پنهنجو پاڻ کي غسل ڏيڻي، ٿوان ڪيڙا پوري بستري تي ستو پيو آهي. هن جڏهن سردار بهادر کي ڏٺو تہ مشڪي چيائين تہ مرشد سائين قرب ڪري منهنجو عرض اجابت ۾ آندو آهي، هينئر ٿوري دير ترس تہ هلون ٿا. ماڻ غسل ڪري چڏيو آهي، هينئر ٻي غسل جي ضرورت ڪانہ آهي ۽ سردار بهادر کي چيائين تہ منهنجي پرسان ڪرسي رکو. اوهان سڀ باهر هليا وڃو ۽ دروازو بند ڪري چڏيو.

سردار بهادر ڪان روايت آهي تہ جڏهن دروازو بند ڪري اسان سڀ باهر نڪري آياسون تہ هڪ نور جي لات آسمان کان آئي ۽ روشن دان مان اندر روم ۾ ويئي. روشني اندر وڃڻ بعد ٻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. وري جڏهن اها نور جي لات ساڳي باهر نڪري ويئي تہ ماستر صاحب اسان کي اندر سڏ ڪيو ۽ مون کي چيائين تہ هينئر مرشد سائين ڪان رخصت ورتيسين هينئر ترسو تہ هلون ٿا پوءِ هن ۲-۳ منٽ ويهي ذڪر ڪيو ۽ چيو تہ فقيرو هاڻي يا علي مدد. پوءِ ڪلمون پري سمهي پيو ۽ سندس دم پرواز ٿي ويو. اسان لاش ڪٽائڻ جو بندوبست اڳ ڪري چڏيو هيو تنهن ڪري دم پرواز ٿيڻ بعد يڪدم سندس لاش درگاه شريف ڏانهن ڪٽائي وياسون. جڏهن آتي پهتاسون تہ سائين جن اسان جي انتظار ۾ اڳ ۾ بيٺا هياء. پاڻ فرمايائون: "ابا اچي ويؤ، لاش لئي هيڻان وڃي دفن ڪيو."

جڏهن قبر تيار ٿي ۽ لاش سمهاريو ويو تہ لاش يڪدم پاسيرو ٿي ويو. ڪيتريءَ ڪوشش ۽ زور جي باوجود به لاش سنئون نہ ٿيو، جنهن ڪري مجبوراً سائين جن جي حضور ۾ عرض گذاريو ويو. پاڻ فرمايائون "ابا هيءَ عاشق صادق آهي. اوهان هن کي چڏي ڏيو ۽ قبر بند ڪري چڏيو." ياد رکڻ گهرجي تہ قبلہ به سڏهن جي طرف هيو ۽ روضو مبارک به ساڳي

طرف هيو، تنهن کري عشق جي غلبہ سبب هن نہ فقط پنهنجو منهن کعبتہ اللہ طرف ڦيريو مگر سارو کعبتہ اللہ طرف ڦري ويو. سبحان اللہ.

کلام ماستر احمد علي

ٽل - جنکي سڪ سخيءَ سرور جي - کهڙي کاڻ کين محشر جي
١- کامل اکمل قرب کرارو - مهر مٺس حيدر جي - کهڙي کاڻ.....
٢- هڪ دفع جي زيارت سان ٿي - معاف پڇا ٿي قبر جي - کهڙي کاڻ.....
٣- مهر ميڙي جي هڪڙيءَ نظر سان - باه حرام بقر جي - کهڙي کاڻ.....
٤- احمد علي سدا خاڪ پيو چم - درس درازن شهر جي - کهڙي کاڻ.....

—

سخي تنهن جي سام پئي آهيان - پئي آهيان تہ لڳي آهيان.

—

دم دم اينے دلبر نون - مٺن لوليان ڏي تہ ريجهيندين.

—

سندس اهي کلام مقبول عام هوندا هيا.

فقير هادي بخش

هي شڪارپور جو باشنده هيو ۽ سب رجسٽرار جي عهدي تي فائز هيو. هي شاعر ۽ مصنف هوندو هو. سندس تصنيف کيل ۾ کتاب ترغيب الطالبين ۽ جوهر توحيد قابل تعريف

۽ فقيري نقطہ نگاہ کان لاجواب آھن - سندس شعر جو نمونو مٿي ڏيکاريل آھي - کيس درگاہ شريف جا سڀ طالب نندا خواہ وڏا، هندو خواہ مسلمان چاچو ڪري چوندا هيا. پاڻ ۾ سڀني کي پنهنجو پائٽيو سمجهي شفقت جو هٿ رکندو هيو. سندس شڪارپور ۾ عالي درگاہ آهي جتي اسانجي درگاہ شريف جو خليفہ صاحب مرحوم مغفور رسول بخش ۽ سندس فرزند غلام مصطفيٰ مدفون ٿيل آهن.

ڪريمڏنہ فقير

هن جو اصل نالو ڪريم بخش هيو مگر حضرت سخي قبول محمد ثاني سندس نالو پيار کان ڪريمڏنہ رکيو هو - هو اصل شڪارپور جو باشندہ هيو مگر ڪراچي ۾ ڊي - پي - آءِ جي پي - اي جي عهدي تي فائز هيو ۽ هن رحلت ۽ اتي ڪئي، جنهن ڪري سندس مزار ڪراچي ۾ آهي - هو شاعر هيو - سندس شعر جو نمونو مٿي ڏيکاريو ويو آهي.

بهاول فقير

هن جو اصل نالو بهاوالدين هيو ۽ شڪارپور جو باشندہ هيو - هو ايڪسائيز انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز هوندو هيو - هو شاعر هيو - سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏيکارجي ٿو. سندس مزار درگاہ شريف تي لٽي جي هيٺان آهي، جنهن جو ذڪر ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهي.

ڪلام بهاول فقير

ٽل - شل نينهن نہ ڪهندا اڪي - ڏاڍي زور نينان دي جهڪي

۱- شاه حسن‌ديان فوجان چڑهيان- ڪات نينان دي ڪيڪر ڪڙيان
ڪير آکون پير هڻڪي-

۲- دل دتارن ڪيتي عشاقان- طرحين طرحين پهر پوشاڪان
سو سو ڏيون ڳڏڪي-

۳- ريڪ نينان دي بيپرواهي- لٽ ڏيندي هن اميري شاهي
ڪاون ماس يتيمان پڏڪي-

۴- جو ڪوئي نال انهاندي اڙيا- سر ڏيوڻ ين مول نه وڙيا
سوليءَ سر تهن لٽڪي-

۵- عاشق ڀهاول سور نه هڻڪن- پتنگ وانگون شمع تي لٽڪن
جت سيف سيني وچ سڏڪي-

—

سر آسا

اي دل هاڻي مان چا ڪريان — پاڻهئي تو نينهن لايو،
ڪهڙي پٽيءَ تون گهيڙ ۾ — پڄئيءَ نه ڪنهنجو رايو،

۱- اوڇتي اڙجي ونيءَ — اڳ پوءِ نه سنياريو،
جنجل ۾ جند اڙائي — پنهنجو تو پاڻ وڃايو- اي دل ..

۲- تجلو حسن ڏيکاري — دلبر ڪيئن مکر چپايو،
پئي پڄ تون پاڻ ۾ — قسمت توکي رلايو- اي دل...

۳- ڏکڻ جا ڏينهن آيا — سورن نه سکر ڏٺايو،
هڻيءَ هڏيءَ تون چوندينءَ ڪنهن کي — پاڻهين تو پاڻ ڦاسايو-

۴- جدا ٿيو جڏ هن جاني — جوش جگر جلايو،
ڏيئي درد دل ۾ دلبر — زڻ ۾ توکي رلايو- اي دل...

۵- وحدت ۾ گم ٿي ڏهاول چئ عڪس نہ ڪنهنجو ڇاڙي،
اهي سور سر تي سهبا- ڪچڻ ڏيو ڪم اجايو- اي دل ..

سهڻي

لهر ڪا مٿي ۽ جي سنيار يار ميهار- سهڻي گهڙي ٿي سير ۾.
۱- ڪوڙن ڪم ڪيڏو ڪيو- ڏوڏ ڪيائون دلدار-
منهنجي لج تہ رکج لجدار- يار ميهار- سهڻي گهڙي...
۲- ڏڙ ۾ ڪُنَ درياه ۾- لهرن جا للهڪار-
واڳهو مڇ بيشمار- يار ميهار- سهڻي گهڙي...
۳- سڏڙا سڻي تون سيگهه ۾- وهلو ورجاءِ پتار-
وچ تہ پئي هان پاتار- يار ميهار- سهڻي گهڙي...
۴- آءٌ تـــان پـــاڻ پتوڙيو- بيوس ٿيس بيڪار-
تنهنجي مدد درڪار- يار ميهار- سهڻي گهڙي...
۵- آءٌ مٿي تان گهوريس- ۾ ڏک اِهو ٿم يار-
ڏار ڏيندس تو ڪان ڏار- يار ميهار- سهڻي گهڙي ..
۶- ڏهاول مست ڪيو- محبت مون کي ميهار-
تن ۾ تنهنجي ٿم تار- يار ميهار- سهڻي گهڙي ٿي سير ۾.

تلنگ

وڃن ٻلهاري وي شاه فراق- تيڏي آوڻ منڻون سڪڙي لڳائي،
وهم پلائي وي شاه فراق.

۱- تيڏي آوڻ پا جهون درد نہ هوندا- منزل درد پچائي- وهم پلائي...
۲- قدر تساڏا عاشق چاڻن- سولي جن سرچائي- وهم پلائي...
۳- درد فراق جنهن وٽ ڏهاول- تنهن وٽ دوست سدائي- وهم پلائي...

—

آغا صوفي

هن جو نالو غلام نبي هيو ۽ شڪارپور جو باشندہ هيو. هو شروعات ۾ خيرپور اسٽيٽ ۾ تعليم کاتي جي وڏي عهدي تي فائز هوندو هيو مگر فقيري خيالات سبب سرڪاري نوڪري ترڪ ڪري حڪمت جو ڪم شروع ڪيو. هو وڏو شاعر ۽ مصنف هوندو هو. سندس ڪلامن جو ڪتاب "سچل سرمست" پهريون هنجو ڇاپيل آهي جو مقبول عام آهي. سندس مزار شڪارپور ۾ آهي.

—

ڪوجهي فقير

سردار بهادر محمد بخش جو اسم گرامي ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. هو حيدرآباد ضلع جو مسلسل پنج سال ڪليڪٽر ٿي رهيو. انهي عرصه اندر هن جيڪي به قومي خواه علمي خدمتون خلوص دل سان سرانجام ڪيون اهن ۽ اسپتالون ۽ علمي اداره قائم ڪيا آهن تن جو ذڪر پيرن خواه رسالن ۾ واضح نموني ۾ ڏيکاريو ويو آهي، مگر جئن جو هن ڪتاب ۾ فقط فقيري ذڪر اذڪار ٿيل آهي تنهن ڪري سندس فقط فقيري زندگي جو مختصر احوال درج ڪيو وڃي ٿو.

مرحوم مغفور پنهنجي والد بزرگوار جي زندگي ۾ بي. اي ۽ فرسٽ ايل. ايل. بي. جو امتحان پاس ڪيو تنهن کان پوءِ سندس والد بزرگوار هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. والد صاحب جي رحلت بعد هن کي گهڻي پريشاني درپيش آئي

جنهن کري هن کي هڪ ڏينهن فقير هادي بخش، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، درگاه شاه دراز شريف ڏانهن وٺي ويو ۽ حضرت سخي قبول محمد سائين دوم جو طالب ڪرايو. هن سخي مرد طالب ڪرڻ شرط هنتي پنهنجي فيض سخا جي پلٽ ڪرڻ فرمائي جنهن کري هو مدهوش ٿي ويو. انهيءَ مدهوشيءَ ۽ مستيءَ ۾ هن کان سڀ ڪم ڪارين ۽ خود ڪائيج بر وسري ويو ۽ اتي درگاه شريف تي ٽي رهي پيو. جڏن سچل سرمست جو ڪلام آهي تہ: "سبق پڑهان، ڪن سڄڻ ڈسان" هو مسلسل پارهن مهينا پنهنجي مرشد جي خدمت اقدس ۾ زهي پيو ۽ ڏاڍيون رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا. مرشد سائين هن تي پيار کان ڪوجهي فقير جو مٹڑو نالو رکيو، تن ڏينهن کان وٺي هو ڪوجهي فقير سڏجڻ لڳو. سندس وطن شڪارپور جا ماڻهو ڪيس نفرت جي نگاه سان ڏسڻ لڳا ۽ طعنا ۽ مهٹا ڏيڻ لڳا تہ فقيري سنگ ۾ رهي هن پنهنجي حياتي برباد ڪري ڇڏي آهي. جڏن جو سچل سرمست جو ڪلام آهي تہ: "طعني مهٹي زينت تنهاندي ــ مور نہ ٹيون کٹيان." سو هيءَ عاشق صادق بہ پنهنجي مرشد جي محبت ۾ ايهي طعنا مهٹا پنهنجي زينت ڪري سمجهڻ لڳو ۽ ڪڏهن بہ ڪنو نہ ٹيو. وقت بہ وقت سندس مرشد ڪيس فرمائيندو ايندو هو "ابا! توکي پنهنجي پيءَ وانگر ڊپٹي ڪنداسون بلڪ اڃان بہ مٿي ڪنداسون." يار رکڻ گهرجي تہ سندس والد بزرگوار ميان الاهي بخش شيخ بہ ڊپٹي ڪليڪٹر هوندو هو.

خير، جڏهن سندس پير مغان ڏٺو تہ هينئر هو عشق جي رنگن ۾ رچي لعل ٹيو آهي تڏهن ڪيس حڪم ڏنائون تہ "ابا هينئر بمبئي وڃي ڪالیج جو پيو سال بہ پورو ڪري اچ." حڪم موجب ايل ايل. بي، پوري ڪري امتحان ڏيڻي وطن ٹي وريو ۽ جڏهن حيدرآباد اسٽيشن ٹپي اڪٹي آيو تہ ڪيس دل ۾ خيال آيو تہ سائين جن ڏانهن ماڻ اچڻ جو خط ڪونہ

لکيو آهي سو ڏرين پر ويڻي ٿي هڪ پني تي احوال لکي ڏرين جي دريءَ کان اچلي چڏيو. راڻيپور اسٽيشن تي ڏرين ۶-۷ بجي پهچندي هئي. پوڻين صبح وقت سائين بادشاه جن اچي خليفه صاحب سيان رسول بخش جي کوئيءَ جو در کڙکايو جو تنهن وقت درگاه شريف تي رهيل هو. خليفه صاحب در کوليو. ڏسي ته سائين جن کي هڪ مبارڪ پر پني جو ٽکرو آهي ۽ کيس فرمائڻ لڳا: "خليفه، صاحب اڄ صبح جو کوجهي فقير ايندو سو هن لاءِ اسٽيشن تي ٽانگو موڪلجانءِ." ٽانگو اسٽيشن تي پهتو فقير صاحب ٽانگي پر چڙهي اچي مرشد مڻي جي قدم بوسي پر حاضر ٿيو. مگر کوجهي فقير انهيءَ سال سيڪنڊ ايل ايل. بي، امتحان پر فيل ٿي پيو.

سائين جن کيس دلداري ڏني ۽ فرمايو ته "وڃي ٻيو سال پڙهه." حڪم موجب سيڪنڊ ايل ايل- بي جو ٻيهر امتحان ڏيڻي ڇڏهن درگاه شريف تي آيو ته سائين جن کيس فرمايو ته اڳين سال توکي پير صالح شاه فيل ڪرايو هو مگر هن سال اسان زوري ڪري بہ توکي پاس ڪنداسون. ياد رکجو گهرجي ته کوجهي فقير جو والد بزرگوار پير صالح شاه سجاده نشين صاحب راڻيپور جو مريد هيو- هن جو پٽهنجي والد جو مرشد چڏي ٻئون مرشد ڪيو تنهن ڪري پير صاحب هنکان رنجيده هوندو هو.

انڪه جي فضل ۽ مرشد جي مهرباني سان هن سال هو امتحان پر ڪامياب ٿيو تڏهن مرشد سائين کيس فرمائڻ لڳو "بس، ابا، هينئر توکي ڊپٽي ڪنداسون، تون هينئر وڃي ڪمشنر سان مل." تنهن وقت سنڌ جو ڪمشنر لارنس صاحب هوندو هيو جو هڪ فياض آفيسر هوندو هو مگر هن کيس نواب شاه جو ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ مقرر ڪيو. جڏهن هن موڪي اچي سائين بادشاه جنکي خبر ڪئي ته سائين جن فرمايو ته "نه، ابا، اسان توکي ڊپٽي ڪنداسون." پراونشل سروس

جو قاعدو هيو تہ جيڪڏهن ڪو اميدوار مختيارڪار جي گريڊ تي مقرر ٿي ويو تہ پوءِ ڪيس سڌي ڊپٽي ڪليڪٽري ڏيڻ ۾ نہ ايندي هئي- تنهن ڪري هن سمجهو تہ خير درجي بدرجي اضافہ ملڻ تي ڪنهن وقت ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي ويندس. خير، هن وچي نواب شاه چارج ورتي. مهيني ڏيڍ ڪانپوءِ ساڳي عهدي تي دادو بدلي ٿيو. دادو جي ڪليڪٽر صاحب ڪيس پنهنجن دوستن ڏانهن خط لکي ڏنا تہ اهي بمبئي ڪٽي وڃ تہ هو توکي ڊپٽي ڪليڪٽري جو عهدو وٺي ڏيندا. هو اهي سفارشي خط ڪٽي بمبئي لاءِ سنيري نڪتو ۽ اچي وچ درگاه شريف تي لٿو. اڃان سائين جن سان حالي احوالي ڪونہ ٿيو هو تہ سائين بادشاه جن گاجي فقير ڪي گهرائي هنکي فرمايو تہ ڪوجهي فقير جي ڪوٺيءَ ڏي وڃ ۽ هيءَ لفظ چئي يڪدم موٽي اچ تہ "جن جو الله تي آسرو هوندو آهي، سي بندن جا محتاج نہ ٿيندا آهن." گاجي فقير اهي لفظ چئي هليو ويو. هن گاجي فقير کي سڏيو تہ فقير اها گالهہ تہ سمجهاءِ تہ ڇا آهي؟ مگر فقير رمندو رهيو. آخر هو اچي سائين جو قدم بوس ٿيو مگر آتي تہ انهيءَ موضوع تي ڪوبہ گفتگو ڪونہ ٿيو. خير، هو سائين جن کان موڪلائي دادو موٽي آيو ۽ اچي ڪليڪٽر کي سندس ليٽر موڪائي ڏنا. ڪليڪٽر هنکي گهٽو سمجهايو مگر هن نہ مڃيو ۽ رضا تي راضي ٿي الله ۽ مرشد تي آسرو رکي ويهي رهيو. ٽورن ڏينهن بعد لارينس صاحب ازخود گورنمينٽ ۾ رپورٽ ڪئي تہ هن کي لوئر گريڊ فقط ٽريننگ طور ڏنو ويو آهي تنهن ڪري هو سڌي پوسٽ ڊپٽي ڪليڪٽري جي لاءِ خارج ٿي نٿو سگهي ۽ هن کي سڌي ڊپٽي ڪليڪٽري ڏني وڃي. الله ۽ مرشد جي مهرباني سان هنکي سڌي جاءِ ڊپٽي ڪليڪٽري جي ملي ۽ هالا ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو.

جڏن جو هو بمبئين مسلمان آفيسر هيو جو هالا ڊويزن

تي ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو تنهن ڪري حيدرآباد جي عاملن هنجي سخت مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. هنن درخواستون ڪيون تہ هو وقت بوقت درازن پچي ٿو وڃي ۽ مرشد جي چئين تي ڪم کندو ٿو رهي. هو هڪ دفع جڏهن درگاہ شريف تي آيو تہ سائين جن کيس فرمايو تہ "ابا! تون کو فکر نہ ڪر اهي سيٽي اسان توکي مريد ڪري ڏينداسون". هن ڪامل اڪمل جي فرمان مطابق پهريون مريدي جو سلسلہ راءِ بهادر جگت سنگهہ جي فئملي کان شروع ٿيو. پوءِ تہ ذات حيدرآبادي عامل هن جا مطيع ٿي وبا ۽ سڀ هنجي معرفت درگاہ شريف تي اچڻ لڳا. حيدرآباد جي ماڻهن لاءِ خاص سائيجن هڪ وڏي لانڊي درگاہ شريف تي ٺهرائي جا حيدرآباد ين جي لانڊي جي نالي سان مشهور هئي. اهڙي دستور مرشد کيس حيدرآباد جو نواب بڻائي چڏيو.

هڪ دفع جو ذڪر آهي تہ درگاہ شريف کان جي ہ فقير ايندا هيا تہ پريان ٿي اچي پٽيوالن کان پڇندا هوا تہ ڪوجهي فقير ويٺو آهي؟ پٽيوالن کي اها گاله ناگوار لڳندي هئي تن هڪ دفعي مؤلف کي چيو (مؤلف وٽس گهڻو ويندو هيو) تہ صاحب کي چئو تہ فقيرن کي هدايت ڪري چڏي تہ اچي فضيلت سان گفتگو ڪن. کيترا معزز ملاقاتي ويٺا ٿا رهن تہ انهن جي روبرو اچي ٿا فقير، فقير ڪن. مان هڪ دفع موقع وٺي کيس پٽيوالن جي اعتراض کان آگاہ ڪيو. پاڻ مشڪي فرمايائين تہ "پٽيوالا بيوقوف آهن. صاحب- صاحب- تہ سيٽي ٿا سڏن مگر اهڙو ماڻهو ہ تہ ضرور هجي جو مون کي پنهن جي مرشد جي رکيل مڙئي نالي سان اچي سڏي."

هن عاشق صادق جون ڪهاڻيون تہ گهڻيون آهن ۽ خود سندس شخصي ڪرامتون ہ ڪيتريون آهن مگر ڪتاب جي طويل ٿي وڃڻ سبب ڏيکاري نٿيون سگهجن.

آخر ۾ هن جي فقيري رهت بابت مختصر حقيقتون

ڏ ڪارجن ٿيون. مرحوم مغفور روشن ضمير ۽ صاحب دل فقير هو. منجهس خلق محمدي ڪمال درجہ جو هوندو هيو. صوم و صلوات جي پابندي ۽ شب بيداري هنجو شيوه هوندو هيو. ڏينهن جي ايترين مصروفيات جي باوجود ٻ رات جو هڪ پڇي ڏاري اٿي تهجد جي نماز پڙهي الله جي ذڪر ۾ مشغول رهندو هو ۽ هميشه سورة مزمل پڙهي پڏائيندو هيو جنهن ۾ الله تعالىٰ جو حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم ڏانهن فرمان آيل هو: "اي چادر ۾ ويڙهيل آ، اڌ رات کان ڪجهہ اڳ يا، پوءِ قرآن ٿاهي ٿاهي پڙهہ وغيره" رمضان شريف جي فرضي روزن جي علاوه هر هفتي جمع ۽ سومر تي ٻ روزا بلا ناغہ رکندو ايندو هو ۽ هميشه عشق الاهي ۾ مستغرق رهندو هو. اهو اداره ٻ مرشد جي اجازت سان شروع ڪيو ٻڌائين. خرچ جي باري ۾ سائيجن فرمائيندا هئا تہ "ابا! ڏين وڃي خرچ هلاءِ، اسان تنهنجي بانڪ (بئنڪ) آهيون".

فقيري نقط نگاه کان هن کي فنافي الشيخ ۽ فنا في الرسول جو اعليٰ رتبہ عطا ٿيل هو. هن جي دعا درگاه ايزدي ۾ مستجاب ٿيندڙ هئي، جنهن ڪري اڪثر طالب پنهن جي حاجت روائي لاءِ هن کان دعاپيندا هيا. آواز ڪلام هن جي روح جي غذا هوندي هئي تنهن ڪري بلا ناغہ صبح ۽ شام هن وٽ چونڪي ٿيندي هئي ۽ چونڪي ۾ اڪثر ڪري حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي نعت پڙهي ويندي هئي.

هو پاڻ خود شاعر هيو. شعر ۾ سندس تخلص ڪوجهي ڪم آندل هوندو هو حالانڪ مرشد هن کي سهڻي ٻڌائي چڏيو هو. حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي نعت ۾ هنجا ڪيترا ڪلام چيل آهن. از آن سواءِ امام العاشقين حضرت علي المرتضىٰ ۽ حضرت محبوب سبحاني غوث محي الدين جيلاني جي شان ۾ ٻہ شعر چيل آهي. مطلب تہ هن چوڏ هين صديءَ ۾ لاثاني فقير

هو. موجوده سجاده نشين صاحب هن کي سچل سرمست جي دستار بڌائي خليفہ اعظم جو خطاب عطا فرمايو هو.

هن تاريخ ۲۳ سيپٽمبر ۱۹۵۹ع تي ابدي وصال ماڻيو. هن جي سندس محبوب درس‌گاه جي قريب اعلىٰ درگاه ٺهيل آهي. سندس مزار پر انوار تي اڄان ب صبح و شام چونڪي ٿيندي رهي ٿي.

إنا الله و انا اليه راجعون .

کلام کوجهي فقير

نعت

کل نبيان دا سرتاج محمد — بحر عرف امواج محمد
" قاب قوسين او ادنىٰ " — شرف شب معراج محمد
امت تيري کيون غم کاوے — جس‌دي تيکون لاج محمد
سچل کون غم کوئي ناهين — کيتا لايحتاج محمد

—

کافي

ٽل- تون آن منهنجو سائين ووسائين- ٻاتر پاند ڪچيءَ ۾ ڪڙو
۱- طرفان تنهنجي يار پيارا- کانگ اچن من کائين ووکائين
۲- نانءَ مولىٰ جي مهر پوئي کا - ٿورا مونتي لائين وولائين
۳- روز ازل کان تنهنجي آهيان- غير نہ سونکي پائين وو پائين
۴- هکري ساعت اڳئ سچل جي- پير مبارک پائين وو پائين .

—

کافي

ٽل- ننگڑا نماڻي دا - جيوين تيوين پالٹا
۱- ميري آهيان مندي آهيان — بيشک سان گندي آهيان
ڏکين ميڏا ڏولٹا — ميري عيب نہ ڦولٹا

۲- پئي هـــان پنـــاري — لـــڳس تنهن جي لاري
جو ڪـــيءَ نال چالڻـــا — ول نهين جـــاوڙـــا
۳- يـــار سچل تـــان — لاهـــين ڪـــشالـــي
گهونـــگهٽ کـــولڻا — پـــهه پـــهه ڏ — ولڻا.

—

ٽل- ڄاڃهه ڀريا ڄاجهارا - من ۾ ڪا ڄاجهه پويئي ،
من ۾ ڪا ڄاجهه پَوئي- شال سدا شاهي وسئي.
۹- سنگـــ نه سياپو ساهيان - از لئون گولي آهيان
ياند ڪچيءَ ڪل پايان - من ۾ ڪا ڪهل پَوئي.
۲- ڏوه ڪيا تُم باري - تو بهه تو در زاري
نيئ وهن ٽا جاري - من ۾ ڪو ترس پَوئي.
۳- درد هجر جو ٽار يو - واڳـــ وصل جي وار يو
ڳٽين تنهنجن ڳار يو - من ، ڪو رحم پَوئي.
۴- شال جواني ماڻين - پيهه پرين اڄ پانڻين
روز پئي هيءَ ڀاڏائي - من ۾ ڪا مهر پَوئي.
۵- ڪوڇهي توڙي ڪاري - لال تنهن جي لاري
ساجن ڪر سرداري - من ۾ ڪو قياس پَوئي.

—

ٽل- سخي حسن حسين امام ڏونهين- هن مولا علي دي پهلوان ڏونهين.
۱- وحي جُهولا خاص جُهليندا هڻ- ڏاڍي پيار ڪنون پر چيندا هڻ
نبي آپ ڪُون مهري بنيدا هڻ- آتي چڙ هندي ڏُٺم سلطان ڏونهين.
۲- ڪر ياد هميشه علي حيدر ڪُون- جهن فتح ڪيتا ڪوٽ خيبر ڪُون
ڏ يندا مال خزانه بي زر ڪُون - پڙه ڪول حديث قران ڏ ونهين.
۳- هڪ زهر پيتا ڏاڍي پيار ڪُون- بي تير جهليا ستمگار ڪنُون
نڪلي آه ساري سنسار ڪنون- رڄ روئيندي زمين آسمان ڏ ونهين.
۴- سچو درد شهيدان داڏارين تون - سچي سڪ سوز الله نُون سڏاوين تون
اتي محبت عشق مچاوين تون- ڪر ساه سسي قربان ڏونهين.

—

درگاه جو ديدار فرحت آثار

(ڪن اهم جاين جو تعارف)

۱- پلصراط

حضرت خواجہ محمد حافظ پنهنجي دور ۾ هڪ پلصراط ٺهرائي هئي، جنهن لاءِ سندس فرمان هي ته جيڪو به هن پلصراط تان لنگهندو تنهن تان اڳين پلصراط معاف آهي. اها پلصراط روضي مبارڪ جي اولهه طرف ڪان ٽهيل آهي.

۲- بهشتي دروازو

هي دروازو ۽ خواجہ صاحب ٺهرايو هو جنهن لاءِ سندس فرمان آهي ته جيڪو به هن دروازي مان لنگهندو سو حقيقي بهشت جي دروازه اندر لنگهڻ جو مستحق ٿيندو. هيءَ دروازو روضي مبارڪ جي اولهه طرف ڪان ٽهيل هو مگر پراڻو ٿي ويو هو، جنهنڪري حضرت سخي قبول محمد ثاڻين دوم مرمت ڪرايو هيو مگر هينئر منهدم ٿي ويل آهي.

۳- ڪوهي

هنڪي آب زم زم جي ڪوهي سڏيو وڃي ٿو.
هن جو ذڪر ڪتاب ۾ نرواريءَ سان ڏيڪاريل آهي.

۴- تخت مبارڪ

اهو تخت انهيءَ پاڪ جاءِ تي ٽهيل آهي جتي حضرت خواجہ محمد حافظ چاليهه چاليها ڪڍيا هيا. هن جو ذڪر ۽ هن ڪتاب ۾ ڏيڪاريل آهي.

۵- طور سينا

حضرت خواجہ نظر محمد هڪ ٽلهو تعمير ڪرايو هو

جنهن تي پاڻ ويهي ڪچهري ڪندو هو. انهيءَ کي اها تشبيه ڏني آهي ته جئن حضرت موسيٰ ڪليم‌الله طور سينا جي واديءَ تي ويهي رب پاڪ سان ڪلام ڪندو هو تئن پاڻ به رب پاڪ ڏانهن متوجه ٿيندو هو. هينئر سندس مزار مبارڪ به آتي ٺهيل آهي جنهنکي طور سينا وارو روضه سڏيو وڃي ٿو.

۶- مسند

هي مسند مسجد شريف جي ايوان ۾ ٺهيل آهي ۽ ساڳي مسند مسجد جي اولهه طرف کان محراب جي پٺيان ٺهيل آهي جنهن تي حضرت خواجه محمد حافظ ويهي ڪچهري ڪندو هو. صبح جي ٽائيم جو اولهه طرف واري مسند تي ڪچهري ڪندو هو ۽ شام جو مسجد جي ايوان واريءَ مسند تي ڪچهري ڪندو هو.

مسجد شريف جي ايوان واريءَ مسند تي اچان تائين ختم واري وقت سيڻي وقت جا سجاده نشين صاحب اچي وهندا ايندا آهن.

روضي مبارڪ جي زيارت فيض بشارت

درگاه مبارڪ ۾ وارد ٿيڻ سان پهريون ننڍو روضه مبارڪ نظر ايندو جنهنکي طور سينا جو روضه سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ ۾ وارد ٿيڻ سان پهرين مزار شريف خواجه نظر محمد سجاده نشين نمبر چوٿين جي آهي ۽ پي مزار شريف خواجه محمد غوث ولد سخي قبول محمد اول جي آهي.

طور سينا ۽ وڏي روضي مبارڪ جي درميان رستي جي ڏکڻ طرف کان آخوند عبدالله جي مزار شريف سائي ڪاشيءَ سان ٺهيل آهي، جو سچل سرمست جو استاد هو. اتر طرف کان ميان محمد مراد ولد سائين صاحبڏنو دوم جي مزار آهي.

وڏي روضہ جي دروازہ جي ٻاهران سڄي هٿ طرف حضرت خواجہ صلاح‌الدين جي مزار مبارڪ آهي جنهن لاءِ ذڪر آيل آهي تہ سوالي روضہ مبارڪ ۾ وارد ٿيو ڪان اڳ ساڻين صلاح‌الدين جو سلام ڏيري دعا ڀني.

وڏو روضہ مبارڪ-

صف ڀهرين ۾ هيٺين موجب مزارن جو سلسلہ ڏيکاريل آهي:

١- مزار شريف حضرت خواجہ عبدالحق سجاده نشين نمبر ٢

٢- مزار شريف حضرت خواجہ محمد حافظ سجاده نشين نمبر ١

٣- مزار شريف حضرت خواجہ زين‌العابدين خلف خواجہ عبدالحق-

٤- مزار شريف حضرت سچل سرمست عليہ العشق جنهن جي مٿان دستار مبارڪ آهي.

٥- مزار شريف حضرت سخي قبول محمد اول سجاده نشين نمبر ٣

نوٽ- سجاده نشين نمبر چوٿين جي مزار شريف طور سيتا واري روضہ مبارڪ ۾ آهي-

صف ڇي شروع اولهہ طرف کان-

٦- مزار شريف حضرت خواجہ نجم‌الدين سجاده نشين نمبر ٥-

٧- مزار شريف حضرت خواجہ محمد بچل خلف حضرت سخي قبول محمد دوم-

٨- مزار شريف سلطان‌العاشقين حضرت سخي قبول محمد دوم سجاده نشين نمبر ٦-

٩- مزار شريف ساڻين سرور علي خلف خواجہ محمد غوث-

١٠- مزار شريف ساڻين مظهر علي خلف خواجہ محمد غوث-

١١- ڀهرين صف جي سري ۾ آتر طرف کان مزار شريف ساڻين صاحبڏنہ دوم سجاده نشين نمبر ٧-

صحت نامه

صفحه	سٽ	غلط	صحيح
١	٤	جي	ڪن
٥	٥	ٽيندي	سڏندي
٦	١١	عاشق حد	عاشق حق
١٠	٢٢	وڏي مهم	وڏي معما
١٨	٢٠ (بيت٢)	شاءَ	ڏاءَ
١٩	١٠ (ڪافي)	شوقن	شوخن
١٩	١١ (ڪافي)	چلي چلي	ڏلي ڏلي
٢٠	٨ (ڪلام)	يضع الله	يضيع الله
٢٠	١	آئي	آهي
٢٠	١	توءَ	ڏوءَ
٢٢	١	سهرت	شهرت
٢٢	١١	علي مردان	علي‌مراد
٢٢	١٢	سر مسڪ	سرمست
٢٣	١٠	جد امد	جد امجد
٢٣	١٢	قصور آهي	قصور نہ آهي
٢٤	٢	ننگو	ننگي
٢٥	١٤	پنهنجن	پنهنجي
٢٧	٣	ڪان هوءَ	ڪان سواءَ
٢٩	٦	شڪرالو	شڪرانو
٣٠	٩	گڻي	ڪڻي
٣٢	٨	مان	×
٣٢	١٨	بزرگوار	والد بزرگوار
٣٣	١٣ (ڪافي)	سچل و بندا	سچل وسندا

صفحہ	سطر	غلط	صحیح
۳۴	۵	سچي گالھ	سچي گالھ،
۴۱	۱	رچواي	وچولي
۴۲	۲۲	بري	ٻري
۴۴	۳	لاتم	لاٿم
۴۴	۱۰	هنر سکيا سي	هنر نہ سکيا سي
۴۵	۴	سير صاحبن	ميو صاحبن
۵۷	۲۰ (قتل نامہ)	معشوقان	مل معشوقان
۵۸	۸ (جھولڻو)	ماري	مادي
۵۹	۱۷	طالبات	طالبان
۶۰	۱۷	او صد	او صدا
۷۰	۱۱	نرسن	فرقان
۷۳	۱۵	ٹوند و	ٹيلند و
۷۵	۲۷	فقيرغير حاضر	فقيرجي غيرحاضر
۸۳	۱۱ (کلام)	عشقن جو	عاشقن جو
۸۴	۵ (کلام)	دل چوان	حال چوان
۸۶	۳ (کلام)	يار حسن	يار حسن
۸۶	۸ (کلام)	اند ميں	اندر مين
۸۸	۱۷	وچڻ	وڻڻ
۸۹	۱۲	آيو آهي	و يو هو
۹۱	۱۶	نکن اقرب	ونحن اقرب
۹۱	۱۹	مرتضيٰ عليہ	مرتضيٰ علي
۹۱	۲۲	آهي	آهن
۹۴	۱۰	محب ڈيڻ	محب ڈين

صفحہ	سطر	غلط	صحیح
۱۰۲	۵	گویم	گوید
۱۰۲	۷	مراقب	مراتب
۱۰۹	۱	وء	بوء
۱۱۱	پوئین	اجا	آها
۱۲۲	۱۰ (کافي)	شامسخي	شاه سخي
۱۲۴	۱۰	سیکار	سیکازیو
۱۲۵	۴	سر مست	سرمست
۱۲۵	۵ (اردو کلام)	کہاہ	کہا ہے
۱۲۶	۱۲	رخسان	رهسان
۱۲۶	۱۴	جا	×
۱۲۷	۷	بر بحر	بر بحر
۱۲۸	۵ (تشبیه)	يد ر	پدر
۱۳۰	۳	راشي ۽ کاشي	راشي ۽ خاشي
۱۳۹	۶	ناري آهيان	ناري ناهيان
۱۴۰	۲۷	طور سنا	طور سینا

فهرست مضامين

جريان نمبر	مضمون	صفحہ
-١	سرمست درازي جو اصل نسل	٢
-٢	ولادت خواجہ محمد حافظ	٤
-٣	سوانح حيات خواجہ عبدالحق	٢١
-٤	سوانح حيات سخي قبول محمد اول	٢٨
-٥	تولد سچل سرمست	٣١
-٦	فقير نانک يوسف	٤٣
-٧	فيض صديقي	١٥٦
-٨	فيض فاروقي	١٥٨
-٩	داتا گنج بخش	١٦٩
-١٠	سخي قبول محمد دوم	١٧٦
-١١	احمد علي فقير ۽ ٻيا	١٨٤
-١٢	ڪوجهي فقير	١٩٠
-١٣	درگاه جو ديدار فرحت آثار	١٩٨

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.